سنڌي لوڪ ادب

ترتيب: ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي

سنڌي لوڪ ادب

سنڌي لوڪ ادب

ترتيب:

ڊاڪٽر ٻلديو ٻختراءِ مٽلاڻي

ڊپارٽمينٽ آف سنڌي

يونيورسٽي آف ممبئي

ممبئي

انتساب

نهايت ئي تعظيم ۽ احترام وچان،
انتهائي عقيدت ۽ اکير مان،
اُستاد محترم، برصغير هند جي
اعليٰ سنڌي اديب، ڪوجنيڪ ۽ ماهر لسانيات،
پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب
جي نالي، جنهن جي راهنمائي، شفقت ۽ صحبت،
ناچيز ڪي زندگيءَ جي هر اونداهي واٽ ۾،
روشني بخشيندي آهي!

- ٻلديو مٽلاڻي

سنڌي لوڪ ادب

(تحقيقي مضمون)

ترتيب : ڊاڪٽر بلديو مٽلاڻي

چاپو پهريون: نومبر ١٩٩٨ع

ڊپارٽمينٽ آف سنڌي
يونيورسٽي آف ممبئي
وديا نگري ڪيمپس
سانتاڪروز (ايسٽ) ممبئي-٩٨

قيمت: ٦٠ روپيه

SINDHI LOK ADAB

(SINDHI FOLK LITRATURE)

Research Essays

Compiled By : DR. BALDEV B. MATLANI

First Edition : November 1998

Price: Rs. 60

Cover Design: RAM LALCHANDANI

PRINTERS : ART SPOT,

212, ALLIED IND.ESTATE,
MAHIM, MUMBAI-400 016.
Tel.: 4465972-4464134

DEPARTMENT OF SINDHI
UNIVERSITY OF MUMBAI
VIDYANGARI CAMPUS
SANTACRUZ (EAST),MUMBAI- 400 098
Tel- 0091-022-6113091 EXT. 346/469

مهاڳ

اڄوڪي دور ۾ ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ، ويندي اُهي جاگرافيائي ماڳ، جتي سنڌي ڪافي وڏي تعداد ۾ رهن ٿا؛ اُتي به سنڌيءَ ٻوليءَ جو واهپو روز بروز گهٽبو پيو وڃي. جڏهن ڳالهائڻ واري منزل يا آپسي رابطو قائم ڪرڻ لاءِ به سنڌي سڄڻ پاڻ ئي سنڌي ٻوليءَ کي الوداع پيا ڪن؛ تڏهن تعليمي ادارن ۾ خاص ڪري اعليٰ تعليم لاءِ ته اڃا به وڏيڪ تڪليف ده حالتون پيدا ٿيو وڃن! ڀارت ۾ رهندڙ سنڌين ۾ سنڌي ٻوليءَ سان به عجيب اِتفاق رهيو آهي. پنجاه سال اڳ جڏهن اسين پريشاه حال صرف زندگيءَ جي ضروري ساڌنن لاءِ هٿ پير هڻي رهيا هئاسين، تڏهن به اسان جي پاڻ ۾ Communicating Inaguage سنڌي هئي. نه صرف ڳالهائڻ، پر اهڙي ڪٺن دور ۾ به بهترين سنڌي ادب جو سرجڻ پئي ٿيو. هينئر ڏٺي پاڪ جي مهر سان جڏهن اسين معاشي طور بلڪل آسودا آهيون ته اسان جي ڪيترن پنهنجن سنڌي سڀاڄهن ئي سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي پنهنجي گهر جي چوديواريءَ اندر ڪڙهڻ شروع ڪيو آهي.

اڄ جو يگ Sattelite Age آهي. هينئر ڌرتي ته پوري به ڏاڍي ننڍي ٿيندي پيئي وڃي. اهڙي صورت ۾ منهنجي دل ۾ ڪيتري وقت کان ويچار ايندو هيو ته سنڌي ٻولي ۽ ادب جي Survival لاءِ اسين دنيا جا سڀ سنڌي ڳالهائيندڙ پاڻ ۾ يڪمشت ٿيون! جنهن لاءِ سڀ کان اول شروعات پاڻ کي، پهرئين سنڌ سان ڳنڍيندي ئي ڪري سگهجي ٿي! اِهو منهنجي زندگيءَ جو حسين اتفاق آهي جو آءٌ ايم. اي. (سنڌي) تائين تعليم، سنڌ يونيورسٽيءَ مان ورتي ۽ بعد ۾ ڀارت اچي معاشي جدوجهد جو مقابلو ڪرڻو پيو. مونکي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي هر اُستاد، سنڌ، هند توڙي دنيا جي ڪهڙي به خطي ۾ رهندڙ هجي؛ ان لاءِ بيحد عزت آهي. خاص ڪري سنڌيءَ جا ناميارا اديب، جي سنڌ ۾ پنهنجي هرهڪ گهڙيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ ڪوشان رهن ٿا؛ اسان لاءِ ضروري آهي ته هينئر اسين پاڻ کي اُنهن سان جوڙي رکون.

فهرست

صفحو

تي ڊاڪٽر صاحب جي واپسيءَ جو ڏينهن اچي مٿان پيو. ايئرپورٽ تي الوداع ڪرڻ مهل اهڙو ته عجيب عالم هئو جو ڪائنس مليل پيار، شفقت ۽ پنهنجائپ جي نتيجي ۾ سائن موڪلائيندي تمام اکيون وڇوڙي جي غم ڪان آلوده هيون!

موجوده ڪتاب ۾، ’سنڌي لوڪ ادب‘ سيمينار ۾ پيش ڪيل ٽيئي مقالا ڏنل آهن. ڊاڪٽر غلام علي الانا جو پيپر آهي ’سنڌ ۾ لوڪ ادب تي ڪيل تحقيق جو جائزو‘. سائين جن، انتهائي عالمانه انداز ۾ ان پيپر کي ١٥- جدا جدا حصن ۾ ورهايو آهي ته جيئن موضوع کي چڱي طرح ۽ باريڪ بينيءَ سان واضح ڪري سگهجي. پيپر پڙهندي، پاڻ، سچ پچ هڪ نئين دنيا جا سير پيو ڪري. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي تمام ڄاڻ، علم ۽ فهم جو اهڙي ته دلچسپ پيرايه ۾ مظاهرو ڪيو آهي جو پڙهندڙ پاڻ کي ورثيدار وشيه جي ماضي، حال ۽ مستقبل ۾ بلڪل ساڪشات گهمندي محسوس ڪري ٿو. لوڪ ادب جي وصف ۽ اُن جي صنفن کي سمجهڻ لاءِ نه صرف هند، سنڌ جي اديبن ۽ محقق حضرات، بلڪ ’انسائيڪلوپيڊيا آف آميريڪانا‘ ۽ اهڙن ٻين ڪيترن ئي ضروري وسائل کي پڻ ڊاڪٽر صاحب پنهنجي تيز بين نظر سان جاچي ڏنو آهي. هوُ بلڪل صاف لفظن ۾ سمجهائيندي لکن ٿا ته:

”” ”سنڌي لوڪ ادب“ سنڌي عوام جي مزاج جو آئينو آهي. سنڌ جو ”لوڪ ادب“، سنڌ جي عوام جي روزانه زندگي، تهذيب ۽ تمدن، اُٿي ويهڻي، ريتين رسمن ۽ ثقافت جو سرمايو آهي.... انساني جيوت ۽ سماج جي هر شعبي جو بيان هن علم جي صنفن ۾ عام طور نظر ايندو آهي.....““

’لوڪ ادب‘ جي سمجهاڻي ڏيندي اهو پڻ واضح ڪيو ويو آهي ته اهو ماڻهن ۾ مقبول هئڻ گهرجي، جنهن ۾ ڪنهن به شاعر جو نالو يا تخلص ڪم آندل نه هجي؛ ۽ جيڪو ادب زمانه قديم کان وٺي، عوام ۾ پيڙهي به پيڙهي، هڪ سگهڙ ۽ سياڻي کان،

گذريل تعليمي سال ۹۸-۱۹۹۷ع ۾ ممبئي يونيورسٽيءَ جي سنڌي وڀاڱ طرفان راقم الحروف جو ترجمو ’فن تحقيق ۽ اُن جا اصول‘ يونيورسٽيءَ جي پهرئين سنڌي پبليڪيشن طور شايع ٿي رهيو هيو. آءٌ پنهنجي دل جي پاڪ جذبي جي پيش نظر اُهو مسودو، مهاڳ لاءِ سنڌ ۾ پنهنجي اُستاد محترم، هند سنڌ جي مڃيل اديب ۽ محقق پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جن ڏانهن موڪلي ڏنو. منهنجي خوشيءَ جي حد نہ رهي جڏهن ڊاڪٽر صاحب جن ۱۶ صفحن جو تفصيلاتي مهاڳ لکي موڪليو ۽ مونکي بيحد اُتساهہ بخشيو. جنهن بعد آءٌ ڊاڪٽر صاحب جن سان برابر رابطو قائم رکندو آيم ۽ چاهيو پئي تہ سيپٽمبر ۱۹۹۷ع ۾ ممبئي يونيورسٽي اندر هڪ اهڙو شاندار سيمينار ڪيو وڃي؛ جتي محدود مالي وسائل جي باوجود بہ آءٌ سنڌ ۽ هند جي اديبن کي پاڻ ۾ ڳنڍي سگهان ۽ تهذيبي، ثقافتي، علمي ۽ ادبي ميدان ۾ هڪ نئين دور جو آغار ڪري سگهان!

اُن لاءِ شروعءَ ۾ سيپٽمبر ۱۹۹۷ع ۾ ’سنڌي لوڪ ادب‘ سيمينار منعقد ڪرڻ جو پروگرام رٿيو ويو هيو ۽ سائين ڊاڪٽر الانا صاحب کان اُن ۾ شرڪت لاءِ قبوليت بہ ورتل هئي؛ پر ڪجهہ ناگزير وجوهات سبب اُهو سيمينار ڊسمبر ۾ آيوجت ڪرڻو پيو. تمام سرڪاري ڪننائين جي باوجود اسين پنهنجي اِن پوتر ڪوشش ۾ ڪامياب وياسين ۽ ۳۰ نومبر ۱۹۹۷ع تي ممبئي يونيورسٽيءَ جي نينڊ تي ڊاڪٽر الانا صاحب هند ۾ پڌاريا. مون کي اڄ بہ ياد آهي تہ اُن ڏينهن سهار ايئرپورٽ تي ڪيترن ئي اديبن ۽ دوستن، ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جن جو گرمجوش استقبال ڪيو هيو. ٻہ ڏينهن پوءِ ۲ ڊسمبر ۱۹۹۷ع تي يونيورسٽيءَ جي ڪلب هائوس آڊيٽوريم ۾ ’سنڌي لوڪ ادب‘ سيمينار ۾ سائين جن پنهنجو يادگار پيپر پڙهيو. انهن سان گڏ دهليءَ مان آيل ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ۽ پاڻ هيرو ٺڪر طرفان پڻ پيش ڪيل پيپرن کي سيمينار ۾ بيحد ساراهيو ويو! اجا ڪجهہ ڏينهن ئي پنهنجي اُستاد، ڊاڪٽر الانا صاحب جي قربت ۽ صحبت جو فيض مليو تہ ۱۰ ڊسمبر

آڏواڻي، ڪيولرام سلامتراءِ ۽ ڪجھ ٻين حضرات ڪان مليل سنڌ جي تاريخي، نيم تاريخي، عشقيہ ۽ نيم عشقيہ داستانن کي انگريزيءَ ۾ ڪيئن لکيو ويو ۽ ڏيهي اديبن طرفان لوڪ ادب جي صنفن: قصا، آکاڻيون، داستان، ڳجھارتون ۽ پهاڪن کي پڻ بحث ڪندي سمجھايل آهي. الانا صاحب جتي انفرادي شخصن کي ياد ڪيو آهي، اُتي ئي ڪجھ اِدارن جهڙوڪ 'سنڌي ادبي بورڊ' ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي 'لوڪ ادب مرڪزي آفيس' جي ڪوششن کي پڻ ساراهيو آهي.

لوڪ ادب جي صنفن ۾ سينگار جي شاعري، ڏهس ناما، هنر، ڳجھارتون، پروليون، ڏنون، لوڪ گيت، ڳاهون، ڏور، ڳيچ، ريتيون رسمون ۽ مناظرا: تنهن ڪانسواءِ لوڪ ڪهاڻيون، قصا، داستان، پهاڪا ۽ چوڻيون (نثريہ لوڪ ادب)، انهن مان هر صنف تي سنڌ جي سگهڙن، سياڻن ۽ محققن ڪيترو وڏو ڪم ڪيو آهي: اِهو سڀ اهڙي تہ فطري نموني ٻڌايل آهي جو سچ پچ لابارن ڪانپوءِ ڪرن تي گڏ ڪيل ول تي وينل ڪمدار ۽ ڪاراوان سياري جي موسم ۾ باھ جي مچ چوڌاري ڪچهريون ڪندا پيا نظر اچن!

ڊاڪٽر الانا صاحب، سنڌي لوڪ ادب ۾ ڪم ايندڙ ٻوليءَ تي پڻ قابل قدر نظرثاني ڪئي آهي تہ اُها اسان جي لغت جي اڻ ڳڻ ڳاڻ آهي، جنهن ۾ عام فهم زبان، اصطلاح، محاورا ۽ پهاڪا بلڪل فطري طور ڪم آندل هوندا آهن. ڊاڪٽر بلوچ جي 'ٻيلاين جا ٻول' جو حوالو ڏيندي ڪيترو نہ ٺُز لفظن ۾ ٻڌايل آهي:

> ""هر پاڳي جي شاعر پنهنجي ٻوليءَ کي شعر جي مانيءَ ۾ ولوڙيو آهي، ۽ ڪيترن ئي نون ۽ انوکن لفظن کي مکڻ جي ڦٽين مثل پنهنجي ڪٽي مٿي جهڻ ڳاڏئون پارکن جي آڏو پيش ڪيو آهي. جيڪڏهن ملڪ جي هر ونهيين ولوڙيندڙ شاعر ونان، انهيءَ مهي ۽ جهڻ جي ورچ وڏ ڇجي تہ هوند لفظن ۽ لغت جي گيھ مکڻ جا ڍگ لڳي وڃن،

هئي سگهڙ ۽ سياڻي کي ملندو رهيو هجي.

’لوڪ ادب‘ جي اِن کان وڌيڪ وصف ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي! ڪيڏي نہ فلسفيانہ ۽ منطقي ڍنگ ۾ عالمن جا حوالا ڏيندي لوڪ ادب کي صحيح ۽ ڪليل نموني سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيل آهي. ڊاڪٽر صاحب جو پيپر پڙهندي بلڪل واضح ٿي بيهي ٿو تہ پهرئين تہ اِهو طئہ ڪري وٺون تہ ڪهڙو ادب ’لوڪ ادب‘ جي دائري هيٺ اچي ٿو.

اُن کانپوءِ ڊاڪٽر الانا صاحب لوڪ ادب جي ذخيري جا قديم آثار ۽ اُهڃاڻ سنڌ ۾ ڪڏهن کان ملن ٿا، اُن لاءِ دنيا جي عالمن ۽ ماهر لسانيات جو ذڪر ڪندي رگ ويد مان مثال ڏنا آهن. آرين کان پوءِ سنڌو ماٿر تي ايرانين، يونانين ۽ سٿين وغيره جو قبضو پنجين عيسوي صديءَ ڏاري راءِ گهراڻي جي حڪومت دوران، البيروني (١٠١٧ع- ١٠٣١ع) جو حوالو ڏيئي سنڌي سن ۽ جاحظ (٨٦٣ع) طرفان سنڌي لوڪ ادب جي صنفن، راڳ، ناچ ۽ راڳ جي سازن جي ڄاڻ ڏيندي بهترين روشني وڌي ويئي آهي. سنڌ جي ڌرتيءَ تي لوڪ ادب جي ميدان تي ڪجھ ٻين محققن، جهڙوڪ: محترم الله بچايو سمو، سيد عبدالحسين شاهہ موسوي، محمد ابراهيم عباسي، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد ’سنڌي‘ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي ڪيل تحقيق لاءِ پڻ کين دل کولي داد ڏنل آهي. سومرن ۽ سما سردارن جي سورهيائيءَ بابت ڳايل ڳاهن کان وٺي موجوده ڪڇ، گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ راجستان جي ڪتب خانن ۾ سنڌي لوڪ ادب ملڻ جا اهڃاڻ ڏيکاريل آهن. البيرونيءَ جي جڳ مشهور ’ڪتاب الهند،‘ پروفيسر محرم خان، ماستر محمد سومار شيخ، ارغون ترخان دور جي فارسي ڪتابن: مثنوي ’چنيسر نامہ،‘ ’تاريخ طاهري‘ ۽ ’تحفتہ الڪرام‘ مان مليل قديم قصن ۽ عشقيہ داستانن بابت هدايل آهي. سنڌ ۾ ڪيل لوڪ ادب واري تحقيق تي انگريزن واري دور ۾ پڻ جارج اسٽئڪ، ڊاڪٽر ٽرمپ، سر رچرڊ برٽن، ايف. جي. گولڊسمٽ، ايٽڪن، ڪوڙومل ڪلناڻي، مرزا قليچ بيگ، روچيرام

ڳالهين ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي. ڊاڪٽر صاحب اهڙن ١٠- مکيه دفعن کي ايترو تہ فطرتي ۽ سرل نموني سمجهائيندو هليو آهي جو پڙهندڙ هڪ طرف تہ لطف پيو ماڻي ۽ ٻئين طرف انهن جي وضاحت کان واقف ٿي هڪ ازغيبي اطمينان پيو محسوس ڪري.

لوڪ ادب ۾ پهاڪا ۽ محاورا ڪيئن گهڙيا ۽ عام ۾ مقبول پيا، ٻوليءَ جي لحاظ کان انهن جي ڪهڙي نفاست ۽ نزاڪت آهي؛ اُن لاءِ 'گونگي ڳانءِ' ۽ 'ڏڏيءَ' جو ڪهڙو نہ سليس ۽ دلچسپ مثال ڏنل آهي. ڪجھ مخصوص جملن جو آزاد استعمال (Free Expression) ۽ سوتر پريوگ (Formular Usages) جي مڪمل جَڙت خاڪي جي روپ ۾ سمجهائيندي لسانيات جي ڳوڙهي فلاسافيءَ کي انتهائي سرل ڪيو ويو آهي. الڳ الڳ روايتن ۽ لوڪ ڪهاڻين جو خلاصو ڏيندي، سنڌي پهاڪن ۽ محاورن ۾ اُن مخصوص سماج جي عڪاسي ڪيئن ٿئي ٿي؛ اُن جو محققانہ انداز ۾ جائزو ورتل آهي. اِهي اصطلاح ۽ پهاڪا، اسان جي روزاني ٻوليءَ ۾ ڪهڙو اهم رول ادا ڪن ٿا، اُنهن وسيلي ڪيئن اسين پنهنجي دل جي ڀاونائن کي وڏيڪ ٿُز نموني بيان ڪري سگهون ٿا؛ اُن جا بهترين مثال ڏنل آهن. گڏيل ڪٽنب ۽ تمام مٽي مائٽيءَ جي نجي مسئلن جي، پهاڪن ۾ ڪيل عڪاسي؛ انساني سماج جا ڪرم، پيشي ۽ دولت جي ذخيري جي آڌار تي نهيل بي جا الڳ الڳ طبقا ۽ انهن جي اندروني ڪشمڪش، علاقائي ڀيد ڀاوَ، ننولي ۽ مزاح، ناٽي جي اهميت، ريتيون رسمون ۽ عوامي عقيدا وغيره تمام دلچسپ انداز ۾ تحرير ٿيل آهن. 'ڀڳوان تنهنجو ٿورو، مڙس ڏجانئم چورو' پڙهي کل بہ اچي ٿي تہ ڊاڪٽر صاحب جي ڳوڙهي ابياس جو قائل پڻ ٿيڻو پوي ٿو. آخر ۾ ويندي فاحش پهاڪا ۽ محاورا، جيڪي بہ اسان جي ادب جو هڪ حصو آهن؛ جن کي انگريزي توڙي هين ٻولين ۾ پڻ گڏ ڪيو ويو آهي، انهن جو بہ ٿوري ۾ بيان ڪيو ويو آهي. ان طرح ڊاڪٽر جيٺلي صاحب جي پيپر مان اِها ڳالھ پوريءَ ريت اُڀري اچي ٿي تہ اسان کي ڀاشائي پريوگن جو گهرائيءَ سان ابياس ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي، جن ۾ تهذيب ۽ تمدن جا

۽ اسان جي سنڌي زبان سائي، سرهي ۽ سٺي
ٿي پوي......"

اُن ڪانپوءِ ڊاڪٽر الانا صاحب پنهنجن لفظن ۾ فرمائين ٿا:
"سنڌ جي لوڪ ادب ۽ خاص ڪري لوڪ گيتن
۾ اهڙو تہ لطف ۽ سوز سمايل هوندو آهي. ۽ اهڙو
تہ رس ۽ لئي پريل هوندي آهي، جو هڪ واري جي
دل ۽ دماغ تاثر جي انتهائي گهراين ۾ گم ليو وڃن
۽ هو پاڻ کي اُنهيءَ گهڙيءَ اهڙي ماحول ۾ تصور
ڪرڻ لڳندو آهي، جتي فطرت پنهنجي حقيقي ۽
لافاني لباس ۾ ڳائيندي، نچندي ۽ مسڪرائيندي
نظر ايندي آهي......"

ڊاڪٽر صاحب، پنهنجي مقالي جي آخر ۾ مذڪوره سڄڻن ۽ سگهڙن ڪانسواءِ ٻين بہ ڪيترن ئي صاحب حضرات، محترم عبدالله ورياه، جنهن 'سنڌ جي سگهڙن جي ڊائريڪٽري' ڇپائي آهي؛ اُن سان گڏ 'مهراڻ'، 'سنڌي ادب'، 'نئين زندگي'، 'سهڻي'، 'شاعر'، 'رفيق حيات'، 'بيداري'، 'ڪينجهر' ۽ 'ٻهڻائي' مخزنن ڪانسواءِ ريڊيو، ٽيليويزن ۽ ٻين ڪيترن وسائل تي انتهائي عالمانہ روشني وڌي آهي، جي لوڪ ادب جي واڌاري لاءِ عملي راهہ همو ار ڪن ٿا.

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي صاحب پنهنجي پيپر 'پهاڪن ۽ محاورن ۾ سنڌي سماج جو عڪس' ۾ پهاڪن ۽ محاورن جي سمجهاڻي ڏيندي، هيل تائين سنڌي پهاڪن ۽ اصطلاحن جي تمام ڪتابن جو نہ صرف تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي؛ پر پنهنجي طرفان اُنهن تمام محاورن جو سپيتا ۽ سنسڪرتي، ڪاويہ- شاستر ۽ ڀاشا وگيان جي خيال کان اهڙاس پيش ڪندي علم جو اُهو تہ ڀنڊار ڀري ڇڏيو آهي جو پڙهندي سنڌي ٻوليءَ جي ايتري ساري شاهوڪاريءَ تي فخر پيو ٿئي! هن صاحب پنهنجي هِن محدود مقالي ۾ لوڪ ادب ۾ پهاڪن ۽ محاورن جي جاءِ ۽ ٻوليءَ جي اهميت بابت اهم

سنڌ ۾ لوڪ ادب
تي ڪيل تحقيق جو جائزو

- ڊاڪٽر غلام علي الانا

اهڙا ٻه پهلوءَ ملن ٿا، جن جو عام طور ٻين تواريخن توڙي سماج شاسترن ۾ ذڪر ڪونه ڪيل هوندو آهي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب ۽ ڊاڪٽر جيٽلي صاحب سان گڏ ٻاءُ هيرو ٺڪر ٻه ڪوجنا ڪاريه جي اصولن سان نڀائيندي ’ڀارت ۾ سنڌي لوڪ ادب تي ٿيل تحقيق‘ موضوع تي پيش ڪيل پيپر ۾ وڏي جاکوڙ ۽ ڀرپور علم جو مظاهرو ڪيو آهي. لوڪ ادب، لوڪ سنسڪرتي، سنڌي لوڪ ادب جون خوبيون، سنڌي لوڪ ادب ۾ هندو توڙي مسلم ڀائرن جي مشترڪ اِڪائي، ڀارت جي جدا جدا هنڌن تي سنڌي لوڪ ادب جي جيئاپي لاءِ کنيل تمام اقدام؛ اُن سلسلي ۾ پروفيسر رام پنجواڻي، دادا جيرامداس دولترام، گوبند مالهي، ڊاڪٽر لڇمڻ داس خوبچنداڻي، ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتي، ڪيرت ٻاٻاڻي، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ليلارام رچنداڻي، جڳديش لڇاڻي، جيوت گوگيا ’جوت‘، هوندراج بلواڻي، ڊاڪٽر پرسو گدواڻي ۽ چينو لالواڻيءَ جي ڪيل ڪوششن جو تفصليوار ذڪر ٻه ڪيو آهي ته انهن انفرادي شخصيات سان گڏوگڏ گجرات سنڌي اڪادمي وغيره طرفان لوڪ ادب گڏ ڪرڻ لاءِ ڪيل عملي ڪوششن جو جائزو ورتو آهي. ان سان گڏ راجستان، گجرات ۽ ڪڇ جي کهڙين کهڙين ايراضين ۾ ۽ ڪٿان ڪٿان اهڙو ادب ملڻ جي اجا ٻه توقع رکي سگهجي ٿي؛ اُن جو سمورو بيان پڻ سندس پيپر ۾ وضاحت سان ڏنل آهي.

اهڙي طرح اِهي ٽيئي پيپر سنڌي لوڪ ادب بابت بهترين ڄاڻ ميسر ڪن ٿا. ائين چوڻ بلڪل حق بجانب ٿيندو ته هيءُ ڪتاب سنڌي لوڪ ادب جي ڇاپي دنيا ۾ هڪ بهترين اضافو آهي، جنهن جو هند توڙي سنڌ ۾ تمام ڀارکو دل و جان سان استقبال ڪندا !

ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي

ريڊر ۽ هيڊ،

ڊپارٽمينٽ آف سنڌي،

يونيورسٽي آف ممبئي.

۲٦ نومبر ۱۹۹۸ع

سنڌ ۾ لوڪ ادب تي ڪيل تحقيق جو جائزو

از قلم- ڊاڪٽر غلام علي الانا

١- محترم ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتيءَ جي هنن ٻولن سان آءٌ، پنهنجي هن مقالي جي شروعات ٿو ڪريان، جنهن پنهنجي مشهور ڪتاب ’سنڌي لوڪ ساهت‘ (١٩٨٨ع ۾ ڇپيو هو) ۾ صفحي ٢٢ تي لکيو هو ته:

’’هوُنءَ به ڪوتا، قدرت جو آلاپ آهي. هن جو لاڳاپو دماغ سان نه، پر دل سان آهي. ائين ڪٿي ڇئجي ته انساني جيوت جڏهن ڪنهن پهاڙي جهرڻي جيان سک ۽ دک جي لاهين چاڙهين تان لهندي، چڙهندي وهڻ لڳندي آهي، هن مان جهرڻي جي جهر جهر ۽ ڪلڪل جا شبد جيان ڪي آلاپ نڪرن ٿا، آنند ۽ اُلاس، سک دک ۽ درد سان ڀُر: جڏهن پوک پچي هوا جي هلورن تي جهوُمڻ لڳي ٿي، تڏهن هاريءَ جو من، هلاس ۾ ڀرجي، نچي ۽ ڳائي ٿو اُٿي؛ هوُ هر ڪيڙيندي به ڳائي ٿو ۽ ٻاڻي ورائيندي به سُريلا آلاپ ٿو ڪڍي؛ پورهيت پورهئي جي پيڙا گهٽائڻ لاءِ ڪي آلاپ ٿو آلاپي. اهي ڏرن ڀريندي ڳائڻ ۾ ايندڙ گيت، اهي جنڊ پيهندي ڪڍيل سنهڙا اُپندڙ يا هي لاڏا ۽ لوليون، اوراڻا ۽ پار ئي ته لوڪَ - گيت آهن‘‘ (١).

لوڪ ادب مان مراد اهو ادب آهي جيڪو ڪنهن به ملڪ جي عام ماڻهن ۾ مقبول هجي، ۽ جيڪو ڪنهن تصنع، هٿ ناٽ ۽ جڙتو فني ڪاريگرين کان صاف رهيو هجي (٢).

اينسائيڪلوپيڊيا آف اميريڪانا ۾ لوڪ ادب جي وصف هن طرح بيان ٿيل آهي:

’اهو علم ادب، جيڪو عام ماڻهن جي قديم مانيتائن، ريتين رسمن، روايتن، ڀرمن، وهمن ۽ اعتقادن تي مشتمل هجي. هن علم ۾ جيڪي صنفون اچي وڃن ٿيون، اُهي هي آهن:

(الف) **روايتي ڪهاڻيون**- هن جا وڏيڪ حصا هي آهن:

يا خاص نوعيت اختيار نہ ڪئي آهي، جو اها خواص جي زندگي ۽ تمدن جو، يا 'معياري ادب' جو سرچشمو بڻجي. سنڌي زندگيءَ جو مرڪزي دائرو اجا تائين ڳوٺ آهي، ۽ انهيءَ ڪري سنڌي ادب جو وڏو ذخيرو اهو ئي آهي جو عوام جي زندگيءَ جو آئينو آهي. انهيءَ ڪري هن مرحلي تي سنڌي ٻوليءَ جي لوڪ ادب ۽ معياري ادب جي وچ ۾ حد فاصل ڪري نٿي سگهجي" (۴).

دراصل مولود، مداحون مناجاتون وغيره صنفون، معياري علم ادب ۽ بحر ۽ وزن تي جُڙيل اهن، انهيءَ ڪري انهن وصفن کي هاڻ 'لوڪ ادب' جي عام وصف ۽ دائري اندر داخل ڪرڻ مناسب نہ آهي. ائين برابر آهي تہ اهي صنفون ڳوٺاڻي زندگيءَ جي ڪچهرين ۽ معرڪن جو حصو ضرور آهن، پر انهن کي لوڪ ادب جي عام دائري اندر داخل ڪرڻ نہ گهرجي. ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتيءَ، لوڪ ادب جي وصف بيان ڪندي بلڪل واضح طور چيو آهي تہ:

"لوڪ - گيت من ۾ اُٿندڙ يا پيدا ٿيندڙ قدرتي جذبا يا اُمنگ آهن؛ انهن ۾ تشبيهون نہ آهن پر رس آهي؛ ڇند يا بحر وزن نہ، پرلئہ آهي، رواني آهي، مڌرتا آهي" (۵).

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب 'ڀلاين جا ٻول جي مقدمي ۾، هن قسم واري شاعريءَ کي 'عام سنڌي شاعري' ٿو سڏي، ۽ مقدمي ۾ لکي ٿو تہ:

'سنڌ جي دهقاني يا ٺيٺ سنڌي شاعري خاص طرح سنڌين جي حيات جو آئينو آهي، جنهن ۾ اک وجهڻ سان، اهلِ سنڌ جي رهڻي ڪهڻيءَ جي اصليت پنهنجي سڄي جوڀن جنسار، رنگ روپ، خال و خط، خوبين توڙي خامين سميت سربستي نظر اچي ٿي" (٦).

ڊاڪٽر بلوچ صاحب اڳتي لکي ٿو تہ:

"سنڌ جي ٺيٺ عوامي شاعري هڪ اعليٰ ۽ عجيب فن آهي، جنهن کي قابل اُستادن سموهي، سينگاري هڪ مستقل علم يا سائينس جي درجي تي پهچايو آهي. هن فن جون

(۱) لوڪ ڪهاڻيون، (۲) وير ڪهاڻيون، (۳) رزميه بيت ۽ (۴) ڏند ڪٿائون.

(ب) روايتي رسمون ۽ رواج- هن جا وڏيڪ ڀاڱا هي آهن:

(۱) مقامي رسمون ۽ رواج، (۲) ڏڻ - وار رسمون ۽ رواج، (۳) شادين مرادين جون رسمون ۽ رواج

(ت) وَسوسا، ڀرم ۽ سَنسا- هن جا وڏيڪ ڀاڱا هي آهن:

(۱) جنن پرين، ديون ۽ ڏائڻين جون ڳالهيون، (۲) جادو، منتر ۽ ٽوٽا ڦيٽا

(ث) لوڪ ڪٿا- هن کي هيٺين ڇهن حصن ۾ ورهايو ويو آهي:

(۱) مشهور چوڻيون (۲) مشهور ورڻ مالهائون ۽ لفتون (۳) پهاڪا، (۴) نقل نظير، (۵) ڀوڳ ۽ چرچا گهبا ۽ (٦) معما ۽ ڳجهارتون (۳).

۲- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، جنهن پهريون ڀيرو هن علم جي ذخيري کي 'لوڪ ادب' جي نالي سان سڏيو، تنهن سندن طرفان تيار ڪيل 'لوڪ ادب جي رٿا' تحت ڇاپيل پهرئين ڪتاب، 'مداحون ۽ مُناجاتون' جي مهاڳ ۾ 'لوڪ ادب' جي جيڪا وصف مقرر ڪئي آهي، تنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو ته:

"سنڌي ٻوليءَ جي عام ادب جون اهي جملي جنسون، جيڪي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ جي عوام ۾ مروج آهن، تن کي 'لوڪ ادب' جي ذخيرو تسليم ڪيو ويو آهي. انهيءَ ذخيري ۾ سنڌي ادب جون معياري جنسون پڻ شامل آهن؛ مثلاً:

مداحون، مولود، ٽيهه اکريون ۽ ڪافيون وغيره؛ مگر جيئن ته اهي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ ۾ عام مقبول ۽ مشهور آهن، انهيءَ ڪري انهن کي پڻ لوڪ ادب جي دائري ۾ شمار ڪيو ويو آهي. انهيءَ لحاظ سان، هن تجويز هيٺ گڏ ڪيل 'لوڪ ادب' کي بعينهٖ 'فوڪ لور' (Folk Lore) جي مغربي مفهوم سان تعبير ڪرڻ صحيح نه ٿيندو. اسان جي ملڪ ۾ شهري زندگي اجا اينتري وسعت

وندر لاءِ، ٻين وسيلن کان سواءِ، لوڪ ادب جا بيمثل ۽ بيشمار خزانا موجود آهن. ماڻهو ڏسو ته بلڪل سادا، لڳن تي پورو لکو به نه ليين، پر جڏهن ٿا سَٽَ ۾ ويهي، ملوڪ پنهنجو منهن کولين، تڏهن لفظن جون لڙهيون، اهڙيءَ طرح ٿا اوتين، ڄڻ سڳين ۾ موتي ٿا پوئن. درحقيقت لوڪ ادب ملڪ جي ٻولي ۽ ادب جو بنياد آهي. ٻهراڙيءَ ۾ سگهڙن وٽ اڪيچار بي بها خزانو موجود آهي، جنهن کي پشت بپشت، سيني ۾ سانديندا آيا آهن.

ڪيترائي ملوڪ پنهنجي حياتيءَ جو دور، پورو ڪري هليا ويا، ۽ اهو خزانو به ساڻ کنيو ويا، جو ته ونڻ وارو ڪو هوئي ڪونه؛ پر هاڻي وقت جي تقاضا آهي ته اهو هنن کان وٺي، ضايع ٿيڻ کان بچائي، پوين لاءِ توشو ڪيو وڃي. خزاني کي هٿ ڪرڻ لاءِ پارکو، اورچ، هڏ ڏوکي، سياڻا ۽ سالڪ هجن، جي شيءِ کي سڃاڻي، اُن جو قدر ڪن' (٩).

انهن وصفن جي اڀياس ۽ آڌار تي اهو چئي سگهجي ٿو ته 'سنڌي لوڪ ادب'، سنڌي عوام جي مزاج جو آئينو آهي. سنڌ جو 'لوڪ ادب'، سنڌ جي عوام جي روزانه زندگي، تهذيب ۽ تمدن، اُٿڻي ويهڻي، ريتين رسمن ۽ ثقافت جو سرمايو آهي. هن ادب ۾ عام ماڻهن کي ئي خطاب ڪيل هوندو آهي. عوامي زندگي ۽ عام ماڻهن سان روزانه واسطو رکندڙ جانورن جهڙوڪ: چوپايو مال، ڍور ڍڳا، رڍون ۽ ٻڪريون، مينهيون ۽ ڳوئيون، اُٺ ۽ گهوڙا، عام ماڻهن جي روزانه زندگيءَ سان واسطو رکندڙ هوندا آهن. انهن کان سواءِ عام ماڻهن جي زندگيءَ جا ٻيا ڏيکا، جهڙوڪ: گاهه گلزاريون، رڻ رائو، ٽربر، هنر ۽ ڌنڌا، رسمون ۽ رواج، ميلا ملاکڙا، ڏڻ ۽ وار، عوام جا جذبا ۽ نفسياتي ڪيفيتون، علم ادب جي هن ذخيري جا عنوان هوندا آهن. هن ادب ۾ هر خطي، هر جاتي، هر نسل، هر قبيلي ۽ هر ڪُڙم جو ڌار ڌار بيان هوندو آهي. ڌار ڌار جاتين جي ريتين رسمن ۽ اُٿڻي ويهڻيءَ جا وستار ٿيل هوندا آهن اهڙيءَ طرح قومن ۽ جاتين جي عزت، مردانگي، مروت، مان، مريادا، سيرت، صورت، سورهيائي، سچائي، سونهن ۽ سوڀيا به هن ادب جا

گوناگون شاخون آهن: سٽاءَ جي لحاظ سان ڳاهه، بيت ۽ ڪافي ٽي مکيه قسم آهن؛ ۽ معنوي لحاظ سان ڏٺ، معما، هنر، ڏور، مولود ۽ سينگار مڙيئي هن فن جا مظهر آهن. وري هن فن کي پکيڙڻ ۽ پڙري ڪرڻ لاءِ به سمجهه وارن جو هڪ خاص نظام آهي. هڪڙا 'شاعر'، جي اڻ شيون ۽ اڻ ڏٺيون ڳالهيون پنهنجي شعرن ذريعي نروار ڪن : ٻيا 'سگهڙ' يا اُنهن شاعرن جا راوي، جي شاعرن جي گفتن ۽ بيتن کي ياد ڪري ٻين تائين پهچائين. ٻڌڻ وارن مان هڪڙا 'سالڪ'، جي ڳالهه جو سُر سهي ڪن ۽ گفتن جي معنيٰ ۽ مراد ڪڍن، ٻيا 'سمجهو' جي ٻڌي، سمجهي واهه واهه ڪن، ۽ ٽيا 'نالي ماڻهو' جي سڻن پر سمجهن ڪين. اهڙن اڄاڻن کي عام شاعرن جانورن برابر ڪيو آهي ته:

رڍن اڳيان رباب، وڄائيندي ورهيه ٿيا (٧).

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي راءِ موجب:

''لوڪ ادب کي نج دهقاني ادب به چئي سگهجي ٿو. اهو 'لوڪ ادب' ئي آهي، جنهن ۾ عوام جي عين بين تصوير چٽيل آهي. هيءُ عوام جي احساسن، جذبن، اُمنگن ۽ اُڌمن جي پونجي آهي، جا دميل ديگ جيان لوڪ ادب جي جملي جنسن (صنفن) جو هڳاءُ ۽ هٻڪار ڏيندي پئي رهي آهي.

لوڪ ادب، تاريخ جي ضخيم ڪتابن مان نه ملندو ڇاڪاڻ ته اُن جو جنم اُتي نٿو ٿئي، پر اُن جو سرچشمو عوام آهي، جنهن جا سينا اُنهن املهه ۽ الپ خزانن جا 'امينَ' آهن (٨).

ٿر جو مشهور مؤرخ ۽ لوڪ ادب سلسلي جي محرڪن ۽ راوين مان هڪ، مسٽر رائچند چيلهاري، پنهنجي مقالي ۾، لوڪ ادب جي سلسلي ۾ لکي ٿو ته:

''ٻهراڙين ۾ جتي عوام اڻپڙهيل آهي، اُتي ڪين پنهنجيءَ

سنڌوَ پلن گهوڙن ۾ شاهوڪار آهي،
۽ آهي شاهوڪار رَتَن ۽ ويسن وڳن ۾،
سُهڻي گهڙيل سون ۾ شاهوڪار، اُڻ مَئي مايا جي مالڪ
هتان جا ڳاهه نيڻ ٺار ۽ لذت وارا،
اُن اهڙي جو ويلو ڏس،
شربت جو ويناچ نہ پڇ' (١٠).

٤- آرين کان پوءِ، سنڌو ماٿر تي ايرانين، يونانين، سٿين، پارٿين ۽ ڪُشانن جو هڪ ٻئي پٺيان قبضو رهيو. ٤٩٢ع کان سنڌ تي راءِ گهراڻي جي حڪومت شروع ٿي ۽ جيڪا ٦٤٠ع ۾ ختم ٿي (١١).

راءِ گهراڻي جي حڪومت جي دور ۾ ڪن ٻين اهم واقعن جي باري ۾ معلومات، ڪتابن مان ملي ٿي، پر هن حڪومت جو سڀ کان وڏيڪ ۽ اهم ڪارنامو اِهو هو، جنهن جو ذڪر البيروني ۽ (١٠١٧ع - ١٠٣١ع) جي حوالي سان، موجوده وقت پهريون ڀيرو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪيو آهي. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو تہ:

''برهم گُپت، 'کرن کنڊ ڪاڏيڪ' ڪتاب ٦٦٥ع ۾، اُن وقت لکيو، جڏهن سنڌي-سن (Sind Era) کي شروع ٿيندي ٣٩ سال گذري چڪا هئا، يعني تہ سنڌي-سن، ٤ مارچ ٦٢٦ع-٢٩ (مضان ٤ هـ ۾، / چيٽ مهيني جي پهرين تاريخ، خميس جي ڏينهن کان شروع ٿيو هو. اهو سن برابر آهي ٥٤٨ شاڪ-ڪلا جي'' (١٢).

بهرحال 'سنڌو - ڪال' اِن ڪري سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ اهم سمجهيو ويو آهي جو، هي سن (سنڌو-سنبت) راءِ سهارس ٻئي جي، ايرانين تي سنڌ ۾ فتح حاصل ڪرڻ؛ ۽ سنڌ کي هميشه ايراني تسلط کان آزاد ڪرائڻ جي ياد طور، سنڌ وارن، سنڌي-سن/ سنڌو-سنبت / سنڌي-ڪال (Sind - Era) جي نالي سان شروع ڪيو. 'سنڌو - سنبت،' چيٽ مهيني جي پهرين تاريخ، يعني چيٽي-چنڊ کان، ٤ مارچ ٦٢٦ع/ ٢٩ (رمضان

موضوع ۽ عنوان آهن.

مطلب تہ انساني جيوت ۽ سماج جي هر شعبي جو بيان هن علم جي صنفن ۾ عام طور نظر ايندو آهي. هين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ لوڪ شاعرن سنڌي عوام جي نفسياتي ڪيفيتن جو غور سان ۽ گهرائيءَ سان اپياس ڪيو آهي. هنن زندگيءَ جي جذباتي پهلوئن جهڙوڪ: عشق، محبت، ڏک، درد، وصل، فراق، وڇوڙي ۽ ميلاپ، سڪ، سوز ۽ تڙپ جهڙن جذبن، احساسن ۽ جبلتن کي بہ هن ادب ذريعي بيان ڪيو آهي.

لوڪ ادب مان اها مراد بہ ورتي ويندي آهي تہ اهو عام ماڻهن ۾ مقبول ۽ مروج هجي؛ جو عوام جو پنهنجو هجي؛ جو عوام جي عام ٻوليءَ ۾ هجي، جنهن ۾ ڪنهن بہ شاعر جو نہ نالو ڪم آندل هجي ۽ نہ ئي وري اُن جو تخلص ؛ ۽ اهو ادب جيڪو زماني قديم کان وٺي، عوام ۾ سيني بسيني، هڪ سگهڙ ۽ سياڻي کان، ٻئي سگهڙ ۽ سياڻي کي ملندو رهيو هجي.

٣- لوڪ ادب جي ذخيري جا قديم آثار ۽ اُهڃاڻ، سنڌ ۾، ڪڏهن کان ملن ٿا، اهو چوڻ آسان ڪم نہ آهي. جيتوڻيڪ ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتيءَ ۽ ڊاڪٽر جيٽلي ’سنڌي لوڪ ساهت‘ ڪتاب ۾ هن سلسلي ۾ ماهرن جا پيرا کنيا آهن. منهنجي ذاتي خيال موجب، دنيا جي سڀ کان آڳاٽي تصنيف ’رگ ويد‘ ۾ ڏنل هن منڊل کي آڳاٽي ۾ آڳاٽي سنڌ جي لوڪ ادب جو مثال چئي سگهجي ٿو. ڊاڪٽر علي اڪبر جعفريءَ، ايران جي مشهور عالم ۽ ماهر لسانيات، پنهنجي مقالي ۾ رگ ويد جي اهڙي هڪ منڊل کي مثال طور پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ هڪ سنڌي رشي ’سنڌو ملڪ‘ ۽ ’سنڌو درياهہ‘ کي هن طرح مخاطب ٿيو آهي: اُن منڊل جو ترجمو هن ريت آهي:

’اڇل، اڻموٽ سنڌو، ٻل واري سگهاري سنڌو،

ڏيهن ۽ ميدانن مان،

اپار پاڻيءَ جا ڦهلاءَ ڪٽي،

جرڪندي، ڪڙڪاٽ ڪندي، وهندي رهي ٿي،

جهڙي ابلق گهوڙي، سونهاري ۽ سوڀياوان.

۾ نظر اينديون آهن، هنن جو خاص فن آهي. شطرنج راند هنن جي ايجاد آهي. هيءَ راند ذهن ۽ تدبر جي بهترين راند آهي. نجوم جي حساب جا اصلي مؤجد هي ئي آهن. تلوارون عمديون ناهين ٿا؛ انهن جي هلائڻ جا ڪرتب به ڄاڻن ٿا. زهر جو اثر لاهڻ ۽ درد دور ڪرڻ جا منتر به ڄاڻن ٿا. هنن جي موسيقي دلپسند آهي. هنن جي هڪ ساز جو نالو 'ڪنڪلہ' (سنڌي ساز ڪنڪالي = هڪ سنڌي وينا) آهي؛ جو ڪَدوءَ جي هڪ ٿُنبيءَ مٿان، تار کي ڇڪي وڄائيندا آهن، جو ستار جي تارن ۽ جهانجهہ جو ڪم ڏيندو آهي. انهن وٽ هڪ قسم جو ناچ به آهي. انهن وٽ مختلف خطن ۾ شاعريءَ جو ذخيرو به آهي، ۽ تقريرن جو حصو به آهي. انهن وٽان ئي 'ڪليله دمنہ' ڪتاب اسان وٽ پهتو'' (١٣).

محقق البيروني ١٠١٧ع کان ١٠٣١ع تائين سنڌو-ماٿر ۾ رهيو. ان وقت سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت هئي. منصوره هن حڪومت جو تخت گاهہ هو، جنهن تي محمود غزنويءَ جون ڪاهون شروع ٿيون هيون. محقق البيروني، منصوره به آيو هو، ۽ اُتي رائج سنڌي ٻولي ۽ اُن جي رسم الخط (سئنڌو) جو ذڪر به ڪيو اٿس.

البيرونيءَ، سنڌ ۾ ٻين علمن سان گڏ، هتي رائج لوڪ رسمن ۽ ٽوڻن ڦيڻن جو ذڪر، پنهنجي ڪتاب، 'ڪتاب الهند' ۾ ڪيو آهي. هن (البيروني) جي راءِ موجب، سنڌ وارا علم نجوم، علم هئيت، علم رياضي، طبابت ۽ دواسازيءَ واري علم تي لکيل ڪتابن کان سواءِ، هي ماڻهو (سنڌي) 'سروپ وديا' يعني نانگن جي منڊ جو علم، زهر جي ڄاڻ (Viska vidya)، نانگن تي منڊ پڙهڻ، هر قسم جي جادوءَ ۽ ڪاري علم، تعويذن، ٽوڻن ڦيڻن، منتر پڙهڻ، ڦيڻن ۽ ڦوڪون وجهڻ جي علم ۾ منڊَ، جانورن جي بيمارين (Veternary)، مهاتما گوتم ٻڌ جي سوانح ۽ اُن سان واسطو رکندڙ ڪهاڻين، قصن، آکاڻين، منطق، فلسفي، اخلاقيات، سياسيات ۽ علم عسڪري يعني جنگ جي علم (Science of war) تي ڪتابن جا مصنف هئا. البيروني لکي ٿو تہ:

''ڏرم ۽ ڏرمي رسمن کانسواءِ هي ماڻهو ٽوڻن ڦيڻن ۾ به

۲ هجري کان شروع ٿيو. هن جنگ ۾ راءِ سهارس هيو تہ شهيد ٿي ويو پر سندس فرزند راءِ سهاسي ٻئي، سنڌ جي حڪومت جون واڳون سنڀاليون، ۽ ’سنڌو - سنبت‘ جي شروعات ڪئي. يقينا هھڙي اهم واقعي کي ياد رکڻ لاءِ، اُن وقت جي سگھڙن، چارڻن، ڀٽن ۽ ڀانن، ’وير- گاٿائون‘ ضرور جوڙيون هونديون، پر اسان وٽ انهن جو ڪو بہ رڪارڊ موجود ڪونهي. جيتوڻيڪ راءِ گھراڻي جي پوين ٻن حاڪمن، راءِ سهارس ٻئي ۽ راءِ سهاسي ٻئي جي دور ۾، چيني سياح هُوان - سئنگ (Hiuen - Tsang) سنڌو-ماٿر ۾ موجود هو. هُن (چيني سياح)، راءِ گھراڻي جي آخري حڪمران کي ’شودرا‘ (Shudra) سڏيو آهي ۽ اهو بہ لکيو اٿس تہ هُو ’راءِ ڏيوائڇيءَ‘ جي خاندان مان هو. هن ڏس ۾ ڪاڪي ڀيرومل لکيو آهي تہ:

”هيون-سئنگ نالي هڪ چيني مسافر، عيسوي ستين صديءَ ۾، راءِ سهاسيءَ جي وقت ۾ آيو هو. هن صاحب پنهنجي سفرنامي ۾ چاڻايو آهي تہ سنڌ جو راجا هڪ شودر هو. ڀانئجي ٿو تہ انهيءَ وقت کان سگھو ئي پوءِ، هي (راءِ گھراڻي وارا) حاڪم، کتري راجپوت سڏجڻ ۾ آيا“ (۱۳).

۵- سنڌي لوڪ ادب جي سلسلي ۾ معلومات، عرب سياحن جي سفرنامن ۽ تحقيقي ڪتابن مان پڻ ملي آهي. جيتوڻيڪ عرب سياحن جي سفرنامن مان، اُن زماني ۾ رائج ڳالهائن، ٻولن، جادو منتر جي ڦوڪن ۽ ٽوڻن ڦيڻن وغيره جا مثال، لکت ۾ تہ نٿا ملن، البت جاحظ (۸۶۴ع) ۽ البيرونيءَ هن سلسلي ۾، لوڪ ادب جي صنفن، راڳ ۽ ناچ، ۽ راڳ جي سازن جي باري ۾ معلومات ڏني آهي. مثال طور جاحظ، پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ:

”هند (سنڌ) جي ماڻهن کي سان نجوم (جوتش) ۽ حسابن ۾ گھڻو اڳتي ڏنو. اِنهن جو هڪ خاص هندي (سنڌي) خط آهي، ۽ طب ۾ انهن جو درجو مٿاهون آهي. انهن جي طب جا خاص اِسرار آهن، ۽ سنگين بيمارين جون خاص طور انهن وٽ دوائون آهن. مورتيون ناهڻ، رنگين تصويرون ناهڻ، جيڪي محرابن ۽ انهن جهڙين ٻين شين

انهيءَ ڪري ڪڇ طرف سومرن، سمن ۽ ٻين سنڌي قومن جون بستيون قائم ٿيون، ۽ ڪڇ ۾ سنڌي ٻولي پکڙي' (١٧).

مقامي حڪمرانن (سومرن) جي مضبوط مرڪز سبب، مقامي ماڻهن جو ڌيان ٻين ڳالهين طرف وڌيو. امن امان ۽ سک سلامتيءَ جي ڪري، راڳ جي محفلن، معرڪن ۽ لوڪ ادب جي ڪچهرين جو سلسلو جاري رهيو. لوڪ ادب جي اهڙين ڪچهرين جا سرواڻ سالڪ، جاتين جا سردار، راجائون ۽ رجواڙا، سالڪ ۽ سگهڙ هوندا هئا. لوڪ ادب جو سمورو سرمايو، انهن سگهڙن، سياڻن ۽ سالڪن جي سينن ۾ سانڍيل هوندو هو. مطلب ته هن وقت تائين لوڪ ادب جي سرمايي جي وجود ۾ هجڻ جا ثبوت محققن ۽ ماهرن ڏنا آهن. جناب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، هن سلسلي ۾ لکي ٿو ته:

”هن نئين سنڌي ماحول ۾ ماڻهن جو توجهه، اندروني مسئلن ۽ معاملن طرف وڌيو. ملڪي آزاديءَ سببان ماڻهن جا ذهن کليا، ۽ حاڪمن ۽ سردارن جي ڪچهرين ذريعي مقامي قصن، ڪهاڻين، عشقيه داستانن ۽ ٻين خاص واقعن جي پهت پچار شروع ٿي. سنڌ جي عام مقبول ڪهنن قصن ۽ عشقيه داستانن جي عنوانن تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته اُنهن مان گهڻن جو بنيادي تڏو، سومرن جي دور واريءَ سر زمين ۾ لڳل نظر ايندو“ (١٨).

ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي تحقيق ۾ جن جن قصن، ڪهاڻين ۽ عشقيه داستانن جو ذڪر ڪيو آهي، اُهي هي آهن:

سسئي پنهون، سيفالملوڪ سوداگر، مورڙو ميربحر، سورٺ ۽ راءِ ڏياچ، مومل راڻو، عمر-مارئي، ليلان چنيسر ۽ سهڻي - ميهار. اهڙيءَ طرح هيٺيان نيم عشقيه داستان به بيان ڪيا اٿس. اُنهن ۾:

مل محمود ۽ مهرنگار، ڏمڻ سونارو، خدا دوست ۽ محمود غزنوي وغيره.

هن ذڪر ڪرڻ ۾ ڪُوبه وڌاءُ ڪونهي ته محترم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ڪان اڳ، سنڌي لوڪ ادب تي تحقيق جي

پروسو ڪن. ٽوڻن ڦيڻن ۽ ڏاڍن ڏوڪن ڪان سواءِ هنن ماڻهن وٽ ’ڪاري علم‘ (Witch craft) جو بہ گهڻو رواج آهي. جيتوڻيڪ هي ماڻهو طب، دوائن ۽ سُتين ڦڪين واري علاج ۾ بہ مهارت رکندا آهن، تنهن هوندي بہ هو جهاڙن ڦوڪن، منڊن ۽ منترن ۾ يقين رکن ٿا. نانگ جي ڏنگجڻ ۽ ڪکجڻ جي حالت ۾ جوڳين وٽ منترن ۽ منڊ لاءِ وڃن؛ اُنهن ڪان جهاڙون ۽ ڦوڪون وجهرائين“ (١٥).

اهڙيءَ طرح محقق البيرونيءَ سنڌ جي ماڻهن جي عقيدن، پرمن ۽ سنسن توڙي وهمن جو بہ ذڪر ڪيو آهي (١٦). انهن ڪان سواءِ هن محقق (البيروني) سنڌ ۾ رائج قصن ۽ ڪهاڻين جو بہ ذڪر ڪيو آهي. اُنهن ۾ ’مهاديو‘، دئيت جو قصو، ’هرٽاڪش‘ جي ڌيءَ جي، دِڪش (Dkish) سان شادي ڪرڻ وارو قصو، ۽ ’پنچ تنتر‘ ڪتاب ۾ ڏنل اهڙن قصن ۽ ڪهاڻين جو ترجمو ڪيو آهي.

٦- اڳ ۾ چيو ويو آهي تہ محقق البيروني، سومرن جي حڪومت واري زماني ۾ سنڌ ۾ آيو هو. سومرن جي حڪومت جا ابتدائي اُهڃاڻ ۽ اُحوال ١٠١٠ع ڪان ملن ٿا. اُن وقت خفيف سومرو، سومرا حڪومت جو پهريون حاڪم هو. هن جو تخت گاهہ منصوره هو. هن حاڪم تي سن ١٠٢٥ع/٤١٦ هہ ۾ محمود غزنويءَ حملو ڪري، منصوره مان سنڌس حڪومت جو خاتمو آندو، پر سومرن جي حڪومت وري شروع ٿي، جيڪا ١٣٥١ع تائين قائم رهي. هن دور (سومرن جي دور) ۾ غورين ۽ غلام گهراڻي جي حاڪمن، سنڌ جي ڪن حصن تي قبضو ڪيو هو، پر تنهن هوندي بہ ڏکڻ سنڌ ۾، عربي سمنڊ جي ساحل تائين، ۽ ڏکڻ اوڀر ۽ اوڀر سنڌ ۾، ڪڇ جي ڪن حصن تي بہ ، سومرا سردارن جي حڪومت هئي. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ:

”ڏکڻ - اوڀر سنڌ ۾، سنڌ - ڪڇ جي سرحد، سومرن جي حڪومت جو خاص مرڪز بڻي، ۽ انهيءَ مرڪزي ايراضيءَ ۾ سنڌي ٻولي پڪڙي. سومرن جي اوائلي دور ۾، سومرن جي طاقت جو رخ، ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات وارين سرحدن طرف رهيو، ۽

ڪتاب ’سگهنڊ‘ ۽ ’سرهاڻ‘ ميدان تي آندا. جوان بخت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ’هيلاين جا هول‘ ڪتاب شايع ڪرايو“ (٢٠).

جيتوڻيڪ ڊاڪٽر بلوچ صاحب به هن تحقيق جي سلسلي ۾ انهن صاحبن جو ساٿياري شمار ڪري سگهجي ٿو، پر انهن کان پوءِ پروفيسر محرم خان، هيڙو فقير ڪنڀار، ماستر محمد سومار شيخ، ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ ’سنڌي‘، طالب لوهار، ۽ ولي محمد طاهرزادي کان سواءِ، هن مقالي نويس به پنهنجي ڪتاب، ’لاڙجي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ‘ ۾ لوڪ ادب عنوان هيٺ پوري هڪ باب ۾ هن موضوع تي محققانه چند چاڻ ڪئي آهي. پروفيسر محرم خان جو معيار، هن موضوع تي، عالما نه ليکيو ويو آهي. هن (محرم خان)، سومرن جي دور ۾ جيڪي جنگيون لڳيون، اُنهن جو ذڪر ڪيو آهي. پروفيسر محرم خان جي راءِ موجب، انهن جنگين مان هيٺيون مشهور آهن:

(١) سومرن ۽ گجرن جون جنگيون، (٢) سومرن ۽ سلطان علاؤالدين جي وچ ۾ لڳل لڙائي ۽ (٣) همير سومري ۽ ڄام هالي ۽ سندس پٽن جي وچ ۾ ٿيل مقابلا وغيره.

انهن جنگين بابت، ڊاڪٽر بلوچ صاحب به ڪافي ڪجھ لکيو آهي. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو ته:

”سومرن جي دور ۾ ڪن مشهور لڙاين ۾ سومرن حاڪمن ۽ سندن سمن سردارن جي سورهيائيءَ بابت ڳايل داستانن ۾ ڳاهون ۽ بيت ملن ٿا، جن مان گهڻا تڻا جيتوڻيڪ پوئين دور جا چيل ٿا ڀانئجن، پر ڪي ڳاهن وارا بيت اهڙا آهن، جي تاريخي اُهڃاڻن توڙي ٻوليءَ جي قدامت جي لحاظ کان ڪافي آڳاٽا معلوم ٿين ٿا، ۽ گمان غالب آهي ته اهي سومرن جي دور جا چيل هجن ۽ مسلسل صدري روايتن ذريعي، سيني بسيني اسان تائين پهتا آهن“ (٢١).

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، سومرن ۽ گجرن جي وچ ۾ لڳل جنگ جي باري ۾، اُن وقت جي ڪنهن سگهڙ طرفان جوڙيل ڪي ڳاهون، مثال طور ڏنيون آهن. بلوچ صاحب لکي ٿو ته:

سلسلي ۾ جيڪي سگهه داد حاصل ڪري چڪا هئا، انهن ۾ محترم الله بچايو سمو، سيد عبدالحسين شاهه موسوي، محترم محمد ابراهيم عباسي ۽ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي صاحب جا نالا اڄ به وڏي ادب ۽ احترام سان ورتا ويندا آهن. هن ڏس ۾ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، پنهنجي ڪتاب، 'لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو' ۾، 'ٻه اکر' عنوان هيٺ لکي ٿو ته:

''منهنجو پيءُ پنهوءَ سان ازل لاکون آهه' جي مصداق، لوڪ ادب سان منهنجو نينهن جو ناتو ننڍپڻ کان هو. لاڙڪاڻي جي تر ۾، مرحوم جلال ''ڀٽو، نه رڳو جهونن جهونجهارن ۽ سنوڙن سپورنجن مان هو، پر وڏو سگهڙ پڻ هو. جيتري ڪچهريءَ جي سُڌ ٻُڌ هن کي هئي اوتري شايد ئي ڪنهن کي هئي. 'ڏور' جو شهه ڪاريگر هو. وڏي ڳالهه اها ته جيڪي هن فن جا شاعر ۽ سگهڙ گذريا هئا، يا سندس وقت ۾ حال حيات هئا، تن سڀني جو ڏس پتو پئي ڏنائين. جلال رنگريز، جو 'لوڪ ادب' جي فن ۾ بي مثال ۽ باڪمال شاعر ۽ سگهڙ ٿي گذريو آهي، ۽ جنهن جي جاءِ رهائش هڪ معمو بڻجي چڪي هئي، تنهن جو ڏس پتو به هن ئي ڏاهي ڏنو هو.

مون کي ياد آهي ته ۱۹۴۷ع کانءِ سندس صدري خزاني مان قيمتي موتي ميڙيندو رهيس. ايڏي وڏي مواد کي ترتيب ڏيئي، ڪجهه مواد مان ۱۹۵۱ع ۾ 'وينجهار' شايع ڪرايم. 'سنڌ جو سينگار' ۱۹۵۵ع ۾، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ڇپايو ۽ 'ڏهس نامو' ۱۹۶۹ع ۾ شايع ٿيو'' (۱۹).

ڊاڪٽر سنديلو صاحب اڳتي لکي ٿو ته:

'' 'لوڪ ادب' جي مختلف صنفن تي ڪيترن ئي اديبن قلم کنيو آهي. ڪوڙي مل چندن مل کلناڻيءَ، ڳجهارتن جو ڪتاب ۱۹۰۱ع ۾ شايع ڪرايو. ڊاڪٽر دائود پوٽي ۱۹۳۶ع ۾ 'شرهائل' ۾ ڪن صنفن جو ذڪر ڪيو آهي؛ ماستر الهه بچائي سمي جو ۱۹۴۲ع ۾ 'سير ڪوهستان' ظاهر ٿيو، جنهن ڪافي مقبوليت حاصل ڪئي. عبدالحسين شاهه موسوي ۽ مسٽر محمد ابراهيم عباسيءَ، ٻه ناهوڪا

اُپُ سپ ڪنهن اُچو، اُپَ نہ اُچو ڪوءِ،
هئي بہ مٿي ٽيو، سورھ سِرِ سَندوءِ (٢٦)

پروفيسر محرم خان وري هن ڳالھ جو بہ اضافو ڪيو آهي:

هائي هائي ڏينهڙا، لڳا ڏونگر راوَ سُٽي،
مَڙدن اچي مامرو، هڏو پڳ مٿي (٢٧)

اهڙيءَ طرح انهن ٻنهي محققن، يعني ڊاڪٽر بلوچ ۽ پروفيسر محرم خان، همير سومري ۽ ڄام هالي جي جنگ جي سلسلي ۾ چيل ڳاهون بہ ڏنيون آهن، جيڪو لوڪ ادب سلسلي جو قيمتي مواد چئي سگهجي ٿو.

سومرن جو دور جنگي معرڪن واري ماحول کان سواءِ، سخي مردن جي سخاوت، ساراھ وارين ڳاهن ۽ بهادرن جي قصن کان بہ مشهور رهيو آهي. اهڙيءَ طرح ڪن سردارن جي سرڪشيءَ سبب، انهن جي گلا طور 'سنوُن' بہ جوڙيون ويئيون. پروفيسر محرم خان، هن دور جي شاعر ۽ سگهڙ، 'سُمنگ چارڻ'، (٩٥٠ع-١٠٢٥ع) جو نالو ڏنو آهي، جنهن رزميہ ڳاهون بہ جوڙيون، جن کي وڏي تاريخي حيثيت حاصل آهي. پروفيسر محرم خان جي چوڻ موجب، سمنگ چارڻ، ڳاهو ڳان کان ٽي صديون اڳ ٿي گذريو آهي. پروفيسر صاحب جي چوڻ مطابق، هن دور (سومرن جو ابتدائي دور) جا چارڻ، ڀٽ ۽ ڀان، بهادرن جا قصا، سخي مردن جي سخاوتن جا داستان ۽ حاڪمن جو گلائون، 'سِنُن وارين ڳاهن' ۾ ڳائي، بيان ڪندا هئا. مثال طور:

دَرَ آئي مڱڻا، دان سپڪو ڏي،
سَپَڙ سو ساري، جو جهوُپڙين ۾ جهپڪيو.

- - - - -

ڄاجهاڻو ڀيلي ڏٽي، ڀڄهان ڄاجھ پئي،
سپڙ سا سُئي، جيڪا چارڻ چت ۾

پروفيسر محرم خان جو رايو آهي تہ:

”سما سردار اُن وقت سومرن جي ساٿي ٿانهن هئا، ۽ سنڌ ۽ ڪڇ واريءَ سرحد ڪان، سمن سردارن ئي گجرن سان مقابلا پئي ڪيا. اهڙو هڪ آکاڻو مقابلو، ڪڇ جي سمي ڄام ڦونئري ۽ گجرن جي سردار وِيرگجر جي وچ ۾، همير سومري جي ڏينهن ۾ ٿيو؛

مثال طور:

ڦونئري ڪيا ڦرياڻ، ٻُرڙي تي ٻرَ پيا،
تني وڃي واريون، لوڙيون لڪَ لڻا،
ڇاوت ڪري چڙهيو، گُجر گهوُ مَلئا
ڦواڙا ڦُونئري ٻيلئين، گهڻا وڃ ڪٺا“ (٢٢).

اهڙيءَ طرح سومرن ۽ سلطان علاؤ الدين جي خونخوار جنگ واري رزميہ داستان کي، سگهڙن، ڀاٽن جي مدد سان بيان ڪيو. هن داستان ۾، سومرن جي بهادريءَ سان گڏ، ابڙي سمي جي شجاعت ۽ همت کي بہ ڳايو. پروفيسر محرم خان جو خيال آهي تہ اهو داستان سومرن سردارن جي مُشير ۽ سگهڙ، ’پاڳو پانَ‘ منظوم ڪيو. پروفيسر صاحب لکي ٿو تہ:

’اهو واقعو ’پاڳ فقير‘ نالي سومرن جي مشهور درٻاري ڀٽَ (پاڳوپان)، ڳائي وڃائي مشهور ڪيو‘ (٢٣).

پروفيسر محرم خان، پنهنجي هڪ ٻئي مقالي ۾ لکي ٿو تہ:

’پاڳ فقير هت ’چَند بردئي‘ جي ’ٻي جوڻ‘ يا نئون روپ لڳي ٿو. دودل وير جي شان ۾ ’پرٿوي راج راسا‘ جي نموني تي ’دودل راسو‘ ڳايائين، جو هڪ وڏو جنگي داستان آهي‘ (٢٤).

ليڪن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق مطابق، هن داستان جون ڳاهون، سومرن جي دور کان گهٽيون پوءِ جي دور جون آهن. هن رزميہ داستان جي ڳاهن مان ڪي ڳاهون هي آهن:

اوُ ابڙو اپگ، اوُ ڏوُنگر ئي ڏيھ ٻيو،
اوُ جوُٺا ڇاٽو جڳ، جو سرٽيين سوُ ناهي سهي (٢٥)

آءٌ ڪللندي ڳڌندي اچان
پاندڙاري ڏنم سک پار ۾
آءٌ نچندي ٽپندي اچان (۳۱).

اهي سڀ صنفون اُن وقت صدري ادب (Oral Literature) جي حيثيت رکنديون هيون. اهو سارو مواد، جيڪو اڳي سگهڙن، سالڪن، چارڻن، ڀٽن ۽ ڀانن جي سينن ۾ سانڍيل هوندو هو، تنهن کي هاڻي ڪتابي صورت ۾ ڇپايو ويو آهي. انهن مان هڪ ڪوشش، اسلام آباد ۾ قائم 'لوڪ ورثي جي قومي اداري' طرفان ڇپايل ڪتاب 'دودو چينسر' بہ آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ پروفيسر محرم خان جي هن سلسلي ۾ ڪيل ڪاوشن ڪان سواءِ، ماهوار 'نئين زندگي' رسالي جي فبروري ۽ مارچ ۱۹۷۲ع وارن پرچن ۾ منهنجي ڇپيل مقالي: 'سومرن جي دور ۾ سنڌي ادب' ۾ بہ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي تہ سنڌ، ڪڇ، گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ راجستان جا پراڻا ناتا اهو ثابت ٿا ڪن تہ ڪڇ، گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ راجستان وانگر سنڌ ۾ بہ لوڪ شاعري ۽ لوڪ نثر جو رواج گهڻو اڳاٽو آهي. (۳۲)

جيئن اڳ ۾ راءِ گهراڻي ۽ برهمڻ گهراڻي وارن دورن ۾، سنڌي لوڪ شاعري يا لوڪ نثر جي موجود هجڻ جا انومان ڏيکاريا ويا آهن، ۽ اهو بہ امڪان ڏيکاريو ويو آهي تہ، ڪڇ، گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ راجستان جي اڳوڻين رياستن جي راجائن جي ذاتي ڪتبخانن ۾ شايد، لوڪ ادب سلسلي جو مواد موجود هجي. اهڙيءَ طرح انهن اڳوڻين رياستن جي اڳوڻن رهاڪن جهڙوڪ: جتن، سوڍن، ڪترين، ريٻاڙين، اوڍن، ڪانين، سمن، سومرن ۽ ٻين ذاتين جي سگهڙن ۽ سياڻن وٽ، سندن سينن اندر سٽيل لوڪ ادب جو اهڙو سرمايو هجي، جيئن منهنجي ڀاءُ، ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ، سالن جا سال اوڏانهن وڃي، لوڪ ادب جو املهہ خزانو ڳولهي هٿ ڪيو آهي.

۸- سرگريئرسن جو خيال هو تہ 'ناگر اپڀرنش'، قديم زماني

''سومرن حاڪمن، ڦمنگ چارڻ کي ساعت بہ نہ سنو. بادشاه همير سومري، سمنگ کي ڪاٽ ۾ هڻڻ جو حڪم جاري ڪيو. سومرا حاڪمن جي اهڙن انياءَ ۽ ارڏائيءَ جا اوڳڻ، ڦمنگ، سڻن جي صورت ۾ بيان ڪيا'' (٢٨).

پروفيسر محرم خان جي راءِ موجب:

''سمنگ چارڻ کان پوءِ، ٻاگهو ٻان جو نالو، دودي چوٽين ۽ ابڙي سمي سان گڏ ورتو ويندو آهي ڇاڪاڻ تہ دودي، علاؤالدين سان جنگ کان ڪجھ ڏينهن اڳ، سومرين کي ابڙي سمي وٽ، سام طور وني وڃڻ جو ڪم، هن وفادار ٻان تي رکيو هو'' (٢٩).

مذڪوره ٻاهن جي تحقيقي اڀياس کان پوءِ، پروفيسر محرم خان جي هيءَ دعويٰ بلڪل درست ٿي لڳي تہ:

''چارڻن ۽ ڄاجڪن پنهنجي دور (سومرا دور) جي عڪاسي ڪندي، عام ۽ خاص ماڻهن جي اُٿي ويهڻيءَ، سخا، سوڀ ۽ سچائيءَ جو جيڪو خاڪو پيش ڪيو آهي، سو حقيقت ۾ توجھ جي لائق آهي. مٽيرن ۽ مانجهين جا مقابلا، ڪوُنذرن جي ڪُسجڻ جا المناڪ حادثا سخي ڏاتارن ۽ ممير مردن جا مناقبا، اهڙيءَ لوڏ ۽ ڪوڏ سان ڳايائون جو اهي اڄ بہ امر آهن'' (٣٠).

٧- ٻاهن کان سواءِ محققن، سومرن جي دور ۾ چيل 'پيراڻا' (پيرن جي درگاهن تي، اُنهن جي شان ۾ ڳايل ڳيت) پڻ هٿ ڪري ڏنا آهن. هن سلسلي ۾ محترم ماستر محمد سومار شيخ، پير ڪرهيي پانداريءَ جي شان ۾ چيل، سندن مريدياڻي مائي 'مرکان شيخڻ' جا ڳيت (پيراڻا) ڏنا آهن.

مثال طور:

هيءَ ڪاندبيرڙي لسَ،
هيءَ واسَرَ ڙي وَسَ،
آءُ ڪلندي ڪُڏندي اچان،
ڪِرهيل ڏنم ڦڪ پار ۾،

جي اوڀر ۽ ڏکڻ - اوڀر واري لهجي جهڙي آهي، جنهن تي گجرات ۽ راجستان جي ناگر ۽ ڍِنگل لهجن جو اثر نمايان آهي (٣٩). بيان ڪيل ڳاٿا (ڳاهه) ۾ ڪم آندل لفظن ۾، معمولي صوتي تبديلين کان سواءِ، اڄ به ڏکڻ، ڏکڻ-اوڀر ۽ اُڀرندي طرف وارن سنڌي علائقن (ٿر ۽ پارڪر) ۾، اُهي لفظ ساڳيءَ طرح سان اُچاريا ويندا آهن. اُن ڳاٿا جي گهاڙيٽي ۽ شاعريءَ جو مضمون بلڪل اُهو ئي آهي جو صديون پوءِ، سنڌ جي سدا حيات شاعر، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سر ڪيڏاري جي هن بيت ۾ بيان ڪيو اٿس. شاهه صاحب فرمايو آهي:

ڀڄو آءٌ نہ ڄڻيان، ماريو تہ وسهان،
ڪانڌ منهن ۾ ڏڪڙا، سيڪيندي سونهان،
تہ پڻ لڄ مران، جي هونس پٺ ۾.

هاڻ جنهن ڳاٿا (ڳاهه) جو حوالو ڊاڪٽر محمد حسن صاحب ڏنو آهي. اُها ڳاٿا ملاحظ فرمايو:

ڀلا هئا جو ماريا ڀيڻ، مهارو ڪنت
لجينج تو ويڻ سين، جو ڀڳا گهر انت

هن ڳاٿا جي پهرينءَ مصرع ۾، 'مهارو' ۽ 'ڪنت' لفظن کان سواءِ باقي سڀ لفظ اُهي ئي آهن جيڪي اڄ بہ سنڌي بوليءَ ۾ رائج آهن. پر اهو بہ هر سنڌي ڳالهائيندڙ ڄاڻيندو تہ سنڌي بوليءَ جي 'ڍاٽڪي' يا 'پارڪري' لهجن ۾ 'مهارو' ۽ 'ڪنت' يعني 'ڪانڌ' لفظن جو استعمال عام آهي. شاهه لطيف بہ مٿي ڏنل بيت ۾ ڪانڌ لفظ ڪم آندو آهي. اهڙيءَ طرح ٻيءَ مصرع ۾ لجينج، لفظ ۾ 'ج' صورت جو استعمال 'ئي' صورت وارو آهي. 'ج' جو استعمال ڪڇي بوليءَ جو اثر ڏيکاري ٿو. هيءَ ڳاٿا ٻيءَ صديءَ عيسويءَ جي چئي ويئي آهي. (٤٠)

ڳاٿائن (ڳاهن) کان سواءِ، جيئن اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي تہ سنڌ ۾ قديم زماني کان راڳ، ناچ ۽ ساز وڄائڻ جو سلسلو قائم رهندو اچي. هن سلسلي ۾ چچنامي مان معلوم ٿو ٿئي تہ محمد بن قاسم جي سنڌ تي فتح وقت، ديبل شهر جي ڪن سمن قبيلن ڍُهل وڄائي، نچي ۽ ٽپي، محمد بن قاسم

۾، گجرات، راجستان ۽ اُن جي اولهه واري خطي ۾، علم ادب جو ذريعو هئي، ۽ ادبي لحاظ کان اها زبان (ناگ اپڀرنش)، هن پوري خطي تي ڇانيل هئي (٣٣).

محققن اِهو بہ ثابت ڪيو آهي تہ ڏکڻ ۽ ڏکڻ-اوڀر سنڌ جا ڪڇ، گجرات ۽ راجستان جي اولهہ واريءَ سرحد سان، سياسي، سماجي، واپاري ۽ علمي ادبي لحاظ سان گهاٽا ناتا هئا. ان ڪري، اُن وقت جا سگهڙ، سياڻا ۽ سالڪ، سرحد پار ڪري، انهن ملڪن ۾ پيا ايندا ويندا هئا (٣٤).

پروفيسر جهمٽ مل ڀاوناڻيءَ جو هن سلسلي ۾ رايو آهي تہ:

”چارڻ، ڀٽ ۽ جاجڪ وغيره، اپڀرنش جي زماني کان پوءِ گهڻو عرصي تائين سنڌ، مارواڙ، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ وغيره جا ساڳيا ئي هئا“ (٣٥).

ساڳيءَ طرح ’هندي ادب ڪي تاريخ‘ جي مصنف، ڊاڪٽر محمد حسن جو هن سلسلي ۾ رايو آهي تہ:

”اُن وقت جا شاعر ۽ سگهڙ، راجائن ۽ سردارن جا درٻاري هئا، تنهن ڪري ان وقت جي شاعريءَ ۾ ’رجز‘ ۽ ’ساراهہ‘ يا ’واکاڻ‘ جي جهلڪ وڌيڪ نظر اچي ٿي“ (٣٦).

ڊاڪٽر محمد حسن صاحب جو اهو بہ خيال آهي تہ:

”اپڀرنش شاعريءَ جا نمونا يعني ڳاٿائون، ستين صدي عيسويءَ کان ملڻ ٿيون“ (٣٧).

اڳ ۾ اهو ڇيو ويو آهي تہ راءِ گهراڻي ۽ برهمڻ گهراڻي جي دور ۾، سنڌ ۾ وير ڳاٿائون جوڙيون وييون هونديون، پر اُنهن جو ڪو مثال اسان کي هٿ اچي نہ سگهيو آهي، البت ڊاڪٽر محمد حسن صاحب، هيمچندر جي مشهور تصنيف، ’سڌ هيمچندر‘ مان، شاعريءَ جا ڪي نمونا هٿ ڪري، پنهنجي مذڪوره ڪتاب ۾ ڏنا آهن، جن کي هن (ڊاڪٽر محمد حسن) ڳاٿائون سڏيو آهي (٣٨). هيمچندر جي حوالي سان ڏنل ڳاٿائن مان هڪ جي ٻوليءَ ۽ گهاڙيٽي جو جڏهن تجزيو ڪجي ٿو تڏهن معلوم ٿو ٿئي تہ اُن ڳاٿا (ڳاهہ) جو گهاڙيٽو بلڪل سنڌي دوهي وارو آهي، ۽ اُن ۾ ڪم آندل ٻولي، سنڌ

اهڙيءَ طرح اناج پوکڻ، سارين جي وهر ڪرڻ/ رونبي، آبتن ۽ چيڙن وارن هل هنگامن ۾ لاباري جي وقت آبتن ۾ چيڙن ۾ شريڪ ٿيندڙ، مني سر ۾ آلاپ سان، لوڪ گيت جهونگاريندا هئا. اهو به هرهڪ کي معلوم هوندو ته لاباري يا پوکائيءَ لاءِ ويندڙ قافلا اُٺن تي يا بيل گاڏين ۾ مرد مورا ۽ لوڙائو بيت آلاپيندا هئا ته عورتون وري ڳيچ ۽ ڳيا يا لاباري جا گيت ڳائينديون هيون.

لوڪ ادب جي محققن کان سواءِ هر سنڌيءَ اهو به محسوس ڪيو هوندو ته ڳوٺن ۾ گهرن جون وڏڙيون (نانيون، ڏاڏيون يا جيجل مائرون)، مائرون ۽ ڀينرون پنهنجن پوٽن، پٽڙن ۽ ڌيئن کي پينگهن ۾ سمهاري، منڙي آلاپ سان ڪوڏاٽا، اوراٽا ۽ لوليون ڏينديون هيون؛ مثال طور:

(۱) پُٽَ پهلوان ٿيندين، مايا ۾ مهروان ٿيندين،
گٽي وڏو گٽوان ٿيندين، دَيالو دياوان ٿيندين،
اها لال لولي ڏيانءِ، اها لال لولي ڏيانءِ (۴۴)

(۲) مٺان مان سيئي، سٽي مٺيءَ جا سَڌَ
ڪندين مهر علي، ڪندين ڀاڄَهه علي
ايڏو آهين يا علي،
گوندر گلائون، مولي، گوندر گلائون
اسان تان لائق لاهي ڇڏيين،
ايڏو آهين.....

(۳) اسان جي تو منجهه آس، مولي، آهي تو منجهه آسَ
نراس نه ڪندين، ايڏو.....
ڏنا جي ڏاتار، مولي، ڏنا جي ڏاتار
نراس نه ڪندين، ايڏو..... (۴۵)

اهڙيءَ طرح اهي وڏڙيون ڏڏ ولوڙيندي ’مانڌيڙو‘ ۾ جنڊ

جي آجيان ڪئي هئي (٤١). اهڙيءَ طرح ’سنڌ ۾ جل پوڄا‘ واري عنوان هيٺ لکيل مقالي ۾، سنڌ ۾ لوڪ ناچن ۽ سنڌ جي واهن ۽ ڪڙين ۾، درياءَ مان وَهي ايندڙ، نئين پاڻيءَ جي پهچڻ وقت، اُن نئين وَهي آيل پاڻيءَ جي ڍُهلن دمانن، راڳ ۽ ناچ سان آجيان ڪئي ويندي هئي، ۽ ’درياءَ پير‘ جي پوڄا لاءِ ’پيراڻا / ڳيچ‘ ڳايا ويندا هئا، ۽ ڳوناٺا ناچ جا ٻول ٻہ ٻوليندا ۽ ڪُڇندا هئا (٤٢).

ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتي درياءَ جي پوڄا جي سلسلي ۾، پنهنجي ڪتاب ’سنڌي لوڪ ساهت‘ ۾ لکي ٿو تہ:

”سنڌ ۾ اڄ تائين درياه جي پوڄا ڪن ٿا، اهي پوڄا ڪندڙ ’درياه پنٿي‘ سڏجن ٿا. اهي درياءَ ۾ ’اکا‘ وجهندا آهن ۽ ’ٻهراڻا‘ (ٻحر +نذرانا) ڪڍندا آهن. درياه جي ديوتا کي ’اُڏيرو لعل‘ سڏجي ٿو. سنسڪرت ۾ ’اُدو‘ معنيٰ پاڻي. هوُ سدائين امر آهي، تنهن ڪري ’امر لعل‘ بہ سڏجي ٿو. هن کي مسلمان ’زنده پير‘ سڏين، جنهن جي معنيٰ بہ ’امر لعل‘ آهي. درياهہ شاه جي ساراهہ ۾ يا درياهہ شاه جي استتي ڪندي جي گيت ڳايا ويندا آهن اُنهن کي ’پنجڙا‘ سڏيو ويندو آهي“ (٤٣).

٩- اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي تہ لوڪ ادب جا ماخذ يا محرڪ راجائن، سردارن، راڄن جي چڱن مڙسن سان واسطو رکندڙ چارڻ، ڀٽ، ڀان، جاجڪ، جي سگهڙ ۽ سياڻا هوندا هئا ڇاڪاڻ تہ انهن جي اوطاقن ۽ اوتارن تي ڪچهرين جو سلسلو دائما جاري رهندو هو. اهڙيءَ طرح لاباري کان پوءِ ڪرن يا لاباري کان اڳ نارن تي، سياري ۾ ٻاه جي مچن جي چوڌاري، سگهڙن، سياڻن ۽ سالڪن جون ڪچهريون، سڄيون سڄيون راتيون هلنديون هيون، جن ۾ ڳجهارتن جي ڏي-وٺ، هنرن، ڏنن، ڏورن، واقعاتي بيتن، سينگار ۽ ڏهس کان سواءِ، نقل نظَير، قصا ۽ داستان، ڀوڳ، چرچا ۽ گهڻا، انهن ڪچهرين ۽ معرڪن جا مضمون ۽ موضوع هوندا هئا.

سگهڙ سڏبا آهن. سگهڙ، سنڌ جو اهم ۽ اڻ ميو خزانو محفوظ ڪندا رهن ٿا، جيڪو اسان جو قيمتي ذخيرو آهي. اڄ تائين اُن جو مرڪز ڳوٺ آهي، جتي هيءُ بيش بها خزانو سرجي ۽ وڌي ويجهي ٿو'' (٢٦).

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو هن سلسلي ۾ لکي ٿو تہ:

''لوڪ ادب جي سلسلي ۾ پورهئي ڪرڻ وارا سيلهن تي سمهندا آهن. سگهڙن جا صدري خزانا ڦولهيندا آهن؛ جهرجهنگ جهاڳيندا آهن. لفظن جا سُرَ سهي ڪري، اُن پاسي پيرو کڻندا آهن'' (٢٧).

ساڳئي ڪتاب ۾، ڊاڪٽر سنديلو اڳتي لکي ٿو تہ:

''لوڪ ادب، اسان جي علم ادب جي پيڙهہ جو پٿر آهي، جنهن تي ڪيتريون ئي عمارتون ڪڙيون ڪري سگهجن ٿيون. هر قوم کي پنهنجو لوڪ ادب، ورثي ۾ مليل آهي، جنهن ۾ عوام جي عادات ۽ اطوار، رفتار ۽ گفتار، ۽ رسم و رواج جو نقشو پوريءَ طرح چٽيل آهي.

لوڪ ادب جي کهڙي بہ شاخ هجي، تہ بہ اُن ۾ عوام جو عڪس چٽو موجود آهي. هر شاخ ۾، شاعرن ۽ سگهڙن پنهنجا پنهنجا جذبا، پاڻيءَ جيان پلٽي، درياءَ موجزن لڳائي ڇڏيو آهي، جنهن ۾ تڙڳڻ سان، ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور پلئہ پوندو، پر جيڪي هن اکر وهائيءَ وارا آهن، سي تہ نہ وقت ڏسن، نہ ويلو، آڌي مانجهي، صبح سويل تانگهي ۽ تار مان پارا

هن ڏس ۾ جن سر جون سٽون ڏنيون آهن، تن 'لوڪ ادب' جا کيلا جر ۾ کوڙي ڇڏيا آهن. هرهنڌ ڪچهريون قائم؛ جتي سگهڙنَ جا سٿ، ساري رات موتي هاريندا رهن ٿا'' (٢٨).

اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي تہ سنڌ ۾ لوڪ ادب جي سلسلي ۾ تحقيق جا ابتدائي اُهڃاڻ عرب سياح جا خط (٨٦٤ع)، ۽ سومرن جي ابتدائي دور ۾ آيل محقق البيرونيءَ جي جڳ مشهور تحقيق 'ڪتاب الهند' مان ملن ٿا. اهو سلسلو پوءِ سومرن ۽ سمن جي دور ۾ بہ جاري رهيو، جيئن ڊاڪٽر نبي بخش

پيهندي ڳيچ، ڳيا، ورانٽا، لوليون ۽ پيرانٽا ڳائيندڙيون هيون.
جنڊ پئي جو رواج سنڌ جي ڀهراڙين ۾ هاڻ لڳ ڀڳ ختم ٿي ويو آهي، نہ تہ تہ اهي ڀيڙيون، اسر مهل کير ولوڙڻ وقت، مانڌاڻيءَ جي جهر جهر جي لئي تي، ۽ جنڊ تي لئي تي، منن آلاين سان ڳائيندڙيون هيون. لوڪ ادب جو اهو سمورو مواد، جيڪو عورتن جي جيوت ۽ سماج سان واسطو ٿو رکي، سو سگهڙ ۽ سياڻين عورتن کي برزبان ياد هوندو آهي. اِن مواد جو وڏو حصو سنڌالاجيءَ جي سائونڊ آرڪائيوز شعبي ۾ آڊيو ۽ ويڊيو رڪارڊنگ جي ذريعي محفوظ ڪيو ويو آهي.

لوڪ ادب جي ماخذن جي باري ۾ محترم عبدالله ورياه پنهنجي ڪتاب، ”سگهڙن جي ڊائريڪٽري“ جي مهاڳ ۾ لکي ٿو تہ:

”سنڌي ادب ۾، لوڪ ادب جي تمام وڏي اهميت آهي. جڏهن اجا لکڻ جو رواج نہ پيو هو تڏهن اسان جي ڀهراڙين ۾ لوڪ ادب پنهنجي عروج تي پهتل هو. ڳوٺن جي اوطاقن ۾ ڪچهريون ٿينديون هيون، جن ۾ سگهڙ ۽ سچاڻ ماڻهو ويهي، پنهنجا ڀڏل ٻول، ٻين کي ٻڌائيندا هئا، جن ۾ رب جي ساراهہ، مولود، مناقبا، ڏور، هنر، ڳهارتون، پهاڪا، مناظرا، نصيحت جا نقطا ۽ ٻيون ڪيتريون ئي صنفون هونديون هيون. انهن کان سواءِ لوڪ گيت، قصا، ڪهاڻيون ۽ نڙ بيت، سنڌي سازن تي، وڏي سوز، سُرَ ۽ آلاپ سان ڳايا ويندا هئا، جن کي ٻڌندي، ويلن جون راتيون وهامي ونديون هيون، ۽ ڏينهن جي محنت، ڏک ۽ ڳُٺين جي ڳاري کان جند ڇڏائي، مسڪين ماروئڙا ٿڪجي وڃي سک سمهندا هئا، ۽ صبح جو سويل، پنيرڪي جو اُٿي وڃي، پنهنجي ٻني ٻاري يا ڏنڌي ڌاڙيءَ جي ڪندا هئا.

اهو عمل ڪڏهن کان جاري ٿيو، اُن بابت ڪنهن کي بہ ڄاڻ نہ آهي. صدين کان اهو سفر جاري آهي، ۽ ننڍڙا نينگر ڪن ڏيئي، اونائي، وڏن جا ٻڌايل ٻول پنهنجن ذهنن ۾ محفوظ ڪندا ويندا آهن، ۽ وڏا ٿي ناميارا

ڪتاب ’سير ڪوهستان‘ (١٩٤٢ع) ۽ ڊاڪٽر سنديلي صاحب جي ڪتاب ’وينجهار‘ (١٩٥١ع) سنڌ جي شهري ۽ ڳوٺاڻي طبقي ۾ ’لوڪ ادب‘ جي باري ۾ جاڳرتا آندي. اُن وقت سنڌي ٻوليءَ لاءِ ناهيل ’سنڌي صلاحڪار بورڊ‘ سنديلي صاحب جو تيار ڪيل هيو ڪتاب ’سنڌ جو سينگار‘ پهريون دفعو ١٩٥٥ع ۾ شايع ڪيو. اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪتاب، ’بيلاين جا ٻول‘ سنڌ جي ٻار ٻار کي ’لوڪ ادب‘ ۽ اُن جي اعليٰ فن کان واقف ڪرايو. ڊاڪٽر صاحب جو هي ڪتاب پهريون ڀيرو ١٩٥١ع ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو هو.

مطلب ته ورهاڱي کان ڪجهه سال اڳ ۽ ورهاڱي کان پوءِ، پهرئين ڏهاڪي ۾ سنڌ ۾ شايع ٿيل اهي ڪتاب ’لوڪ ادب‘ جي تحقيق جي سلسلي ۾ بنيادي ڪتابن جو درجو رکن ٿا، جن سنڌ جي ماڻهن جي ذهن ۾، سنڌي ادب جي هن شاخ تي سوچڻ ۽ اُن تي ڪم ڪرڻ لاءِ انقلابي تبديليون آڻي ڇڏيون. ڪيترن سڄڻن جا نالا پيش ڪري سگهجن ٿا، جن هن ادب جي زمين کي پنهنجي رت سان ريج ڏنو. انهن ۾ ڊاڪٽر بلوچ کان سواءِ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي، هيڙي فقير ڪنڀار، سيد عبدالحسين شاهه موسوي، محترم محمد ابراهيم عباسي، محمد طالب لوهار، ولي محمد طاهرزادي ۽ ماستر محمد سومار جا نالا فخر سان پيش ڪري سگهجن ٿا.

١٠- لوڪ ادب جي تحقيق جي سلسلي ۾ انفرادي طور ته ڪم ٿيندو رهيو پر باقاعدگيءَ سان، هڪ رٿا موجب تحقيق جو ڪم، سنڌي ادبي بورڊ جي سهاري سان، سنڌ جي سڄاڻ شخص، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ شروع ڪيو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب، پنهنجي هن رٿا جي باري ۾، ’لوڪ ادب سلسلي‘ جي پهرئين ڪتاب، ’مداحون ۽ مناجاتون‘ جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ته:

”سنڌ جي لوڪ ادب کي سهيڙڻ لاءِ هڪ تفصيلي تجويز سن ١٩٥٥ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي سامهون رکي ويئي، جا ١٩٥٦ع جي آخر ڌاري بورڊ بحال ڪئي، ۽ اُن جي

خان بلوچ ۽ پروفيسر محرم خان جي حوالن ۽ ”نئين زندگي“ ماھ فبروري ۽ مارچ ١٩٧٢ع ۾ ڏنل مثالن ۽ ماستر محمد سومار شيخ جو ’مائي مرڪان شيخڻ‘ جي باري ۾ لکيل مقالي مان معلوم ٿئي ٿو. اُن کان پوءِ ارغونن ۽ ترخانن جي دور ۾ فارسي زبان ۾ لکيل ڪتابن جهڙوڪ: مثنوي چنيسر نامہ، تاريخ طاهري ۽ پوءِ مغلن جي نوابن ۽ ڪلهوڙن جي دور ۾ لکيل ڪتابن جهڙوڪ ’تحفتہ الڪرام‘ وغيرہ ۾ سنڌ جي قديم قصن ۽ عشقيہ داستانن جي باري ۾ ڪافي معلومات ڏنل آهي.

اُن کان پوءِ ٽالپرن ۽ انگريزن جي دور ۾ جارج اسٽئڪ، ڊاڪٽر ٽرومپ، سر رچرڊ برٽن، ايف - جي گولڊ سمڊ، ايٽڪن، ديوان ڪوڙيمل چندن مل، مرزا قليچ بيگ، روچيرام گجومل آڏواڻي، ديوان ڪيولرام، سلامتراءِ، مسٽر ڪنڪيڊ، ۽ ٻين سنڌ جون تاريخي، نيم تاريخي، عشقيہ ۽ نيم عشقيہ داستانن کي انگريزي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيو، ۽ انگريز آفيسرن کان سواءِ ڏيهي اديبن بہ لوڪ ادب جي تنهن وقت جي مشهور صنفن جهڙوڪ: قصن، آکاڻين، داستانن، ڳجهارتن ۽ پهاڪن کي ڪتابي صورت ۾، سنڌ جي ماڻهن جي اڳيان آندو. اِنهن مان ڪن ڪتابن جا سالوار، عنوان ’ضميمي الف‘ ۾ ڏنا ويا آهن.

ورهاڱي کان پوءِ هن موضوع تي ٿيل ابتدائي ڪوشش جي باري ۾ معلومات، اڳ ۾ صفحي ٨، ٩ ۽ ١٠ تي ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي صاحب جي مضمون ۽ ٻين مضمونن جي حوالي سان ڏني ويئي آهي. پر لوڪ ادب تي تحقيق ڪرڻ جي سلسلي ۾ ۽ اُن جي واڌاري ۽ ويجهہ لاءِ سنڌ جي سڄاڻ ڏاهن ذاتي طرح ڪوششون ورتيون. اُنهن جناب مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائينءَ جن جو نالو اولين حيثيت ٿو رکي. سندن ڪتاب ’ڪافي،‘ جنهن ۾ مخدوم صاحب جن ڪافي جوڙڻ ۽ ڪافيءَ جي ڳائڻ جي فن بابت مڪمل سمجهاڻي ڏني آهي، ۽ اُن کان سواءِ هن ڪتاب ۾ مخدوم صاحب جن سنڌي تهذيب ۽ سنڌي لوڪ ادب بابت سني ڄاڻ ڏني آهي.

مخدوم صاحب جن کان سواءِ، ماستر الله بچائي سمي جي

سينگار شاعري ★، (١٢) پروليون ★، ڏنون★، معنائون ۽ ٻول ★، (١٣) ۽ (١٤) ڳجهارتون ٻہ ڀاڱا ★، (١٥) ڏور ★، (١٦) ڳيچ ★، (١٧) لوڪ گيت ★، (١٨) بيت ★، (١٩) نثر جا بيت ★ (سانوڻ فقير ۽ سندس ساٿياري)، (٢٠) ڪان (٢٧) سنڌي لوڪ ڪهاڻيون ★، ٧ ڀاڱا، (٢٨) دودو چنيسر، ٻہ ڀاڱا ★ (٢٩) مشهور سنڌي قصا ★، (٣٠) سنڌ جا عشقيہ داستان، ٻہ ڀاڱا ★، (٣١) مشهور سنڌي قصا: عشقيہ داستان جلد ٽيون، ليلان چينسر ★، (٣٢) مشهور سنڌي قصا: عشقيہ داستان جلد چوٿون، سسئي پنهو ★ (٣٣) مشهور سنڌي قصا: عشقيہ داستان، جلد پنجون، مومل راڻو ★ (٣٤) مشهور سنڌي قصا: عشقيہ داستان، ڍول مارو ★، (٣٥) عشقيہ داستان، ڍول مارو ★، (٣٦) مورڙو ۽ مانگر مڇ ★ (٣٧) عمر مارئي ★، (٣٨) مشهور سنڌي قصا: عشقيہ داستان، جلد ڇهون ★، سورٺ ۽ راءِ ڏياچ ۽ هير رانجهو (٣٩) رسمون رواج ۽ سڱ ساڪ، ۽ (٤٠) هنر.

هن سلسلي جو هر ڪتاب پنهنجي ليکي اهم ڪتاب آهي. جنگناما موضوع وارو ڪتاب اُن ڪري بہ اهم آهي جو هن ڪتاب ۾، سنڌ ۾ مختلف دورن ۾، حاڪمن ۽ سردارن جي وچ ۾ وڙهيل جنگيون ۽ اُنهن جي باري ۾ ڏنل مواد، تمام گهڻو معلوماتي آهي. اِنهيءَ مواد کي سامهون رکي، سنڌ جي سماجي ۽ سياسي تاريخ نئين سر لکي سگهجي ٿي. هن ڪتاب ۾ لس ٻيلي جي احوال کان وٺي، سومرن ۽ سمن جي دور ۾ وڙهيل جنگيون، ارغونن، مغلن، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دور کان سواءِ سنڌ ۽ بلوچستان جي سرحدي علائقن ۾ وڙهيل جنگين ۽ سنڌ جي سورهين جون انگريزن جي خلاف وڙهيل جنگين جو تفصيل آهي. هن سلسلي جو هي ڪتاب نهايت ئي معلوماتي آهي.

اهڙيءَ طرح واقعاتي بيتن جي عنوان واري ڪتاب ۾، سنڌ ۾ وقت بوقت رونما ٿيل واقعن جهڙوڪ: درياءَ جي اُٿل، مَڪيءَ جي حُرن جا مقابلا، جوالا سنگهہ جو مارجڻ، ڪوئيٽا وارو زلزلو، ٿرپارڪر ۾ ١٩٣٩ع وارو ڏڪار، سکر براج بعد ملڪ جي حالت، گهوٽڪي اسٽيشن تي گاڏين جو ٽڪر، شاھ عنايت صوفيءَ جي شهادت وغيره جهڙن تاريخي واقعن جو احوال ڏنل آهي. اهڙيءَ

عملي نگراني ۽ تڪميل بنده جي حوالي ڪئي.

اُن تجويز مطابق، جنوري ١٩٥٧ع کان لوڪ ادب سهيڙڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو. انهيءَ سلسلي ۾ تعلقي وار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا ته ڏنل هدايتن موجب ڀهراڙيءَ مان مواد گڏ ڪري موڪلين. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾، 'سنڌي لغت' سان گڏ 'لوڪ ادب مرڪزي آفيس' قائم ڪئي ويئي ۽ ڪارڪن مقرر ڪيا ويا.

ٻهريان ٻه سال، ١٩٥٧ع ۽ ١٩٥٨ع لوڪ ادب جي مواد سهيڙڻ ۾ صرف ٿيا. انهيءَ عرصي ۾ تعلقي وار ڪارڪنن ڳوٺن مان گهربل ڳالهيون هٿ ڪيون؛ مرڪزي آفيس جي عملي چيپل ڪتابي ذخيري مان ضروري مواد اُتاريو، ۽ بنده ڪوشش ڪري، سنڌ جي هر ڀاڱي جو گشت ڪري، ڄاڻ سگهڙن سان ڪچهريون ڪيون، ۽ عام سنڌي ادب جي هر پهلوءَ کي سمجهڻ ۽ اُن جي خاص ذخيري کي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ سعيي ۽ همت، بلڪ جذبي ۽ محبت سان قدري ايترو مواد گڏ ٿيو، ۽ ٿي رهيو آهي، جو اُن جي آڌار تي عام سنڌي ادب جي هر ڀاڱي بابت نموني طور، ڪتاب مرتب ڪري سگهجي ٿو. ڪتابن جي تاليف جو سلسلو ٽئين سال ١٩٥٩ع ۾ شروع ڪيو ويو آهي" (٤٩).

لهاذا ڊاڪٽر بلوچ صاحب، سندس ساٿين ۽ ڪارڪنن جي مدد سان، هن رٿا جي تڪميل لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪئي، ۽ هن سلسلي جي چاليهن عنوانن تي، چاليهه ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيائون. سندن هن رٿا جو آخري ڪتاب 'هنر' جي صنف تي هو، جيڪو ١٩٩١ع ۾ مڪمل ٿيو. اهڙيءَ طرح ٤٠ سالن جي عرصي ۾، ڊاڪٽر صاحب پنهنجي اورچ ۽ اڻٿڪ ڪوشش سان هيٺ ڏنل فهرست موجب چاليهه ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا:

(١) مداحون ۽ مناجاتون، (٢) مناقبا، (٣) معجزا، (٤) مولود، (٥) ۽ (٦) ٽيهه اکريون ۽ ٻه ڀاڱا، (٧) هفتا، ڏينهن ۽ راتيون، (٨) جنگناما، (٩) واقعاتي بيت ★، (١٠) مناظرا ★، (١١) سنڌي

بلوچ ۽ ڊاڪٽر سنديلي صاحب وڏو تحقيقي ڪم ڪيو آهي. مهراڻ رسالي جي ١٩٥٥ع واري پرچي ۾، ٽن قسطن ۾ ڊاڪٽر صاحب، جو هڪ اهم مقالو: 'سنڌي ۽ هندي شاعريءَ جو لاڳاپو، (٥٠)، هن سلسلي جو هڪ اهم مقالو آهي. سينگار شاعريءَ جي سلسلي ۾، ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو ته:

"بحثيت هڪ 'فن' جي، سينگار شاعري نسبتا هڪ مشڪل موضوع آهي، انهيءَ ڪري هن ميدان ۾ هر شاعر يا هنرمند جو ڪڏي پوڻ مشڪل هو. اهو ئي شايد هڪ مکيه سبب آهي جو هن سلسلي جي سچاڻ شاعرن جو تعداد ڪنهن حد تائين محدود نظر اچي ٿو، حالانڪ هي سلسلو ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي دور جي شروعات کان وٺي اڄ کان پنجاهه ورهيه اڳ تائين يعني ته تقريبا پوڻا ٻه سو ورهيه لاڳيتو نظر اچي ٿو. مگر هن تعداد جي ڪميءَ جا ٻيا ڪي خاص سبب پڻ نظر اچن ٿا. پهريون ته سينگار شاعريءَ جو خاص الخاص موضوع 'مجاز' هو، يعني ته محبوب جي ظاهري حسن ۽ سينگار جي تعريف. مگر سنڌ جي سرزمين عالمن، درويشن ۽ صوفين جي اصلاح يعني نفس واري مسلسل تبليغ سبب 'حقيقت' کي هميشه 'مجاز' تي ترجيح ڏني، ۽ 'صورت' جي بدلي 'سيرت' جي قائل رهي، انهيءَ ڪري سينگار شاعري، عالمن ۽ صوفي درويشن جي خاص طبقي ۾ عام رائج نه ٿي. جيئن ته اُن وقت لکيل پڙهيل طبقو به اهو ئي هو، انهيءَ ڪري اهو شعر جنهن جو تعلق فن 'سينگار' سان هو، قلمبند ڪونه ٿيو، ۽ محض سگهڙن جي سينن ۾ محفوظ رهيو. ٻيو ته، ڀٽائي صاحب يا ٻين صوفي شاعرن جا بيت عامفهم زبان ۾ چيل هئا، ۽ انهيءَ ڪري زبانزد عام ٿي ويا؛ مگر 'سينگار شاعري' بحيثيت هڪ فن جي، ڳوڙهي زبان ۽ انوکي اُسلوب بيان ۾ ادا ڪيل هئي، انهيءَ ڪري اُن جو ذوق خاص طرح اُن وقت جي ماهرن جي مجلسن جو ورد وظيفو بنيو" (٥١).

طرح مناظرا بہ لوڪ ادب جي هڪ اهم صنف آهي، جنهن ۾ عقل ۽ عشق جي وچ ۾ مناظرو، عاشق ۽ گهڙي جي وچ ۾ مناظرو، علم ۽ ڌن جي وچ ۾ مناظرو، جواني ۽ پيريءَ جي وچ ۾ مناظرو، وغيره ۽ ٻين ڪيترن ئي عنوانن جي مناظرن کي شامل ڪيو ويو آهي.

اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر عبدالڪريم پنهنجيءَ ٿيسز ۾ لوڪ ادب جي جن صنفن تي تحقيق ڪئي آهي، اُهي صنفون هي آهن:

(١) پرولي ۽ پرولين جا قسم، (٢) ڳجهارت ۽ ڳجهارتن جا قسم، (٣) ٻهگُٽن جا ٻول، (٤) نقل نظير، (٥) هنر، (٦) ڏُراهو، (٧) سينگار، (٨) ڌهس، (٩) ڏور، (١٠) جهيڙا ۽ مناظرا، (١١) مداحون ۽ مناجاتون، (١٢) معجزا، (١٣) ٽيه اکري، (١٤) مولود، (١٥) لولي، (١٦) سهرا، (١٧) ڪوڏاٺا، (١٨) ٻيلڻ، (١٩) چلڙا، (٢٠) مورو، (٢١) جمالو، (٢٢) ڪهاڻيون، (٢٣) ٻاراڻا ٻول ۽ (٢٤) لوڪ ڪهاڻيون.

١١- جيئن مٿي عرض ڪيو ويو آهي تہ لوڪ ادب جي صنفن ۾ سينگار جي شاعري، ڌهسناما، هنر: ڳجهارتون، پروليون، ڏنون، لوڪ گيت، ڳاهون، ڏور، ڳيچ، ريتيون رسمون، مناظرا وغيره خاص صنفون آهن جن تي سنڌ جي سگهڙن، سياڻن ۽ محققن خاص طور وڏو ڪم ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح لوڪ ڪهاڻيون، قصا، داستان ۽ عشقيہ/ نيم عشقيہ داستان، پهاڪا ۽ چوڻيون لوڪ ادب جو نثري حصو آهن، جنهن تي پڻ تمام گهڻو ڪم ٿيل آهي. اهي ئي صنفون دراصل لوڪ ادب جون خاص صنفون آهن.

سنڌ جي سينگار واري شاعريءَ تي، هندي سينگار واري شاعريءَ، ۽ خاص ڪري ’هندي سينگار رس‘ جو وڏو اثر رهيو آهي. ’رس‘ ڇا آهي؟ سينگار ڇا آهي؛ سينگار شاعريءَ جا عنوان ڪهڙا آهن؛ سورهن سينگار ڇا کي ٿو چئجي؛ سينگار رس واري شاعري سنڌ تائين ڪيئن پهتي ۽ ڪڏهن پهتي؟ اهي اهڙا عنوان آهن، جن تي تحقيق جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر

’ڏهس‘ ۽ ’سينگار‘ ساڳئي موضوع جون صنفون آهن. هن صنف جا بہ سنڌ ۾ ڪافي شاعر تي گذريا آهن، پر جلال ڪٽي سيني جو سرواڻ هو. جلال ڪٽيءَ کان سواءِ سينگار شاعريءَ جي مشهور شاعرن ۾ سيد ڪبير شاهہ لس ٻيلي وارو، صابر موچي، مراد فقير زنگيجو، شيخ حمر، شيخ ابراهيم، جام مراد علي جوکيو، سيد راڄن شاهہ، چڱو جت ۽ ٻيا بہ ڪيترائي شاعر ٿي گذريا آهن.

١٢- سنڌي سماج ۾ ڳيا، ڳيچ، سهرا، رسوماتي گيت، اوراڻا، ڪوڏاڻا، لوليون، ڇلا، ٻيلڻ کان سواءِ فصل پوکڻ وارا گيت، درياءَ پير جي شان ۾ ڇيل پنجڙا، لاباري جا گيت، ڪير ولوڙڻ وقت ڳايل مانڌاڻي جا گيت ۽ اهڙيءَ طرح پيراڻا ۽ وڇوڙي جا گيت هر سنڌيءَ کي معلوم هوندا.

لابارن کان پوءِ ڪرن تي گڏ ڪيل وَل تي وينل ڪمدار ۽ ڪاراوان ڪچهرين جو بندوبست ڪندا آهن. سياري جي موسم ۾ اهڙيون ڪچهريون ٻاهہ جي مچن جي چوڌاري ڪيون وينديون آهن، جن جو آءٌ مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان. انهن ڪچهرين ۾ شاهہ لطيف سائينءَ جا بيت، وائيون، ڪافيون ۽ سچل سرمست ۽ ٻين شاعرن جون سنڌي ۽ سرائڪي ڪافيون، ڳجهارتون، هنر، سينگار، ڏور، ڏهس، ڏٽ ۽ لوڪ گيت، خاص آلاپ ۽ انداز سان ڳايا ويندا آهن، ۽ اهڙيءَ طرح آکاڻيون، ڳاهن سان ڳالهيون، قصا، داستان، نقل نظير وغيره بہ هنن ڪچهرين جو حِصو هوندا آهن. آءٌ جڏهن ننڍو ٻار هوس، مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي تہ منهنجو ماستر بولو، بوبنا جراڙ، پنرو بداماڻي، هوٿل پدمٽي ۽ اُڏي ڪيهر واريون ڳاهن سان ڳالهيون، اسان جي ڳوٺ ۾ ڪونايل ڪچهرين ۾ خاص آلاپ ۽ سُر سان ڳائي، ڪچهرين جي ڪوڏين کان داد حاصل ڪندو هو. اهڙيءَ طرح منهنجي ناني جا ٻائر هرهڪ: آسر خواجو ۽ ٻانهو خواجو، سانوڻ فقير جي بيتن کان سواءِ ڏانديي، جُهمر ۽ ٻين ناچن جا ٻول، ٻڌائيندا هئا. منهنجو پيءُ تہ ڏانديي ناچ جو مڃيل ناچو هو. هو بہ ڏانديي ناچ جا ٻول ڳُڇندو هو ۽ ڳائيندو هو.

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، سينگار شاعريءَ جي سلسلي ۾، هڪ وڏو نقاد ۽ وڏو ماهر سمجهيو ويندو آهي. هو سينگار شاعريءَ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”سينگار جا بيت، جي سنڌ جي شاعرن ڳايا آهن سي دراصل هندي بيتن جو تتبع آهن. سنڌي شاعرن، هندي دوهن کان متاثر ٿي، پنهنجي ماحول ۽ فضا موجب، محبوب جي سينگارن کي خوب ڳايو آهي. جيتوڻيڪ تشبيهون گهڻو ڪري ساڳيون قائم رکيون اٿن، تڏهن سندن بيتن ۾ ماحول جو اثر نمايان آهي. محبوب جي وڻندڙ وصفن کي پنهنجي روزمره جي عام شين سان تشبيهه ڏيئي، پنهنجي بلند خياليءَ ۽ ذهني ذوق جو خاڪو پيش ڪيو اٿن.

شاهه ڀٽائيءَ جي وقت کان وٺي، سنڌ ۾ شعر جو چرچو ايتري قدر ته وڌي ويو، جو هتي هرهنڌ شعر جي درياءَ موجون لائي ڇڏيون، جنهن ڪري اهڙي ته ڪمال درجي جا شاعر پيدا ٿيا، جن جا بيت اڄ به مثال ۽ داد لاءِ حاضر آهن.

سنڌي شاعرن به هندي شاعرن واري روش اختيار ڪئي. هندي دوهن مان اهو پڻ معلوم ٿو ٿئي ته محبوب جا سورهن سنگيار آهن. انهن سورهن سينگارن کي فطري سينگار ۽ مصنوعي سينگار ۾ ورهايو اٿن. فطري سينگار ۾ شاعر، محبوب جي فطري وصفن کي، پنهنجي ماحول جي شين سان ڀيٽي، محبوب جو رُتبو وڌائي ٿو. انهن سينگار جي بيتن ۾ اُهي ساڳيا واسينگ وار، ساڳيا ڳلَ، ساڳيا ڀرون، ساڳيون بادامي ۽ ڀيڪاني اکيون، ساڳي روشن پيشاني، آموزڪ، لال لب، سرو قد، چابڪ چيلهه جي ڪبڪ رفتاري، ٻانهن جي لوڏ، ۽ خوش پوشاڪيءَ جو ذڪر سمايل رهي ٿو. تنهن ڪري سينگار جي دوهن جي نسبت، اڪثر مطلق حُسن ڏانهن آهي، ۽ نه ڪنهن مخصوص حسن ڏانهن“ (۵۲).

اهڙيءَ طرح ’ڏهس‘ به ’سينگار‘ صنف جي هڪ ڪڙي آهي.

عزيزن جي اُمنگن ۽ احساسن ۽ سماجي زندگيءَ جي خوبين ۽ خامين جو آئينو آهن. اُن کان سواءِ سنڌ جي ڳيچن ۾ خصوصاً سنڌ جي اڳوڻين رسمن ۽ رواجن توڙي تاريخي اُهڃاڻن جا آثار پوشيده آهن. ٻوليءَ جي لحاظ سان ڳيچ عوام جي زباني گهرو ٻوليءَ جا اهم دستاويز ۽ دفتر آهن، جن جو مطالعو لسانيات جي طالب علمن لاءِ ڪافي اهميت رکي ٿو" (٥٤).

اهڙيءَ طرح لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ ۾، ڳيچن جي تجزئي کان پوءِ هيءُ رايو ڏنل آهي:

"بهرحال سنڌي ڳيتن ۽ ڳيچن ۾ نصيحت ڀريا نڪتا، سنڌ جي قومي مزاج جون بنيادي خصوصيتون جهڙوڪ: الله ۾ آس رکڻ، قول تي سچو رهڻ، نياز ۽ نوڙت سان گذارڻ جهڙا مضمون ڳيچن ۾ عام طور ملن ٿا. ڳيچن ۾ ڏاهپ جون ڳالهيون ۽ تجربا بيان ٿيل هوندا آهن" (٥٥).

اهڙيءَ طرح رسماتي گيتن کان سواءِ وچوڙي وارا ڳيت جهڙوڪ: ڏورو، ڪاڳڙو، جهالريو، چلو، ٻيلڻ، جمالو، ليالو، مانجهيئڙو، گولاڙو ۽ مورو وغيره لوڪ گيت، سنڌ جو وڏو املھ سرمايو آهن. اهي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو عظيم ورثو آهن، جيڪي جڳان جڳ، سيني بسيني، هڪ نسل کان ٻئي نسل کي منتقل ٿيندا رهيا آهن. 'لاڙجي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ' ڪتاب ۾ انهن جي باري ۾ هيٺئن بيان ٿيل آهي:

"سنڌ جي لوڪ گيتن ۾ سنڌ جي سماجي ۽ تهذيبي ارتقا جا تاريخي سلسلا سمايل آهن، ۽ اُنهن مان سنڌ جي ماڻهن جي مخصوص روايتن، ذهني لاڙن ۽ قومي مزاج جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

"لوڪ گيتن جو اصلي سرچشمو جيئن تہ عام ماڻهن جي دلين ۾ موجزن رهي ٿو، انهيءَ ڪري اُنهن ۾ جذبن، احساسن جي اصليت، زبان جي لطافت ۽ اظهار جي سادگيءَ سان گڏ ثقافت ۽ لغت جا ڀنڊار ڀريل هوندا آهن" (٥٦).

١٢- اوراٽن، ڪوڏاٽن، لولين، مورن، لوڙائو بيتن کان سواءِ شادي وهانءَ جي موقعي تي سانن ۽ سوٽن جي وقت ڳايل ڳيچ وڏي دانائيءَ، وڏي فلسفي ۽ وڏيءَ سوچ ۽ سمجھ وارن نقطن سان پريل آهن. مثال طور اهڙو هڪ ڳيچ پيش ڪجي ٿو. هيءَ ڳيچ، ڪنوار کي، ونواه ۾ ويهارڻ مهل، ڪنوار جون سهيليون ۽ گھوٽ جون ويجهي ۾ ويجهيون مائٽياڻيون گڏ جي ڳائينديون آهن. هيءُ ڳيچ 'سانجهيءَ' واري رسم ۽ سات جو ڳيچ آهي. هن ڳيچ ۾ ڏاهي جون ڳالهيون ۽ تجربا بيان ٿيل آهن. سانجهيءَ واري رسم ادا ڪرڻ مهل، هي ڳيچ ڳائيندي اشارن، ڪناين ۾ ڪنوار کي، هدايت واري انداز ۾، سُر ۽ آلاپ ۾، ڏُهل جي 'ڇنڊ واري وڄت' تي، 'آسا،' 'مانجهه' يا 'ڪوُنسيو' سُرن ۾ سمجھائينديون آهن ته:

سانجهي سنجهڙو، سانجهڙي ڏجي،
جنهن گهر سانجهڙي، سو گهر وسي،
پير سين پينگهڙو نه لوڏجي،
هوندڙي سوندڙي ناهين نا ڪجي،
سُتڙي سَپَ جي، چيڙ نه ڪجي،
تتڙو گيڙ نه تورجي
سُتڙي ڪُتڙي، لتِ نه هڻجي
ٻوهاري سوُهاري، ڪُنڊ ۾ رکجي
ماءُ پيءُ جو چِيڙو مڃجي
سَسُ سَهري جي سيوا ڪجي'' (٥٣).

اهڙيءَ طرح سنڌ جي محققن ٻين رسماتي ڳيچين جو به ذڪر ڪيو آهي. ڳيچن جي باري ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو هيءُ رايو ڪيتري قدر نه اهم آهي، جنهن ۾ هوُ لکي ٿو ته:

''علم ال انسان جي طالب علمن لاءِ ڳيچن جي مطالعي ۾ ڪافي قيمتي مواد موجود آهي. ڳيچ عوام جي گهرو زندگي، قبائلي رسمن، رواجن، شاديءَ جي سانن سوُٽن،

جن کي ھؤ پنھنجي شعر ۾ فطري طور، اُن جي اصلي ۽ حقيقي خواہ اصطلاحي معنيٰ ۾ استعمال ڪري ٿو. اھڙيءَ طرح ھر ماحول ۽ ھر ڀاڱي جي شاعر پنھنجي ٻوليءَ کي شعر جي مانيءَ ۾ ولوڙيو آھي ۽ ڪيترن ئي نون ۽ انوکن لفظن کي مکڻ جي ڦٽين مثل پنھنجي ڪٽي مني جھڻ ڳاڏئون پارکن جي آڏو پيش ڪيو آھي. جيڪڏھن ملڪ جي ھر ونھيين ولوڙيندڙ شاعر وٽان، انھيءَ مھي ۽ جھڻ جي ورچ ونجي تہ ھوند لفظن ۽ لغت جي گيھ مکڻ جا ڍڳ لڳي وڃن، ۽ اسان جي سنڌي زبان سائي، سرھي ۽ سٺيي ٿي پوي'' (٥٨).

ڊاڪٽر بلوچ صاحب اڳتي فرمائي ٿو تہ:

''عام جا شاعر اصلي ۽ نج سنڌي ٻولي جا ابا آھن: ھنن جي اردگرد روزمرہ جي گفتگو ۾ لفظن جا وڏ ٽڪ ۽ اصطلاحن جي فطري گھڙ پچ لڳي پئي آھي. نوان نوان محاورا ۽ الفاظ برجستہ زبانن مان نڪري، عام ڪچھرين ۾ پچي پختا ٿي، پيا رواج ۾ اچن. ٻوليءَ جو اصلي لفظن جو قديم ذخيرو بہ نج ٻھراڙين ۾، جن کي شھري ھوا اچا گندو نہ ڪيو آھي، محفوظ ۽ سلامت آھي ۽ وڏڙن جي صدري دفتر ۾ سمايل آھي، ۽ پشت بپشت موروثي طور ھلندو اچي. ھر ڪنھن فن ۽ ڌنڌي جي اطوارن، اوزارن، محاورن ۽ معنائن جا نج سنڌي نالا اصلي سنڌي ڪاريگرن وٽ محفوظ ۽ مروج آھن. لوھارن، واڍن، ڪورين، ڪنڀارن ۽ ملاحن وٽ انھن فني نالن جون فھرستون موجود آھن'' (٥٩).

مطلب تہ سنڌ جي لوڪ ادب ۽ خاص ڪري لوڪ گيتن ۾ اھڙو تہ لطف ۽ سوز سمايل ھوندو آھي، ۽ اھڙو تہ رس ۽ لئي ڀريل ھوندي آھي جو ٻڌڻ واري جي دل ۽ دماغ تاثر جي انتھائي گھراين ۾ گم ٿيو وڃن، ۽ ھؤ پاڻ کي انھيءَ گھڙيءَ اھڙي ماحول ۾ تصور ڪرڻ لڳندو آھي، جتي فطرت پنھنجي حقيقي ۽ لافاني لباس ۾ ڳائيندي، نچندي، ٽپندي ۽ مسڪرائيندي نظر ايندي آھي. انھن سپني جبلتن جو ڪارڻ

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتيءَ جي ڪتاب ۾ ’سنڌي لوڪ ساهت‘ جي عنوان سان مهاڳ ۾، ورهاڱي کان اڳ ۽ ورهاڱي کان پوءِ، ڀارت ۾ هن ڏس ۾ ڪيل تحقيق جو جائزو وٺندي، شڪايتي انداز ۾، صفحي ١٥- تي لکيو آهي ته:

”انهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته سنڌ ۾ سنڌي لوڪ ادب ۽ سنڌي لوڪ ڪلا تي گهڻو ئي تحقيقي ڪم ٿيو آهي، پر اُنهيءَ جو جائزو وٺڻ سان هڪدم ظاهر ٿي پوي ٿو ته اهو گهڻي قدر هڪ طرفو آهي. سنڌي هندن جا ساڪ، سوڻ ۽ ريتيون رواج، هندو ڌرم سان وسطو رکندڙ لوڪ ڪٿائون ۽ عوام جا وشواس اُتي گڏ ڪري درج نه ڪيا ويا آهن“ (٥٧).

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جي انهيءَ شڪايت تي آءٌ به اتفاق ڪريان ٿو، پر اُن هوندي به ڊاڪٽر بلوچ صاحب، سندس ڪتاب ’ساڪ سوڻ، ريتيون رسمون‘ يا لوڪ گيتن واري جلد ۾ يا ’لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ‘ ۾ لوڪ ادب وارو باب ڏسبو ته رسماتي گيت، ٿر جا لوڪ گيت، هڪ لحاظ سان ٿر جي ۽ لاڙ جي هندن توڙي مسلمانن جي عام زندگيءَ ۽ جيوت جي باري ۾ آهن. البت هندو ڌرم سان واسطو رکندڙ لوڪ ڪٿائون ۽ عوام جا وشواس واري عنوان تي به ’لوڪ ادب رٿا‘ هيٺ سنو ڪم ڪري سگهجي ها ۽ اهو ڪم ڪرڻ کپي.

١٤- ٻولي-

سنڌ جي لوڪ ادب جي صنفن تي تحقيق ڪندڙ سڄڻن، لوڪ ادب جي صنفن ۾ ڪم آندل ٻوليءَ تي به ستي ۽ معلوماتي چند چاڻ ڪئي آهي. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب، ’ٻيلاين جا ٻول‘ ۾ لکي ٿو ته:

”عام شاعري لغت جي اڻ کُٽ کاڻ آهي. عام جو شاعر سر زمين سنڌ جي هر خطي ۽ ماحول جو نيپاج آهي. هوُ عام فهم زبان ۽ اُن جي اصطلاحن جي علاوه پنهنجي تر ۽ جوءِ جي خاص لفظن ۽ محاورن جو به ماهر آهي،

جيئن ڦٽر گل بنن، تيئن سُهڻا ڳلَ سڄيڻن،
جيئن گُهنبو رنگ ڳلي پوي، تهڙي لالائي لبن،
جيئن سهڻا موتي سِپَ ۾، تهڙي ڏِٺ ڏندن،
نڪ تہ نيڻن وچ ۾، چَتوُنءِ ڇُهنب ڇَوَن،
جي منهن واري مُرڪن، سي ملنم مُحب ملهار چوي.

اهڙيءَ طرح 'ڏهسامي' ۾ سنڌي لغت جي وسعت ۽ بيان جي ڳوڙهائيءَ جو ذڪر، نقادن وڏي تفصيل سان ڪيو آهي. هن صنف ۾ محبوب جي حسن ۽ سينگار جي بيان لاءِ شاعرن بيشمار تشبيهون ۽ استعارا ڪم آندا آهن. هن سلسلي ۾ محترم الله بخش ٽُنيو لکي ٿو تہ:

''ڏهس ۾ جيڪي موتي مڙهيل هوندا آهن سي سينگار کان گهڻو مٿڀرا مهانگا آهن. انهيءَ ڪري ڏهس کي لوڪ ادب جو قيمتي لغوي مواد تسليم ڪجي تہ ڪو مبالغو ڪونهي'' (٦١).

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، پنهنجي ڪتاب 'ڏهسنامو' ۾، ٻہ اکر جي عنوان هيٺ لکي ٿو تہ:

''لوڪ ادب جون جيڪي ٻہ صنفون آهن تن ۾ ڏهس کي وڏيڪ اهميت آهي. ڏهس ميل آهي: 'ڏهہ + س' جو. اُن جو مفهوم آهي 'ڏهن واري صنف.' يعني اُها صنف جنهن ۾ هڪ اسم جا، مختلف ٻولين مان ڏهہ هم معنيٰ الفاظ آندل هجن، ۽ اهو پڻ ضروري آهي تہ اُن اسم جا، مختلف زبانن مان ڏهہ نالا هجن، جن سان محبوب جي ڪنهن نہ ڪنهن خوبيءَ يا وصف کي پيٽي سگهجي؛ مثلاً: محبوب جي خاص خوبي يا وصف سندس وارن، ڀرن، اکين، ڳلن، ڏندن، چپن، ڳچيءَ ۽ چيلهہ وغيره ۾ سمايل هجي، جنهن ڪري انهن وصفن سان شاعرن تشبيهي لفظ ڳوليا آهن؛ مثال طور:
هڪڙا پين، ٻيا ڦن، ٽيان تليهر، اليِهر،
اُرگ، بشيهل، راجلا. سَسيهر، وَسيِهر

هي آهي جو انهن ۾ هڪ عجيب رس، هڪ عجيب لئي، دل ۾ اُمنگ ۽ جذبا اُڀاريندڙ تڙپ موجزن هوندي آهي.

لوڪ شاعريءَ جي هر صنف، ادبي ۽ لسانياتي نقطہ نِگاہ کان اهم خوبين سان مالا مال آهي. لوڪ ادب کي اُستادن ۽ ماهرن سموهي، اُن کي هڪ مستقل علم ادب واري امر درجي جي حيثيت تي پهچائي ڇڏيو آهي. حسن ۽ عشق، سوز ۽ سڪ ۽ جوش ۽ تڙپ واري مضمون لاءِ سينگار واري صنف، اعليٰ ۽ اُتم صنف جو درجو رکي ٿي. هن صنف ۾ لوڪ شاعرن، ادبي، لسانياتي ۽ شاعراڻي لحاظ سان ڪمال ڪيو آهي. ڪنهن حسين ۽ جميل عورت جي جوڀن ۽ اُن جي سونهن ۽ سوڀيا کي، لفظن جي روپ ۾ نمايان ۽ نروار ڪرڻ لاءِ، اُن جي جسماني حسن، سونهن، رعنائي، محبوبيت، نرملتا، ڪوملتا، سندس لباس، زيورن، فطرتي حسن ۽ ادا کي چمڪائڻ خاطر، ٻورو ظاهري سينگار ڪرڻ، مثلاً سرخيءَ سان پنهنجا لب لال ڪرڻ، نرم، نازڪ، نرمل ۽ دلڪش پهراڻ پائڻ، چلولائي ۽ چترائيءَ سان پيش اچڻ جهڙيون ڳالهيون ضرور هونديون آهن.

مطلب تہ ڪنهن ماہ وش مورت جي جسماني حُسن، قد و قامت، شڪل شبيهہ، رفتار، گفتار، اکين جا اشارا، انهن کان سواءِ سندس ڏندن، چپن، نڪ، پيشانيءَ، آڱرين ۽ ٻين عضون لاءِ تشبيهَن جا دفتر کلي پوندا آهن (٦٠).

نموني طور، نقادن، سينگار جو هي بيت ڏنو آهي:

جب گوري گهنا ڪري، سولهن هار حسينَ،
’دَه دو‘ دائم دُرس رکي ٿي، جلويدار جَبين،
’چَلٽت‘ چوُر چُڪي ٿيا، هيٺا هرڻ پسي هستينَ،
’اُڏوَنت‘ اولي ۾ رهيا، ڪُهِي ڪوئِل ڪينَ،
ديهيءَ ڪان اِنَ دَم ڇَپي، ڪيو بس موتيين ٿجلو ميِنَ،
ڇڏي قوُل قڪا ٿيا، جي بينا قوُل قُلينَ،
جيڪي هر جا اهلهُنر جا، چوُٽا عاقل چين (الخ)
....

روشنيءَ ۾ لفظن کي بيهاري معنيٰ ڪيندا آهن (٦٥). هنر جي معنيٰ سکڻ يا هنر جي سکڻ لاءِ، حافظي جي گهٽ، پر عقل جي وڌيڪ ضرورت هوندي آهي؛ مثال طور:

هتي! پسي حيران ٿئين، ڏسي ڏونگر ۾،
لاهي پسين ها لڱن تان، ڏسي ڏونگر ۾،
ڏسي ڏونگر ۾، پوءِ چڙهي وئين چانديو چوي.

هن هنر ۾، سچو مفهوم 'ڏونگر' لفظ مان ڪڍڻو آهي.

سنڌ جي نقادن بلڪل درست لکيو آهي ته: سنڌ جا لوڪ گيت ٻوليءَ جو اڻٽ ڀنڊار آهن، يعني ته اُهي لغت جي کاڻ آهن، جن جي اڀياس ڪرڻ کان پوءِ ئي زبان جي وسعت ۽ ماهيت جي خبر پئجي سگهي ٿي. سنڌي ڳيچن جي سٽاءَ سادي آهي، پر فن جي لحاظ کان اِهي اعليٰ لڳن ٿا. انهن ۾ ڪم آندل ٻول، عوامي ذهن ۽ زبان جا فطري ٻول آهن، جن ۾ موسيقيءَ جي لئي ۽ رس ڀريل هوندو آهي. اهي ٻول ننڍن ننڍن فقرن ۾ سموهيل آهن، جن ۾ قافيو به آندل هوندو آهي. محققن بلڪل درست چيو آهي ته: "سنڌي لوڪ گيتن، دوهن، ڳاهن ۽ ڳيچن ۾ ٻوليءَ جي خزاني کان سواءِ اُسلوب ۽ بيان جي خوبي، تشبيهن ۽ استعارن جي استعمال، منظرنگاري ۽ نقش نگاري، شاعرن جي تخيل جي پرواز، باريڪي، سوز، جذبي ۽ جولان جي اظهار لاءِ ڪم آندل موزون ۽ مناسب لفظ ۽ فقرا، سلاست، فصاحت، بلاغت، صنايع ۽ بدايع کان واقفيت، فن جي ڄاڻ، سيرت نگاري ۽ فطرت نگاريءَ جا لاثاني ڀنڊار ملن ٿا. لفظن جي مناسب ۽ موقعي آهر استعمال، اصطلاحن، پهاڪن، چوٽين جو استعمال، شاعرن جي زبانداني‍ءَ لاءِ سهڻا دليل آهن" (٦٦).

١٥- ايتري ساري تحقيق کان سواءِ ٻين به ڪيترن ئي سچڻن ۽ سگهڙن جا هن سلسلي ۾ لکيل ڪتاب، مقالا ۽ مضمون موجود آهن. ڊاڪٽر سنديلي صاحب پنهنجيءَ ٿيسز ۾ سڄاڻ سگهڙن جي فهرست به ڏني آهي، جن سان پاڻ ڪچهريون

اوکي اوتَ عشق جي، جتي واسِنگ وِجھن وَرَ
آتي ۾ ڏونگر، سسئي رکيچ صديق ڇئي.

هن بيت ۾ نانگ جا ڏھ نالا تشبيھ طور ڏنا ويا آهن؛ جيئن: پين، ڦڻ، تليهرَ، اليھرَ، اُرگ، بشيھل، راجل، سَسيھر، وَسيھر ۽ واسينگ. نانگ جي انهن ڏهن نالن کي، مختلف ٻولين مان کڻي، شاعر، محبوب جي ڪارن ۽ ڏِگهن وارن لاءِ تشبيھ طور ڪم آندو آهي (٦٢).

ڏهس کي، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي 'لغت جي ڪاڻ' سڏيو آهي. هو لکي ٿو تہ:

''ڏهس، لوڪ ادب جي 'ڇند' ۽ 'ڇُونڊ' جنس آهي. صاف ۽ سويل جنس آهي، اها پيچيده ۽ مضبوط مشين آهي جا مدت کان مختلف زبانن جي ادبي زمينن کي کيڙيندي ۽ کوٽيندي رهي ٿي، جنهن ڪري ڪيترائي انوکا الفاظ، ميدان عِمل تي اچي، سنڌي لغت جي وسعت ۾ اضافو آڻيندا رهن ٿا.

سينگار جي بيتن کي جيڪا سونهن ۽ سوڀيا ملي آهي سا بہ 'ڏهس' جي ڪري؛ جيڪڏهن سينگار مان ڏهس جا لفظ ڪڍي ڇڏجن تہ 'سينگار' جيڪر ٻُسو ئي ٻُسو رهجي وڃي ڇاڪاڻ تہ 'سينگار' جي بيتن ۾ جيڪي تشبيهون اچن ٿيون، تن جو مدار ئي 'ڏهس' جي لفظن تي آهي'' (٦٣).

سنڌ جي نقادن، 'هُنرن' جي فني خوبين سان گڏ، اُنهن جي لغوي اهميت کي بہ ساراهيو آهي. 'هنر' جي معنيٰ ئي آهي: 'عقلي يا فني ڪاريگري' (٦٤). ان وصف جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو تہ علم ال انسان جي لحاظ کان، 'هنر' لوڪ شاعريءَ جي هڪ اهم صنف مڃي ويئي آهي. هن صنف ۾ لوڪ شاعر، اصلي لفظن کان ڪجھ 'ڦريل گھريل' لفظ ڪم آڻي، پنهنجي شعر کي ڳجھ ۽ راز وارو ڪندو آهي. ٻُولهيندڙ، انهن ڦريل گھريل لفظن تي ويچاري، پنهنجو هوش هلائي، اصلي مقصد ۽ مُدعا تي ايندا آهن، ۽ پوءِ انهيءَ مفهوم جي

سوسائٽين طرفان ڪونايل ادبي ۽ ثقافتي ڪانفرنسن ۾، سگهڙن جي محفل به هڪ خاص حصو هوندي آهي، جنهن ڪري سنڌ ۾ لوڪ ادب کي فروغ حاصل ٿيو آهي.

آءُ اهو چوڻ به پنهنجو فرض ٿو سمجهان ته هن سلسلي ۾ 'لوڪ ورثي جي قومي اداري' (اسلام آباد) ۽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۽ سنڌ سرڪار جي ثقافت کاتي طرفان لوڪ ادب جي صنفن کي رڪارڊ ڪري، پنهنجي 'Sound Archives' سيڪشن ۾ محفوظ ڪيو آهي. انهن ٽنهي ادارن وٽ سگهڙن جون هڏايل ۽ ڳايل صنفون رڪارڊ ڪري محفوظ ڪيون ويئيون آهن. اِن لحاظ کان انهن ادارن جو اهو ڪم وڏي تعريف جوڳو آهي. ٽنهي ادارن ڪتاب پڻ ڇپايا آهن 'لوڪ ورثي جي، قومي اداري، فقير دوست علي ميراسي ۽ ساٿين جي آواز ۾ هڏايل 'دودي چنيسر وارو داستان' ڇپايو آهي، جيڪو هڪ سٺي ڪوشش آهي.

سنڌالاجيءَ ۾ لوڪ ناچ، لوڪ رس، لوڪ ڪچهرين تي مشتمل فلمون پڻ موجود آهن، جيڪي اداري جي 'ايٽنا ميوزيڪل ۽ سائونڊ آرڪائيوز سيڪشن' پاران رڪارڊ ڪيون آهن.

آخر ۾ هيءُ عرض ڪرڻ به مناسب ٿو سمجهان ته سنڌي لوڪ ادب جو مطالعو سنڌي عوام جي سماجيات ۽ نفسيات جو مطالعو آهي. انهيءَ موضوع تي به گهري نظر سان تحقيق ڪئي ويئي آهي. جنهن جي تفصيل ۾ وڃڻ جي ضرورت هن مقالي جي دائري ۾ نٿي اچي.

آءُ پنهنجو هي مقالو ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتيءَ جي هن حوالي سان ختم ٿو ڪريان، جنهن سنڌي لوڪ ساهت ڪتاب ۾ لکيو هو ته:

''لوڪ گيت، من ۾ اُٿاريندڙ يا پيدا ڪندڙ قدرتي جذبا يا اُمنگ آهن. اُنهن ۾ تشبيهون نه آهن پر رس آهي؛ ڇند يا بحر وزن نه آهن پر لئي آهي، رواني آهي، مَڌرتا آهي. انسان جو من جڏهن موج ۾ ٿو اچي تڏهن هُو نچڻ ٽپڻ ۽ ڳائڻ ٿو لڳي، تڏهن ڳائڻ ۾ هرديه جو اتهاس، اهڙيءَ طرح ته ظاهر ٿو ٿئي، جهڙيءَ طرح پريم ۾ ڪشش، شرڌا ۾ وشواس ۽ ڪروُڻا ۾ ڪوملتا.'' (٧٠)

۽ ڪيون هئائين. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب، ٻيلاين جا ٻول ۾ ميرپور ساڪري، لس ٻيلي ۽ خيرپور جي سگهڙن ۽ سخن ورن جا نالا ڏنا آهن؛ محترم عبدالله ورياه سنڌ جي سگهڙن جي ڊائريڪٽري ناهي ڇپائي آهي (٦٧). درياه صاحب، سانگهڙ واري لوڪ ادب سيمينار جي سلسلي ۾ شايع ڪيل سوينيئر ۾ سانگهڙ ضلعي جي سگهڙن جي فهرست ڏني آهي (٦٨). مهراڻ رسالي ١٩٩١ع ۾ 'لوڪ ادب نمبر' شايع ڪيو، جنهن ۾ لوڪ ادب جي سلسلي ۾ ٻارهن مضمون شامل ڪيل آهن (٦٩). اهڙيءَ طرح ڇهه ماهي سنڌي ادب، ماهوار نئين زندگي، سهڻي، شاعر، رفيق حيات، بيداري، سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي مخزن ڪينجهر ۽ شاهه لطيف يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي مخزن پٽائيءَ کان سواءِ ريڊيو پاڪستان ڪراچي، حيدرآباد، خيرپور، ڪراچي T.V اسٽيشن تان لوڪ ادب جون ڪچهريون باقاعدگيءَ سان روزانه / هفتيوار نشر ٿينديون رهنديون آهن، جن ۾ لوڪ ادب جي مختلف صنفن جا ماهر سگهڙ ۽ سياڻا ڀرو ونندا آهن. انهن ڪچهرين ۾ ٻڌندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ ڳجهارتن، پرولين، هنرن، ڏنن، ڏورن، سينگار جي بيتن کان سواءِ زرعي بيداري، تعليمي بيداري، صحت جي بيداري ۽ سماجي توڙي سياسي سماچار به نشر ڪيا ويندا آهن.

ريڊيو ۽ ٽيليويزن تان سگهڙين سٽ جي عنوان سان عورتن لاءِ پروگرام نشر ٿيندا آهن، جن ۾ ڳيچن، ڳيئن، لاڏن، لولين، اوراڻن ۽ ڪوڏاڻن کان سواءِ ٻيا لوڪ گيت، سگهڙ عورتن کان ڳارايا ويندا آهن.

هاڻ هڪ طرف ته سنڌ جي يونيورسٽين ۾ سنڌي نصاب ۾ ايم. اي جي امتحان لاءِ لوڪ ادب جو پيپر شامل ڪيو ويو آهي ته ٻئي طرف سنڌ سرڪار جي تعاون سان شاهه لطيف، سچل سرمست، قلندر شهباز ۽ ٻين بزرگن جي ميلن جي موقعي تي سگهڙ ڪانفرنس جو به اهتمام ڪيو ويندو آهي. جنهن ۾ سنڌ جا ملوڪ سگهڙ اچي ڀرو ونندا آهن ۽ پنهنجي ڏات ۽ فن جو مظاهرو ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح ضلعي ادبي ۽ ثقافتي

١٣-	ٽيھ اکريون ۽ مداحون	حڪيم شاھ محمد صوفي ميھڙ	ٽيھ اکريون ۽ مداحون	١٩٥٨ع
١٤-	ٽوپي ۽ پڳ	سيد جنيد شاھ	مناظرو	١٩١٢ع
١٥-	پروليون	کيمچند پيمومل لوهاٽو	پروليون	١٩٥٤ع
١٦-	پرستان جو شهزادو	ميلارام منگترام واسواڻي	قصو	—
١٧-	جمجم سلطان جو قصو	آخوند عبدالرحيم 'وفا'	قصو	—
١٨-	جان عالم ۽ انجمن آرا جو قصو	حافظ بدرالدين ابڙو	قصو	١٩٦٧ع
١٩-	چار درويش	حاجي امام بخش 'خادم'	قصو	١٩٦٠ع
٢٠-	حضرت يوسف جو قصو	زين العابدين شاھ	قصو	١٩٦٣ع
٢١-	حُسن آرا	يوسف علي مرزا	قصو	—
٢٢-	دلپسند قصا	مرزا قليچ بيگ	قصا	—
٢٣-	دل جي وندر	-	قصا	—
٢٤-	دلپسند قصا	واڌومل مولچند	قصا	١٩٠٠ع
٢٥-	دلپسند عجيب ڳجهارتون	بدرالدين ابڙو 'واصل'	ڳجهارتون	١٩٧٠ع
٢٦-	دودوچينسر	حافظ فقير محمد ٻگهي	داستان	١٩٧٠ع
٢٧-	ڏور جا بيت	بدرالدين ابڙو 'واصل'	ڏور	١٩٧٠ع
٢٨	ڏور	ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد 'سنڌي'	ڏور	١٩٦١ع
٢٩	ڏھ سُرو	نور محمد	ڏهس	١٨٩٢ع
٣٠-	ڏوهيڙا	شھ بيگ ڳگهيو	ڏوهيڙا	١٩٦٠ع

ضميمو 'الف'

ورهاڱي کان اڳ ۽ ورهاڱي کان پوءِ لوڪ ادب جي سلسلي
ڇپايل ڪن ڪتابن جا عنوان هيٺ ڏجن ٿا.

نمبر	ڪتاب جو عنوان	ليکڪ جو نالو	موضوع	سال
١-	الف ليليٰ	حاجي امام بخش 'خادم'	قصو	-
٢-	الف ليليٰ	حاجي حقير ابن مٺل	قصو	١٩٦٠ع
٣-	الف ليليٰ	فدا سُرهيو	قصو	١٩٦٠ع
٤-	ابيات سنڌي عرف ڳوناڻا بيت	حاجي مريد فقير مهيري	بيت	١٩٥٣ع
٥-	اصل وڏو قصو طوطي نامو	جيٺانند هيمنداس	قصو	١٩٤٧ع
٦-	اصل وڏو قصو سيف الملوڪ	جهامنداس ڀاٽيه	قصو	١٩٤٧ع
٧-	آخري قصا	الهڏنو فقير اِهو	قصو	١٩٦٣ع
٨-	اسرار الاهي (ٽيه اکريون)	مولوي حاجي احمد ملاح	ٽيه اکريون	١٩٦٣ع
٩-	بهترين ڳجهارتون	اي- ايم بزمي	ڳجهارتون	١٩٦٩ع
١٠-	بهرام گور	حاجي امام بخش 'خادم'	قصو	١٩٦٧ع
١١-	بهرام شاه جو قصو	آخوند عبدالرحيم 'وفا'	قصو	-
١٢-	بانڪو بادشاه	جيٺانند هيمنداس	قصو	١٩٤٧ع

٤٦-	سهڻي ميهار	حاجي حقيرابن مڱڻ	قصو	١٩٥٠ع
٤٧-	سُوڪڙي	ڪيولرام شهاڻي	پهاڪا	—
٤٨-	سورٺ راءِ ڏياچ جو قصو	جارج اسٽئڪ	قصو	١٨٤٩ع
٤٩-	سيفل نامو	لطف علي	قصو	١٩٦٠ع
٥٠-	سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال	آخوند عبدالرحيم 'وفا'	قصو	—
٥١-	سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال	اي - ايم بزمي	قصو	١٩٦٢ع
٥٢-	شهزادو سيف الملوڪ	قاضي صابر مصطفيٰ	قصو	—
٥٣-	شيرين فرهاد	گل محمد آزاد 'صوفي'	قصو	١٩٦٢ع
٥٤-	طوطو مينا	ماستر الهه ورايو طارق صديقي	قصو	—
٥٥-	طوطي مينا	منشي اُڌارام ٿانورداس	قصو	—
٥٦-	عجائب بادشاهه جو قصو	آخوند عبدالرحيم 'وفا'	قصو	—
٥٧-	عجيب ڳجهارتون	الهڏنو	ڳجهارتون	١٩١٤ع
٥٨-	عمر مارئيءَ جو قصو	آخوند عبدالرحيم 'وفا'	قصو	—

٣١	راءِ ڏياچ جو قصو	منشي آڏارام ٿانورداس	قصو	—
٣٢-	ست سُرو	غلام نبي	بيت	١٨٩٦ع
٣٣-	سسئي پنهو	غلام نبي ڪوسو	قصو	١٩٧٠ع
٣٤-	سسئي پنهو	آخوند عبدالرحيم 'وفا'	قصو	—
٣٥-	سسئي پنهو	حاجي حقيرابن مڱڻ	قصو	١٩٥١ع
٣٦-	سپا جو سينگار	سوڀراج هاسارام آڏواڻي	قصو	١٩٥٨ع
٣٧-	سچا موتي عرف ٽيھ اکري	ابوالعباد فقير ثناء الله ثنائي	ٽيھ اکري	١٩٦١ع
٣٨-	سنڌباد سيلاني	ماستر محمد مراد	قصو	١٩٦٧ع
٣٩-	سڏيونت سارنگاھ	محمد عثمان ميمڻ 'اديب'	عشقيہ داستان (ڳاھن سان)	١٩٧٨ع
٤٠-	سنڌي لوڪ ادب جي تاريخ	اننه بخش نظاماڻي	لوڪ ادب تحقيقي جائزو	١٩٧١ع
٤١-	سنڌي ڳجهارتون	ڪوڙومل چندنمل	ڳجهارتون	١٩٠١ع
٤٢-	سنڌي پهاڪا	مرزا قليچ بيگ	پهاڪا	—
٤٣-	سنڌي پيشن گوئيون	سرڪي نياز عودائي	ماموئي فقيرن جون چوٽيون	—
٤٤-	سينگار (ياگو پهريون)	خليفو بلال الدين قريشي آخوند	سينگار جا بيت	١٩٥٢ع
٤٥-	سُهڻي مهينوال	جيلانند هيمنداس	قصو	١٩٤٧ع

٧٦-	گجهارتون	مقبول صديقي	گجهارتون	—
٧٧-	گجهارتون	اي- ايم بزمي	گجهارتون	١٩٦٩ع
٧٨-	لاڙ جو سير	ماستر الله بچايو سمو	لوڪ ادب	١٩٤٦ع
٧٩-	لاڙاين جون لاتيون	حاجي عنايت الله زنگيجو	فن مولود خدائي	١٩٧٠ع
٨٠-	ليلا چنيسر	حاجي بدرالدين ابڙو 'واصل'	قصو	١٩٦٩ع
٨١-	ليلا مجنون	ميان عرص محمد	قصو	١٩٦١-٦٢ع
٨٢-	ليلا مجنون	حاجي حقير ابن مڱڻ	قصو	١٩٦٠ع
٨٣-	مثنوي عمر مارئي	بهرام ڪوهستاني	منظوم قصو	—
٨٤-	ملڪ سرفراز	مرزا علي نواز بيگ	قصو	١٩٦٥ع
٨٥-	ميان سرفراز خان ۽ جمن چارڻ جون مداحون	غلام نبي	مداحون	١٩١١ع

٥٩-	عمر مارئي	حاجي ابراهيم دل	قصو	١٩٥٣ع
٦٠-	عمر مارئي	حاجي حقير ابن مٹھ	قصو	١٩٥٨ع
٦١-	عمر مارئي	عارف ڪلهوڙو	قصو	١٩٧١ع
٦٢-	قصو تقدير ۽ تدبير	قاضي علي اڪبر درازي	قصو	١٩٧٤ع
٦٣-	قصو حاتم طائي	حاجي امام بخش 'خادم'	قصو	١٩٦٠ع
٦٤-	قصو مهر منير	منشي اُڌارام ٿانورداس	قصو	—
٦٥-	ڪامسين ڪامروپ	منشي اُڌارام ٿانورداس	قصو	—
٦٦-	ڪُتا ہلي	آخوند عبدالرحيم 'وفا'	قصو	—
٦٧-	گل بڪاولي	سرن آنند هاسومل	داستان	—
٦٨-	گل بڪاولي	ع-م ڏاريجو	قصو	—
٦٩-	گل بڪاولي	گل محمد آزاد 'صوفي'	قصو	٦٣- ١٩٦٢ع
٧٠-	گلشن بهار	آخوند فقير محمد 'عاجز'	قصو	—
٧١-	گلرنگ شاهه ۽ گل اندام	مير عبدالحسين خان 'سانگي'	قصو	—
٧٢-	گلزار چنبيلي	احمد خان 'آصف' مهراڻي	قصو	١٩٥٦ع
٧٣-	گل شکر	کيولرام شهاڻي	پهاڪا	—
٧٤-	گل خندان	لطف الله آخوند	قصو	—
٧٥-	گلقند (ٻہ ڀاڱا)	پيرومل مهرچند آڏواڻي	پهاڪا	١٩٧٦ع

ضميمو 'ب'

مقالي لاءِ هيٺين ڪتابن، مضمونن ۽ مقالن تان مدد ورتي

(۱) نارايڻ ڀارتي، ڊاڪٽر: سنڌي لوڪ- ساهت، اُلهاس نگر-۳، سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، ۱۹۸۸ع، ص ص ۲۱ ۽ ۲۲

(۲) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: لاڙجي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ۱۹۷۷ع، ص ۲۲۴

(3) Enyclo paedia Americama, New York, American Corpration, 1855, P. 416.

(۴) نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: مداحون ۽ مناجاتون، لوڪ ادب سلسلي جو ڀهريون ڪتاب، ڪراچي / حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۵۹ع، مهاڳ، ص الف.

(۵) ڏسو حوالو ڀهريون، ص ۲۱

(٦) نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: هيلاين جا ٻول، ٻيو ڇاپو، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، مئي ۱۹۷۰ع، مقدمو، ص ۱

(۷) ايضا، ص ۲

(۸) عبدالڪريم سنديلو، ڊاڪٽر: لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ۱۹۸٦، ص ۱.

(۹) رائچند چيلهار: مقالو: لوڪ ادب، سانگهڙ هسٽاريڪل ائنڊ ڪلچرل سوسائٽي، طرفان شايع ڪيل سوونيئر 'سوغات'، ۱۴۱۲ھ/ ۱۹۹۱ع، ص ۲۴.

(۱۰) علي - اي- جعفري، ڊاڪٽر: اوائلي آريا دور ۾ سنڌ ۽ سنڌي، ترجمو سليم احمد، سنڌ صدين کان ڪتاب، مرتب ممتاز مرزا، شاهه لطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ۱۹۸۲ع، ص ۱۰۸.

(۱۱) محمد حسين پنهور صاحب جي راءِ موجب راءِ گهراڻي جي حڪومت ۴۹۹ع کان شروع ٿي ۽ قمري سال موجب ۱۳۷ ورهيه ۽ شمسي سال موجب ۱۳۳ ورهيه يعني ٦۳۲ع تائين هلي. راءِ گهراڻي جو باني راءِ ديوائجي هو. هي ٻڌ مت جو پوڄاري هو. هن ساساني خاندان جي ايراني حاڪم ڪئڪباد (King kakobad) کي شڪست ڏيئي، ايراني حڪومت جو خاتمو آندو ڏسو:

Chronological Dictionary of Snidh, Jamshoro, Institute of Sindhology, 1983, P.114

ساڳئي ڪتاب ۾ پنهور صاحب لکي ٿو ته ڇچ برهمڻ ٦۴۰ع ۾ تخت نشين ٿيو.

(12) Alberuni, ghurrat- al- Zijat of Kirana Tilaka, translated by N.A. Baloch, Dr., Jam shoro, Institute of Sindhology, 1973, P. 15.

(۱۳) ڀيرومل آڏواڻي: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، حيدرآباد، سنڌي ادبي

٨٦-	ممتاز دسماز	گل محمد آزاد 'صوفي'	قصو	١٩٥٥ع
٨٧-	ممتاز دمساز	سرن آنند هاسومل	قصو	-
٨٨-	مومل ۽ مينڌرو	حاجي حقيرا بن مٺڻ	قصو	١٩٥٥ع
٨٩-	موتين جهڙا مولود	الحاج رحيم بخش قمر	مولود	١٩٦٧ع
٩٠-	مولود شريف	آخوند خير محمد	مولود	١٩٦٠ع
٩١-	مولود شريف	مخدوم عبدالرؤف ڀٽي	مولود	١٩٦١ع
٩٢-	مولود شريف	مولوي عبدالهادي	مولود	١٩٦٥ع
٩٣-	نوسئرو	امام بخش	مولود	١٨٩٢ع
٩٤-	وتايو فقير	محمد اسماعيل عرساڻي	وتائي فقير جا قول ۽ چوٽيون	١٩٥٢ع
٩٥-	وهيين ۽ ولهي جي ڳالهه	منشي اُڌارام ٺانورداس	آکاڻي	-
٩٦-	وڪئي ڏاتار جو قصو	آخوند عبدارحيم 'وفا'	قصو	-
٩٧-	يوسف زليخا	رشيد احمد لاشاري	قصو	١٩٥٥ع

۽ پڻ ڏسو: ايضا، سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ٽيون ڇاپو، ١٩٩٥ع،

(33) Grierson G., Linguistic Survey of India, Vol: I, Part I, 1927, P. 124.

(٣٤) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ٽيون ڇاپو، ١٩٩٥ع، ص ص ٢٨، ٦٩.

(٣٥) ڄهمٽ مل ڀاوناڻي پروفيسر: ڍولا مارو، بمبئي، هندوستان ساهتيه مالا، ١٩٥٦ع، ص ٧٧

(٣٦) محمد حسن، ڊاڪٽر: هندي ادب ڪي تاريخ، ١٩٥٦ع ص ٧٧ عليگڙھ، انجمن ترقيءَ اردو، ١٩٥٥ا، ص ١٧.

(٣٧) ايضا، ص ١٦ ۽ ١٧

(٣٨) ايضا، ص ١٧

(٣٩) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جا لهجا ۽ اُنهن جو اڀياس، مقالو، ادبي اوسر، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، ١٩٦٤ع ص ص ١٢٤ ۽ ١٦٦

(٤٠) ڏسو حوالو ٣٦

(٤١) علي ڪوفي: فتح نامو عرف چچنامو، مترجم مخدوم امير احمد، بتصحيح و حواشي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، حيدرآباد / ڪراچي، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٥٤ع ص ٣٢٤

(٤٢) الانا غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌ ۾ تاجل پوڄا جو رواج ۽ شاھ لطيف جي سُر سامونڊيءَ ۾ اُن جو ثبوت، مقالو: سُر سامونڊي، شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاھ/ حيدرآباد، ١٩٩٧ع،/١٤١٨ھ، ص ١٣ ۽ ٤٢

(٤٣) ڏسو حوالو پهريون، ص ٥٤

(٤٤) عبدالڪريم سنديلو، ڊاڪٽر: لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو، ص ٣٢٨

(٤٥) ڏسو حوالو: لاڙجي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ، ص ٢٨٣

(٤٦) عبدالله ورياھ: سنڌ جي سگهڙن جي ڊائريڪٽري، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٩١ع، مهاڳ

(٤٧) عبدالڪريم سنديلو، ڊاڪٽر: ڏهس نامو، لاڙڪاڻو، اسلم منزل، ١٩٦٩، ص-٢

(٤٨) ايضا، ص ٢

(٤٩) ڏسو حوالو ٢.

★ نشان مان مراد اها آهي ته لوڪ ادب جي مغربي وصف موجب هي عنوان لوڪ ادب جي درجي ۾ داخل ڪري سگهجي ٿو.

(٥٠) نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: هندي ۽ سنڌي شاعريءَ جو لاڳاپو،

بورڊ، ١٩٥٦، ص ٥٥.
(١٤) جاحظ: رسالہ فخرالسودان علي البيضان، اردو ترجمو، هندستان عربون کي نظر سي، جلد اول، اعظم ڳڙه، دارالمصنفين، ١٩٦٠ع، ص ٤ ۽ ٧.
(15) Sachau, C., Dr., Alberuni's India, Vol: I, part I, English Edition Lahore, Govt. of Pakintan, 1962, P. 245.
(16) Ibid., P. 242
(١٧) نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ٽيون ڇاپو، ڄام شورو، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، ١٩٩١ع
(١٨) ايضا
(١٩) عبدالڪريم سنديلو، ڊاڪٽر: لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ١٩٨٦ع/ ١٤٠٦ هه، ٻه اکر، ص ص الف - ج
(٢٠) ايضا، ٻه اکر، ص هه
(٢١) ڏسو حوالو ١٧، ص
(٢٢) ايضا
(٢٣) مڪرم خان پروفيسر: دودو چيسر، اسلام آباد، لوڪ ورثي جو قومي ادارو، مقدمو، ١٩٧٥، ص ١٤.
(٢٤) مڪرم خان پروفيسر: قديم سنڌي شعر ۽ شاعري، سماهي مهراڻ، ٣-٤/ ١٩٦٦، ص ١٤
(٢٥) ڏسو حوالو ١٧،
(٢٦) ايضا،
(٢٧) ڏسو حوالو ٢٤، ص ١٤٢
(٢٨) مڪرم خان، پروفيسر: ڦمڻ چارڻ، مقالو، سماهي مهراڻ ٣-٤، ١٩٦٦ع، ص ص ١٢٠ ۽ ١٢١.
(٢٩) ايضا. پروفيسر مڪرم خان پاڳو پان جي ڪلام متعلق سماهي مهراڻ ۾ تحقيقي مقالو لکيو هو.
(٣٠) ڏسو حوالو ٢٨، ص ١٢٣
(٣١) محمد سومار شيخ، ماستر: مائي مرڪان جو احوال، راحت رسالو، تلهار، راحت پبليڪيشن، ١٩٦١، ص ٢٥- ٣٥.
(٣٢) الانا غلام علي، ڊاڪٽر: مقالو: سومرن جي دور جو سنڌي ادب، ڪراچي، ماهوار نئين زندگي، فبروري ۽ مارچ، ١٩٧٢ع، ص ص ١٢-٢٢

پهاڪن ۽ محاورن ۾
سنڌي سماج جو عڪس

- ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي

ڏسو حوالو ٦

(٥١) ايضا: سنڌي سينگار شاعري ۽ جلال ڪلي، سوغات، سنڌ سگهڙ ڪانفرنس ٽنڊو آدم، سانگهڙ هسٽاريڪل ۽ ڪلچرل سوسائٽي ١٤١٢هه/ ١٩٩١ع ص ١٧ ۽ ١٨

(٥٢) عبدالڪريم سنديلو، ڊاڪٽر: سنڌ جو سينگار، ڄام شورو/ حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٨٥ع، ص ١

(٥٣) ڏسو حوالو ٤٥، ص ٢٤٧

(٥٤) نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: ڳيچ، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٢ع، ص ٢٢

(٥٥) ڏسو حوالو ٤٥، ص ٢٤٧

(٥٦) ايضا، ص ٢٦٩

(٥٧) ڏسو حوالو پهريون، ص ١٥

(٥٨) نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر: هيلاين جا هول، ڇاپو ٻيون، مقدمو، ص ١٤

(٥٩) ايضا، ص ٥

(٦٠) نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: هندي ۽ سنڌي شاعريءَ جو لاڳاپو، قسط ٢، سماهي مهراڻ، اونهارو، ١٩٥٥ع، ص ١٨٨

(٦١) ڏسو حوالو ٤٧، مقدمو، ص ص ٢ ۽ ٣.

(٦٢) عبدالڪريم سنديلو، ڊاڪٽر: ڏهس نامو، ص مهاڳ

(٦٣) ايضا

(٦٤) اللهه بچايو سمو: سيرڪوهستان، حيدرآباد / ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٥٥ع، ص ١٠٣

(٦٥) ايضا

(٦٦) ڏسو: لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ، ص ٢٧٠

(٦٧) عبدالله ورياه: سنڌ جي سگهڙن جي ڊائريڪٽري، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٩١ع

(٦٨)- - - -

(٦٩) سماهي مهراڻ، آڪٽوبر - ڊسمبر، ١٩٩١ع، ص ٥-١٣ ۽ ص ص ٤١ کان ٢١٤

(٧٠) حوالو پهريون

پهاڪن ۽ محاورن ۾ سنڌي سماج جو عڪس

- مرليڌر جيٽلي

پهاڪا ۽ محاورا (اِصطلاح) ٻوليءَ ۽ اُن جي لوڪ ساهت ۾ اهم جاءِ والارين ٿا. اِنهن جي اهميت کي سڃاڻي هرهڪ ٻوليءَ ۾ پهاڪن ۽ محاورن جا مجموعا تيار ڪري ڇپايا ويا آهن. سنڌيءَ جي کيتر ۾ ديوان ڪوڙومل چندنمل کلناڻي (١٨٤٤-١٩١٦) پهريون سنڌي تعليمدان ۽ نثر نويس هئو، جنهن سن ١٨٨٩ ۾ 'سنڌي پهاڪا' نالي سان هڪ ننڍڙو ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو. اُن ۾ اٽڪل ٻارهن سؤ سنڌي پهاڪا الف - بي وار ڏنل آهن. پر اُنهن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي ڏنل نہ آهي. اِنهيءَ جو سبب ڄاڻائيندي ديوان ڪوڙيمل لکيو آهي، اصل هرهڪ پهاڪو ڪيئن چوڻ ۾ آيو ۽ ڪهڙي وقت ۽ ڪيئن ڪم آڻجي، اِنهن جي بيان ڏيڻ جو اِرادو هوم.... پر ائين ڪجي ها تہ غريب غربو يا ڇوڪر ٻاڪر وٺي ڪين سگهي ها. ظاهر آهي تہ ڪتاب جي قيمت وڌي وڃڻ جي خيال ڪان هن پهاڪن جي معنيٰ نہ ڏني آهي. حقيقت ۾ ڏسجي تہ ڪوڙيمل ڪان بہ اڳہ ديوان ڪيولرام سلامت راءِ سن ١٨٦٩ع ۾ 'گل شڪر' نالي سان سنڌي پهاڪن جو هڪ سنگره تيار ڪيو هئو، جنهن ۾ ٥٧٠ پهاڪا معنيٰ سان گڏ ڏنل هئا. هُن اِنهيءَ جو دستخط پنهنجن هين ٻن قلمي نسخن (گل ۽ سوکڙي) سان گڏ تعليم کاتي کي ڇپڻ لاءِ ڏنو هئو. اِهو کيترا سال سرڪاري دفتر جي ڪٻٽ ۾ بند پيو هئو. نيٺ سن ١٩٠٥ ۾ تعليم کاتي اُنهيءَ کي ڇپائي پڌرو ڪيو. سنڌي محاورن جو سنگره تيار ڪندڙ پهريون عالم گهنشامداس رامداس پڳت ٿو نظر اچي. هُن سن ١٩١٠ع ۾ 'سنڌي ٻوليءَ جي سونهن' نالي سان هڪ ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو. اُن ۾ اٽڪل سوا ٻہ هزار سنڌي اصطلاح درج ڪيل آهن. اُنهن جي معنيٰ ۽ استعمال بہ ڏنل آهن.

سنڌي پهاڪن ۽ اِصطلاحن جا ننڍڙا مجموعا تيار ڪرڻ جو اِهو سلسلو گذريل صديءَ ۾ شروع ٿيو ۽ هن صديءَ ۾ بہ جاري

١- لوڪ ساهت ۾ پهاڪا ۽ محاورا

لوڪ ساهت، لوڪ گيت، لوڪ ڪٿا وغيره مرڪب لفظن ۾ 'لوڪ' جو مطلب آهي آهي ماڻهو، جن جو پنهنجي ورثي ۾ حاصل ڪيل رسمن - رواجن، پرمن - سنسن، ٽوٽڻ - ڦيڻن ۽ آڳاٽين روايتن ۾ پورو پورو اعتقاد آهي ۽ هو اُن موجب پنهنجي روزاني زندگي بہ گذارين ٿا. اِهي لوڪ بنيادي طرح ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ رهن ٿا. پر اُهي شهرن ۾ رهندڙ پڙهيل ڳڙهيل سماج جي هرهڪ طبقي ۾ پڻ موجود آهن. تعليم يافتہ اعليٰ طبقي جا ماڻهو بہ تعويذ ٻڌن ٿا تہ جدا جدا گرهن جي رتنن واريون منڊيون بہ پائين ٿا. هو من جي مراد پوري ٿيڻ لاءِ پيرن - فقيرن، درويشن ۽ اوليائن، سنتن ۽ مهاتمائن جا در بہ پيئين ٿا. لکيل - پڙهيل ماءُ بہ پنهنجي ٻار کي ڪجل يا سُرمي جو تلڪ لڳائي ٿي تہ ڪيس ٻري نظر نہ لڳي. آفيس يا ڏنڊي تي ويندي، ڪيترائي ماڻهو فوٽ پاٿن تي رکيل شني ديوتا جي بوتن تي پيسا رکندا آهن تہ سندن ڪشٽ دور ٿين. جوتش يا علم نجومت ۾ گهڻيئي پڙهيل بہ ويساه رکندڙ آهن. اِنهي قسم جا ماڻهو بہ عام لوڪن جي ورگہ ۾ شامل آهن.

لوڪ جذهن پنهنجن جذبن ۽ ويچارن جو اظهار واڻيءَ ذريعي ڪن ٿا تڏهن لوڪ ساهت يا عوامي آدب جو سرجڻ ٿئي ٿو. لوڪ ساهت اصل ۾ ڪنهن هڪ شخص جي اُمنگن ۽ آنيوَن جو اظهار هوندو آهي، پر اُهو لوڪ - مانس يعني عوام جي من ۽ دماغ جي پيدائش هئڻ ڪري، وقت گذرڻندي عوام ۾ مقبول بڻجي لوڪ ساهت جي درجي تي پهچي ويندو آهي. اِهو ساهت زباني روايتن ذريعي پيڙهي در پيڙهي محفوظ رکيو ويندو آهي. گهڻو گهڻو پوءِ ڪي عالم جاڳندا آهن، جيڪي اُن کي قلمبند ڪري، ڇپائي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. لوڪ گيت، نظمي قصا، لوڪ ڪٿائون، لوڪ ناٽڪ ۽ لوڪ- سڀاشت يعني لوڪن جا چيل ننڍڙا گفتا ۽ ٻول لوڪ -ساهت جا مکيہ روپ آهن. پهاڪا، چوڻيون، محاورا، ورجيسون، پروليون، ڳجهارتون وغيره لوڪ -سڀاشت جي دفعي ۾ شامل آهن.

٢- ٻوليءَ ۾ پهاڪا ۽ محاورا

رهيو. مرزا قليچ بيگ، ڀيرومل مهرچند، موهن لال شهاڻي، غلام اصغر، عبدالڪريم سنديلو، ٽيرٿداس هاٽيراماڻي، سترامداس سائل ۽ ليکراج عزيز جا تيار ڪيل سنگره اِنهيءَ ڏِس ۾ اهم آهن. تازو سنتداس ڪشناڻيءَ جو تيار ڪيل ”سنڌي پهاڪا ۽ محاورا“ نالي سان وڏو ڪوش سن ۱۹۹۳ع ۾ پوني مان شايع ٿيو آهي، جنهن کي ترتيب ڏيڻ ۽ ضروري سڌارا واڌارا ڪرڻ جو ڪم هن بندي ڪيو آهي. اِنهيءَ ۾ اٽڪل ٻارهن هزار کن سنڌي پهاڪا ۽ محاورا معنيٰ سان گڏ ڏنل آهن. سنڌ ۽ هند ۾ شايع ٿيل سنگرهن ۾ اِهو وڏي ۾ وڏو آهي.

سنڌي پهاڪن ۽ محاورن جا مجموعا ته گهڻيئي ڇپيا آهن. پر اُنهن جو سپيتا ۽ سنسڪرتيءَ، ڪاويہ - شاستر ۽ ڀاشا وگيان جي خيال کان اڀياس ڪرڻ طرف سنڌي عالمن جو ڌيان تمام گهٽ ويو آهي. مون کي ڄاڻ هئي ته هندي، راجسٿاني، مئٿلي، گجراتي، مراٺي ۽ تمل وغيره ٻولين ۾ ڪن عالمن پهاڪن ۽ محاورن جو تنقيدي اڀياس ڪري سهڻا تحقيقي مقالا پيش ڪيا آهن، جن تي ڪين پي - ايڇ. ڊي. ۽ ڊاڪٽر آف لٽريچر جون ڊگريون حاصل ٿيون آهن. اِنهيءَ طرز تي مون سنڌي پهاڪن ۽ محاورن جو تنقيدي اڀياس ڪرڻ شروع ڪيو. اُنهيءَ جو مختصر جائزو لکي، سنتداس ڪشناڻيءَ واري ڪوش ۾ مهاڳ طور شامل ڪيم. اِهو پوءِ **”سنڌي پهاڪا ۽ محاورا (هڪ اڀياس)“** نالي سان جدا ڪتاب جي روپ ۾ به شايع ٿيل آهي. اِنهيءَ جو ٻيون ڇاپو گذريل سال سنڌ ۾ به ڇپيو آهي.

پهاڪن ۽ محاورن جي هرهڪ پهلوءَ جو جيڪڏهن وستار سان اڀياس ڪجي ته هڪ وڏو مقالو تيار ڪري سگهجي ٿو. هن مضمون جي محدود دائري ۾ اُنهن ۾ نظر ايندڙ سنڌي سماج جي تصوير جي فقط هڪ جهلڪ پيش ڪرڻ منهنجو مقصد آهي. اِنهيءَ تي ويچار ڪرڻ کان اڳ لوڪ ساهت ۾ پهاڪن ۽ محاورن جي جاءِ ۽ ٻوليءَ ۾ اِنهن جي اهميت بابت ڪن مکيہ ڳالهين طرف ڌيان ڇڪائيندس.

اِنهن مثالن ۾ جيڪي پريوگ وڌن اکرن ۾ ڏنل آهن، اُنهن کي ٻوليءَ ۾ نرالي اهميت حاصل ٿي چڪي آهي. اِهي اسان جي ٻوليءَ ۾ اهڙا سوتر پريوگ آهن، جيڪي هرڪو ماڻهو ساڳئي نموني پيو ڪتب آڻي. اُنهن جي اندروني بيهڪ ۾ تبديل ڪرڻ جي ڪيس اختياري ڪانهي. جيڪڏهن ڳالهائيندڙ اُنهن جي لفظن ۾ ڪابه تبديل ڪندو ته پريوگن جو گهربل مطلب ظاهر نه ٿيندو، يا اُنهيءَ بدليل بيهڪ ۾ اُهو پريوگ مروج نه ليکيو ويندو. مثال طور، ’پاڻي پاڻي ٿي وڃڻ‘ هڪ سوتر پريوگ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ’لڄي ٿيڻ، شرمسار ٿيڻ.‘ اِنهيءَ ۾ جيڪڏهن اسين هم - معنيٰ لفظ ڪتب آڻي چئون ’جل جل ٿي وڃڻ‘ يا ’نير نير ٿي وڃڻ‘ ته گهربل معنيٰ ڪا نه ملندي، نڪو اُنهيءَ صورت ۾ اِهو مروج ليکبو.

’انڌن ۾ ڪاڻو راجا‘ (اڻڄاڻن ۾ ٿوريءَ ڄاڻ وارو به هوشيار ليکيو ٿو وڃي) سنڌيءَ ۾ هڪ سوتر پريوگ آهي. اِن ۾ جيڪڏهن تبديل ڪري چئون ’سورداسن ۾ ڪاڻو راجا‘ يا ’نابينن ۾ هڪ رکيو سلطان‘ يا ’انڌن ۾ هڪ رکيو بادشاهه‘ ته چاهي اِنهيءَ جي مطلب ۾ ڦيرو نٿو اچي، پر اِنهيءَ بدليل صورت ۾ اِهي پريوگ مروج نه ليکبا.

’موهني گونگي ڳانءِ آهي.‘ هِتي ’گونگي ڳانءِ هئڻ‘ هڪ سوتر - پريوگ آهي، جنهن جو مطلب آهي ’نهٺو، نماڻو ۽ حليم سڀاءَ وارو هئڻ.‘ اِن جملي ۾ جيڪڏهن هم - معنيٰ لفظ وجهي چئون ته ’موهني ڏڳي آهي‘ ته جملي جو مطلب ئي بدلجي ويندو.

ٻوليءَ ۾ جيڪڏهن ڪو هڪ لفظ اکري معنيٰ بدران ٻوليءَ جي رواج موجب ڪنهن ٻيءَ معنيٰ ۾ ڪتب آڻجي ٿو، تڏهن اُهو لفظ به سوتر پريوگ بڻجي پوي ٿو. جيئن ته ’هوءَ اُميدواري آهي‘. هن جملي ۾ ’اُميدواري هئڻ‘ جي معنيٰ آهي ’ڳرڀوتي هئڻ، حامله هئڻ.‘ هتي لفظ جي صورت ڪي قدر بدلائي جيڪڏهن چئون ’هوءَ اُميدوار آهي‘ يا ’هن مائيءَ کي اُميد آهي‘ ته پوءِ گهربل مطلب نه نڪرندو. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن ڪنهن ڇوڪر کي چئجي ته ’گڏهه! هي ڇا پيو ڪرين؟ ڪجهه ته

اِنسان ٻوليءَ ذريعي جذٻن پنهنجيءَ جذبات ۽ ويچارن جو اظهار ڪري ٿو، تڏهن هو گهربل لفظ چونڊي، پنهنجيءَ مرضيءَ مطابق جدا جدا نمونن ۾ اُنهن کي ڪتب آڻي سگهي ٿو. هن تي فقط اِها پابندي آهي ته ٻوليءَ جي وياڪرڻي سرشتي جي ڀڃڪڙي نه ڪري. مثال طور، جيڪڏهن ڪنهن کي ڪو ڪتاب گهرجي، ته هو الڳ الڳ جملن ذريعي پنهنجي خواهش ظاهر ڪري سگهي ٿو، مون کي هيءُ ڪتاب کپي؛ هيءُ ڪتاب گهرجيم؛ هن ڪتاب جي گهڻي ضرورت اٿم؛ مان هيءُ ڪتاب خريد ڪندس؛ مونکي هيءُ ڪتاب ضرور هٿ ڪرڻو آهي؛ وغيره. هنن جملن جي بيهڪ ڇاهي هڪ ٻئي کان بدليل آهي، پر اُنهن ذريعي جيڪا خواهش ظاهر ڪئي ويئي آهي، اُها گهڻي قدر ساڳي آهي. ٻوليءَ جي اهڙن جملن کي 'آزاد استعمال' (Free Expressions) چئجي ٿو، ڇاڪاڻ ته اُنهن جي ڪتب آڻڻ وقت ڳالهائيندڙ کي آزادي آهي ته هو پنهنجي مرضيءَ مطابق لفظن جي چونڊ ڪري، اُنهن کي جدا جدا بيهڪ وارن جملن ۾ ڪتب آڻي سگهي ٿو.

اهڙن آزاد استعمالن جي ڀيٽ ۾، ٻوليءَ ۾ ٻيا ڪيترائي اهڙي قسم جا پريوگ آهن، جن جي بيهڪ مقرر ٿي ويئي آهي. اُن ٻوليءَ جو هرڪو ڳالهائيندڙ ڪنهن گهربل مطلب جي ظاهر ڪرڻ لاءِ اُهي پريوگ بلڪل ساڳئي نموني پيو ڪتب آڻي. اهڙن استعمالن کي 'سوتر پريوگ' (formular Usages) چئجي ٿو. ڪجھ مثال ڏسو:-

(۱) هو هميشه پيو ٻين مان ويڪون ڪڍي. اِهو ڪونه ٿو ڏسي ته ٻين کان وڌيڪ پاڻ عيبن سان ڀريو پيو آهي. ميئنهن پنهنجي ڪارنهن ڏسي ڪانه، ڳانءِ کي چوي ته هل ڙي پڇ -ڪاري.

(۲) رامداس اٿيئي ٻگهلو ڀڳت. ڪانئس خبردار رهجانءِ.

(۳) ڪملا ساهيڙين واتان اِها ڳالھ ٻڌي پاڻي پاڻي ٿي ويئي.

(۴) ٻوڏ ۾ ستايلن کي مدد ڪرڻ جو ويچار ڪيو اٿيئي، ته پوءِ دير ڇو ٿو ڪرين؟ ترت دان، مها پڇ.

(۵) ڪالھ ميدان تي گهٽيئي چوڪر ٻاڪر اچي ڪنا ٿيا هئا.

(۱) پهاڪو: هيءُ اُهو سوتر پريوگ آهي، جيڪو بيان ۾ الڳ ڪتب ايندڙ جملو يا جملن جو ايڪو (Unit) هوندو آهي ۽ اکري معنيٰ بدران ٻوليءَ جي رواج موجب ٻي معنيٰ ڏيندو آهي. مثال: مينهن پنهنجي ڪارنهن ڏسي ڪانہ، ڳانءِ کي چوي تہ هل ڙي پيچ -ڪاري.

(۲) چوڻي: اُهو سوتر پريوگ جيڪو بيان ۾ الڳ استعمال ٿيندڙ هڪ پورو جملو يا جملن جو ايڪو آهي ۽ پنهنجي اکري معنيٰ ۾ ئي ڪتب ايندو آهي، اُنهيءَ کي چوڻي سڏبو آهي. مثال: ٽرت دان مها پنج.

(۳) محاورو: اُهو سوتر پريوگہ جيڪو بيان ۾ ڪنهن جملي جو جزو ٿي ڪتب ايندو آهي ۽ ٻوليءَ جي رؤاج موجب اکري معنيٰ بدران ٻي معنيٰ ڏيندو آهي، تنهن کي محاورو يا اصطلاح چئبو آهي. مثال: ڪملا ساهيڙين جي واتان اِها ڳالهہ ٻڌي، پاڻي پاڻي ٿي ويئي. هتي 'پاڻي پاڻي ٿي وڃڻ' محاورو آهي.

(۴) وَرجيس: اُهو سوتر پريوگ جيڪو بيان ۾ ڪنهن جملي جو جزو ٿي ڪتب ايندو آهي ۽ اُن جي اکري معنيٰ ئي ڳهربل هوندي آهي، تنهن کي ورجيس چئبو آهي.

مثال: ماستر جڏهن موهن کان سوال پڇيو تہ هو اُهڙو ڪجهي جهڙي پٽ.

هو اڻين ڀڳو جيئن ڪاريءَ هيٺان ڪانءُ.

ڪالهہ ميدان تي گهڻيئي ڇوڪر ٻاڪر اچي ڪنا ٿيا.

هتي هڪ ڳالهہ جو ڌيان رکڻ گهرجي تہ پهاڪا ۽ محاورا پنهنجي اکري معنيٰ بدران جڏهن ٻي معنيٰ ڏيندا آهن، تڏهن اُها هميشه ٻوليءَ ۾ اڳيئي مروج يعني پرچلت هوندي آهي. عام

سمجھ کان کم وٺ.' ته هن جملي ۾ 'گڏھ' لفظ 'بيوقوف، ناسمجھ' جي معنيٰ ڏئي ٿو. اِتي جيڪڏهن 'گڏھ' جو هم معنيٰ لفظ 'ڪودڙو، کوتو يا خر' ڪم آڻبو ته اِن مان ساڳي معنيٰ حاصل نه ٿيندي.

سنڌي ٻوليءَ جي رواج موجب ڪيترائي ٻٽا لفظ اسين ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ڪتب آڻيندا آهيون. جيئن ته ننڍو نيڍو، دوست دڙو، واڻيو وڪال، ماٺھو چيٺو، پڪوڙو ڏڪوڙو، وغيره. اِهي ٻٽا لفظ اهڙا آهن، جيڪي اسان جي ٻوليءَ ۾ واهپي ۾ اچي ويا آهن. اِنهن جي طرز تي اسين پنهنجيءَ مرضيءَ مطابق ٻيا نوان ٻٽا لفظ نٿا ناهي سگهون، يعني ٻوليءَ جي بيهڪ ۾ اهڙا ٻٽا لفظ غير اُپجائو (Unproductive) آهن. پر اِنهن جي ڀيٽ ۾ ٻيا ڪجھ ٻٽا لفظ اهڙا آهن، جن جي پٺڀرن تي اسين نوان ٻٽا لفظ ناهي استعمال ڪري سگهون ٿا. جيئن ته - دوا ٻوا، پاڻي ٻاڻي، شربت ٻربت. اِن طرز تي اسين ڌهرايل لفظ ۾ اڳيان 'ٻ' وينجن وجهي ڇڏي سگهون ٿا - فونو ٻونو، ريڊيو ٻيڊيو، اسٽيشن ٻسٽيشن وغيره. اِن مان ظاهر آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻٽا لفظ جوڙڻ جو اِهو نمونو اُپجائو (Productive) آهي. اِن بحث مان ثابت ٿيو ته غير - اُپجائو ٻٽا لفظ به ٻوليءَ ۾ سوتر پريوگ آهن. اُهي اسان کي جيئن جو تيئن، ڪنهن به ڦيرگهير کان سواءِ استعمال ڪرڻا آهن.

ٻوليءَ جي سوتر پريوگن کي اسين بيهڪ ۽ معنيٰ جي لحاظ کان هيٺ ڏنل ڇئن قسمن ۾ ورهائي سگهون ٿا.

سوتر پريوگ (Formular Usages)

الڳ پورو جملو يا ايڪو	*جملي جو جزو
بي معنيٰ ڏيندڙ (ڀاڪو) — اڪري معنيٰ ڏيندڙ (چوٽي)	ٻي معنيٰ ڏيندڙ (محاورو) — اڪري معنيٰ (ورجيس)

(ا) ڳڏيل ڪٽنب ۽ رشتيداري:

سماجي سرشتي جو ننڍي ۾ ننڍو ايڪو آهي ڪٽنب يا پريوار. ڪو زمانو هئو، جڏهن ڳڏيل ڪٽنب جو رواج هئو. وقت گذرندي جدا جدا سببن ڪري اِهو رواج ويو گھٽبو. اڄ ڪالھ جي حالتن ۾ خاص طور شهري سڀيتا جي اثر ڪري هڪ ئي پريوار جا ڀاتي روزگار سانگي الڳ الڳ شهرن ۾ وڃي نوڪريون ڪن ٿا، تڏهن ڳڏيل ڪٽنب جو ڍانچو گھٽي قدر ٽُٽي پوي ٿو. اِنهيءَ هوندي به گھر-پريوار، نيات-برادريءَ جي اهميت گھٽي قدر قائم رهندي پيئي اچي. اِنهيءَ تي ڪجھ چوڻيون آهن - نيات آهي ڳت ڳنگا؛ پنهنجا وري به پنهنجا؛ رت هميشه دانگيءَ ڏي ورندو آهي؛ ڪڙم قبيلي ڪان شل ڪو ڪتو به ڌار نه ٿئي. گھر ۾ جيڪڏهن ڪنهن ڌارئي جو دخل ٿئي ٿو ته پوءِ ڪٽنب ۾ وڪاند، گھڻي ۽ ڪَلھ پيدا ٿيو پوي. 'پيو ڦرُ، ويو گھر.' اِنهيءَ ڪري جيڪڏهن ڀائر جدا ٿي الڳ وڃي ٿا رهن، ته وقت گذرندي ويڇو وڃي ٿو وڌندو. 'ڀِت پيئي، وِٿِ پيئي.'

ڪٽنبي سرشتي ۾ ماءُ - پيءُ ۽ وڏن کي آدر جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو. 'سنت اُهو جو گھاءُ سهي، پيءُ اُهو جو بار سهي.' 'بي-مندو بهارُ، ملي ماتا جي گود ۾.'

گھر جي ڀاتين ۾ جيڪڏهن ايڪو ۽ ٻڌي آهي ته پوءِ دشمن اُن ڪٽنب کي ذري به هاڃي نٿو پهچائي سگھي.

'ڀائر ڪوٽ جا ڪُنگر، پٽ گھر جي سونهن،
وينا ڪن ورونهن، ڏچڻ ڏوران ئي ڏري.'

صدين کان وني ڀارتي سماج ۾ ڏيءَ جي ڀيٽ ۾ پٽ جي هئڻ جي چاهنا وڌيڪ رهندي آئي آهي. اِنهيءَ جو مکيه ڪارڻ اِهو آهي ته پُرش-پرڌان سماج ۾ خاندان جو سلسلو پٽ جي ڪري هلندو ٿو رهي. اِنهيءَ تي ڪجھ چوڻيون آهن:

ماڻهو پهاڪن ۽ چوڻين ۾ معنيٰ جي لحاظ کان مٿي ڄاڻايل باريڪ فرق اڪثر نہ رکندا آهن. اِن ڪري سنگرهہ تيار ڪندڙ بہ پهاڪن ۽ چوڻين کي گڏي ڇڏين ٿا. ساڳيءَ طرح محاورن سان گڏ ورجيسون بہ گهڻن مجموعن ۾ هڪ هنڌ نظر ايندين آهن.

پهاڪن ۽ محاورن ۾ سماج جو عڪس

پهاڪا ۽ محاورا لوڪن يعني عام ماڻهن جي جذبات ۽ اُمنگن، آزمودن ۽ انڀون، ويساهن ۽ عقيدن جو اظهار آهن. اِنهيءَ ڪري هرهڪ ڀاشا جي پهاڪن ۽ محاورن ۾ اُنهيءَ ڀاشائي سماج جي سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ، تهذيب ۽ تمدن جو عڪس وسيع پيماني تي نظر اچي ٿو. اُن ۾ سماج جا سُٺا ۽ بُرا، چڱا ۽ لڱا هيئي پهلو شامل آهن. هتي اوهان کي هڪ طرف پير ۽ فقير، ساڌو ۽ سنياسي، سِکر ۽ رڃ مڙس، واڻيا ۽ وڪال، شاهہ ۽ سؤداگر نظر ايندا، تہ ٻئي طرف ننگہ ۽ چور، لچا ۽ لفنگا، نشئي ۽ ڀنگئي، پڙوئا ۽ ڀانڊ بہ ڏسڻ ۾ ايندا. عام طور وڏگهراڻيون عورتون گهر اندر ڍڪ پردي ۾ رهنديون آهن. اُهي ست ڏارئي اڳيان اچڻ پسند نہ ڪنديون آهن. پر پهاڪن، چوڻين ۽ محاورن جي دنيا ۾ اُهي بي حجاب ٿي بنا ڪنهن ڍَڪ پردي جي اوهان سان ڳالهيون ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪري ٿيون اچن. نہ فقط ايترو، پر لوڪن جي اِنهن ڀاشائي پريوگن ۾ نچڻ ۽ ڳائڻ، سازيندڙن ۽ سُرندائن، رنن ۽ ڪنجرين سان بہ اوهين ملاقاتون ڪري سگهو ٿا. عام ماڻهن جي گفتگو ۽ ٻوليءَ جو رنگہ بہ نرالو آهي. ٽپ ٽپ تي چرچي گهبي، ڳارگند جو ٿڪو پيو پوندو آهي. اهڙا لفظ ۽ اصطلاح جن کي اعليٰ درجي جي تحريري ادب ۾ ڪم آڻڻ فاحش ۽ متروڪ ليکيو ويو آهي، اُهي عوام جي ٻوليءَ ۾ عام جام استعمال ٿين ٿا. مطلب تہ لوڪ سماج ۽ لوڪ مانس جو اهڙو پهلو مشڪل ملندو، جنهن جو اظهار ٻوليءَ جي هِنن سوتر پريوگن ۾ نہ ٿيو هجي.

سنڌي پهاڪن ۽ محاورن ۾ سنڌي سماج جي الڳہ الڳہ حالتن، ريتين رسمن ۽ روزاني زندگيءَ جي جدا جدا پهلوئن جو چٽر نظر اچي ٿو. هتي ٿوري ۾ اُنهيءَ جي جهلڪ پيش ڪجي ٿي.

ته لاچار چئي ٿي ڏئي ته-

’ساهرا آهن پاڻا ڪندا،

جو پاسو وراءِ، چپ چپ ڪندا.‘

ڇوڪريءَ جا مائٽ به سڀ سور صبر سان مِنا ڪري پوئين ٿا. هو سمجهن ٿا ته جيڪڏهن سيٽ سان چَپ پياسين، ته اُن مان وڪاند وڌڻ کان سواءِ ٻيو ڪو نتيجو مشڪل نڪرندو. ’ڏني جائي، ته ڇني وائي‘ يا ’جن کي ڏنيوسين جايون، تن سان کهڙا سينا ساهيون‘؛ ’جتي وڃاياسين وار، اُتي کهڙا پار.‘ مطلب ته حالت اِها آهي جو جنڊ ڪڻ ته جنڊ ڳورو، ٻڙڪڻ ته ٻڙ ڳورو. ساهرن جي اِنهن سهمن ۽ سورن پٺيان ڏجي ڪڏهن ڇوڪري اِهو ٿي چاهي ته ڪيس اهڙو گهر ملي، جتي سس سهرو نه هجن. ’پيڳوان تنهنجو ٿورو، مڙس ڏجانئم ڇورو.‘

اِن ۾ شڪ نه آهي ته ’ڌيءَ گهر جي لڇمي آهي.‘ هوءَ جمڻ سان پنهنجو پاڻ به ڪنيو ٿي اچي. پر ٻئي طرف سندس مائٽ اِهو به سمجهن ٿا ته ’ڌيئر پرائو ڌن آهي.‘ ڪاليداس پنهنجي ناٽڪ ’اڀگيان شاڪنتلم‘ ۾ به اِن قسم جو اظهار ڪيو آهي. ’ارٿو هي ڪنيا پرڪييه ايوَ‘ (ڌيءَ اهڙو ڌن آهي، جيڪو ٻئي جي امانت آهي). اِنَ ڪري مائٽن جي من ۾ هميشه اِهو انديشو ٿو رهي ته خبر نه آهي ته نياڻيءَ کي ور گهر سٺو ملندو يا نه؟ شاديءَ بعد سندس زندگي سکي گذرندي يا نه؟ اِنهن ڳڻتين جو انت تڏهن ٿو ٿئي، جڏهن سک سان ڇوڪريءَ جي شادي ڪنهن سني گهر ۾ ٿي وڃي ٿي. اِن تي اِصطلاح آهي ته ’هوءَ وڃي شينهن ڪلهي چڙهي.‘ نياڻيءَ جو پيءُ هئو ڳڻتين ۾ ٻنيل، سو ڌيءَ پرڻائي سمجهيائين ته هوءَ هاڻي وڃي شينهن مڙس جي ڪلهي چڙهي يعني لائق شخص جو سهارو حاصل ڪيائين. ڌيءَ پرڻائڻ کي هندو سماج ۾ پتا ائين ٿو سمجهي ته ڄڻ هن گنگا سنان ڪيو.

اهڙين سماجي حالتن سببان سياويڪ طور پٽ جي جمڻ کي وڏيڪ مهتُ ڏنو ويو آهي. پٽ جي جنم تي شان - مان

١- پٽ وڏيو تہ سوُن وڏيو، ڌيءُ وڏي تہ سُئڙي لڳي.

٢- پٽ جائي ڪان پوءِ پُٽِ پڌري ٿئي.

٣- پٽ ڀٽيتيءَ سندو ڌهاڙي ٻہ هٿ وڌي.

٤- ڌيءُ ڌڻُ وڏندڙ وڻُ.

پٽ ۽ ڌيءُ جي وچ ۾ فرق رکڻ جي ڀاونا جو هيو ڪارڻ اِهو بہ آهي تہ ڌيءُ جڏهن شاديءَ لائق ٿئي ٿي تہ اُها ماءُ - پيءُ لاءِ چنتا جو باعث بڻجي ٿي پوي. ڌيءُ لاءِ جوڳو گهر ڳولهڻ کان سواءِ ڏيتيءَ ليتيءَ جي ڪُرسم بہ مائٽن لاءِ پريشانيءَ جو ڪارڻ ٿي ثابت ٿئي. 'آبو گسي، ڌيءُ وسي.' پيءُ پنهنجيءَ ڌيءُ جي شاديءَ لاءِ قرض جا ڪوٽ ڪڻڻ کان بہ نٿو ڪيٻائي. پوءِ ڀلي تہ سندس گهر ڏولائن ۾ اچي وڃي. نياڻيءَ جي شادي ڪرائڻ کانپوءِ بہ هُن جي جند ڳٽين مان آزاد ٿي، ائين نہ آهي. ڌيءُ جي مائٽن کي ڏِڻ - وارَ تي سيٽن کي راضي رکڻو پوي ٿو؛ جيڪڏهن ائين نہ ڪيائون تہ پوءِ سندن ڌيءَ کي ساهرن ۾ جيڪي طعنا-تنڪا سهڻا پون ٿا، اُنهن جو ڪاٿو ئي ڪونهي. 'سڄي ابي جائي، ڇيهہ چندينديءَ آئي.' يا 'سڄن اباڻن ڏوڙ مرڪن ڏيئرون.' اِنهيءَ ڪري ڇوڪريءَ وارا وَس پڄندي سيٽن سان ڏند نٽا ڏين. 'سيٽن جا ڳالهائين نيڻ، نہ ڪ ڏند.' 'سيڻ آهن نيڻ.' اُنهن سان چپي چٽي ڳالهائڻو پوي ٿو. جيڪڏهن اِتفاق سان ڪو ڳڻو لفظ واتان نڪري پيو تہ اجائي ڦڪت ٿي پوندي. 'سيٽپو، ويٽپو، ويرپو' ماءُ-پيءُ ڌيءَ کي اِها ئي نصيحت ڏين ٿا تہ شاديءَ کان پوءِ ساهرن جي ريت تي هلڻ گهرجي.

'ڏيئڙي سو ڪر، جو ڏٺئہِ ماءُ - گهر،
نونهڙي سو ڪر، جو ڏٺئہ سس - گهر.'

سلڇڻي ڇوڪري وس آهر اِهائي ڪوشش ڪري ٿي تہ هوءَ پنهنجيءَ هلت چلت سان سڀني جو راضپو هٿ ڪري. اِن ۾ سندس پيڪن جي بہ نيڪنامي آهي. 'نونهن آهي ٻن گهرن جو ڏيئو، پيڪو بہ ٺاري تہ ساهرو بہ ٺاري.' اِنهيءَ هوندي بہ جيڪڏهن ساهرن ۾ ڪيس ڏکيا ڏينهن ڏسڻا ٿا پون

۴- سالا ڪائين ساليون ڪائين، واه مارئي جي ڪئي،
پائر ڪائين پينر ڪائين، پيئي مارئي تي چٽي.

ڇوڪرو بہ شاديءَ کان پوءِ هرگهڙيءَ ساهرن ۾ ٿو وڃي يا اجائي گهر گهر ٿو ڪري تہ سندس اُتي مان نٿو ٿئي. ’نائي آهي ڪائي، پيو هردم ڇپي‘؛ ’جانا اُبنا ڏالٿا‘؛ ’نائي ڏهون گره آهي‘. اِها چوڻي سنسڪرت سياشت تان ورتي ۾ مليل ٿي نظر اچي.

’جا ماتا دشموگره‘. مطلب تہ نو گره تہ اڳيئي قدرت ۾ موجود آهن جن کي راضي ڪرڻ سان اِنسان پنهنجي زندگيءَ ۾ خوشي ۽ سک آڻي ٿو سگهي؛ پر ڏهون گره نائي پيدا ٿيو آهي، جنهن کي بہ راضي رکڻو ٿو پوي.

ڇوڪرو جيڪڏهن شاديءَ بعد پنهنجيءَ زال جي صلاح ٿو وٺي ۽ کيس راضي رکڻ جي ڪوشش ٿو ڪري تہ ٻيا هن کي ٽوڪڻ کان باز نٿا اچن.

’سچ مرچان ڪوڙ ڳڙ، پيڙ پيسا جوءِ ڳر،
جيئن آکي، تيئن پيو ٽرُ.‘

گڏيل ڪٽنبن ۾ ڏيراڻين جي وچ رشتو ناتو اڪثر مٺ محبت ۽ سڪ پريم وارو نہ رهيو آهي. اِنهيءَ تي گهٽيئي چوڻيون ملن ٿيون:

۱- ڳه پيو ڏيرپو، جنهن وڃايو پيٽپو.

۲- ڪِني ڪُني، پر ڏيراڻيءَ نہ ڏني.

۳- ڏيراڻيون توڙ جون ويرياڻيون.

۴- ڏيه ڇوي، ڏيراڻي نہ ڇوي.

۵- جر نئيس، جيڏي نئيس، پنهنجي نہ نئيس.

هندو سماج ۾ ٻيايي ۾ شادي ڪرڻ سٺو قدم نہ ليکيو ويو آهي. ساڳيءَ طرح اِها بہ صحيح ڳالھ نٿي سمجهي وڃي تہ هڪ زال جي حيات هوندي مرد ٻي شادي ڪري. اِنهن تي ڪجھ چوڻيون ڏسو:-

۱- پريو مڙس پٽ نہ ڪجي، وڃائجي نہ وهي،

سان چنيون ڪيون ٿيون وڃن. هئي طرف ڪيترا ماڻهو ڌيءَ جي ڄمڻ ۾ به ڪانہ ڪن، نڪو ھُن جي جنم پتري لهرائين. پٽ جي آس رکندي به جيڪڏهن ڪنهن کي ڌيءَ ٿي ڄمي تہ هو پاڻ کي آٿت ڏيڻ لاءِ چوي ٿو تہ 'پهرين ڌيءَ پٽ برابر' يا گهر ۾ لڇمي آئي آهي. راجستان، هماچل پرديش، ڄمون - ڪشمير ۽ ڪن ٻين علائقن جي راجپوت ناڪرن ۾ تہ پٽ جي تمنا سببان هي اهڙي گندي رسم پيدا ٿي آهي جو ڌيءَ ڄمڻ شرط لڪ چوريءَ اُنهيءَ جو انت آڻي ڇڏين. شڪر آهي جو سنڌي سماج اهڙيءَ ڪُريت کان آجو آهي.

شاديءَ کان پوءِ ڇوڪريءَ کي پيڪن جو موھ ڇڏي ساهرن ۾ ئي سؤنپ سان رهڻ گهرجي. اِنهيءَ تي چوڻي آهي. 'ڌيءَ پيڪي گهر جي ڏائڻ، نائي ساهري گهر جو ڪتو' (نائي بہ جيڪڏهن هرگهڙيءَ ساهرن ۾ اچي ٿو ٽڪي تہ اُهو سندس شان وٽان نہ آهي)؛ ڌيءَ پاڙي اُندرُ ساڙي، ڌيءَ دور ڪائي چوُر.

پٽ جيڪڏهن ڪُسنگت ۾ وڃي ٿو ڦاسي ۽ بگڙي ٿو پوي تہ اُهو بہ مائٽن لاءِ آزار ٿو ثابت ٿئي. اهڙي پٽ کان تہ ڌيءَ ڀلي. 'نامراد پٽ کان ڌيءَ بہ چڱي'؛ 'ڪُپاٽ پٽ کان سُپاٽ ڌيءَ ڀلي'؛ 'پيئي ليئيءَ ڌيءَ ڪم اچي'.

اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ شاديءَ کان پوءِ پٽ جو بہ پنهنجيءَ زال ۽ ساهرن ڏانهن لاڙو گهڻو وڌيو وڃي. اِن ڪري هو پنهنجن مائٽن کي ليکي ۾ نٿو آڻي. اِنهيءَ تي چوڻيون آهن. 'ڄائو پٽ لٿي سِڪ، پرڻيو پٽ پيئي ڀِڪ'؛ 'پٽ پرڻيو معنيٰ پرَ نِيو'؛ 'انگہ اڙيو، ڇوڪرو ڪريو'.

١- لوڪ ليکي چري ڪري، مڙس ليکي حور،
چٽي ڏنائينس پٽڙا، تہ لهي ويس سور.

٢- سس ري نہ ساهرا، ساليءَ ري نہ نينهن،
چندري نہ راتڙي، سڄ ري نہ ڏينهن.

٣- سالا شينهن کي بہ پيارا آهن.

(٢) الڳ الڳ طبقا

آڳاٽي زماني کان وٺي هرهڪ سماج ۾ طبقاتي ڪشمڪش ٿوري يا گهڻي هلندي پئي رهي آهي. شاهوڪار-غريب، امير-فقير، ظالم-مظلوم وغيره جو فرق اڄا تائين موجود آهي. اِنهيءَ جي جهلڪ گهڻين ئي چوڻين ۾ ملي ٿي.

١- شاهوڪار جو ٽِٽ به ڪستوري.

٢- شاهوڪار جو سالو به سڀڪو سڏائي، غريب جو پيٽويو به ڪونه سڏائي.

٣- آفيسر جو اڳ ۽ گهوڙي جي پُٺِ ڪڏهن به نه وڃجي.

٤- عامل نه دوست، ڦڦڙ نه گوشت.

٥- ڪامورو آهي ماڪوڙو؛ هئي چنبڙيا ته ڪڏهن نه ڇڏيندا.

٦- حاڪم جي ياري، ٻه آڱر ڏاڪ، ٻي سڀ واري.

٧- سيد ۽ سپاهي، تن کان رکج يا اِلاهي!

٨- سپاهيءَ جهڙو يار، هيو دشمن نه ڏار.

٩- حڪيمين ۽ حاڪمين شال نه ڪو تات پوي.

(٣) هندو مسلمان

ڀارتي سماج ۾ ڌرم جي خيال کان ٻه مکيه ورگ آهن:- هندو ۽ مسلمان. سنڌين ۾ ٻه اِهي ٻه ورگ آهن، جن ۾ سنڌي مسلمان تعداد ۾ هندن کان اٽڪل پنجهتر سيڪڙو وڌيڪ آهن. ملڪ جي ورهاڱي کان اڳ جڏهن ٻئي سنڌ ۾ گڏ رهندا هئا، تڏهن اُتي گهڻي قدر مٺ محبت ۽ امن-امان جو ماحول هئو. ٻئي ڀائرن جيان رهندا هئا. اِنهيءَ تي چوڻي آهي. ’هندو ۽ مسلمان ٻئي پوٽا هڪ ڏاڏي جا‘- ٻئي طرف، ڪڏهن ڪڏهن مجهن جهيڙو -جهٽو ۽ اٽڪٽ جو ماحول به پيدا ٿي پوندو هئو. اِنهيءَ جي جهلڪ ڪيترين ئي چوڻين مان ملي ٿي، جن ۾ اُنهن تي ٽوڪبازي ڪيل آهي. جيئن ته:

ڪڏهن ۾ لابارا پوندا تہ ماريو پوندو ڍهي.

٢- پيريءَ جي شادي آهي خيراتي ڪوه ڪٽائڻ.

٣- ٻن ونين جو ور، تنهن جو مساڻن ۾ گهر

٤- مڙس پوڙهو، زال جوان،
تنهن کي جاڻج ڪڪر جو ڪانُ.

مسلمانن ۾ شاديءَ جو رشتو گهڻو ڪري ويجهن عزيزن ۾ ڪن. اِنهيءَ تي چوڻي آهي. 'الله ميان وسِ ڪجانءِ، ماسيءَ منجهان سس ڪجانءِ' يا 'گهر جائي، گهر ۾ ئي ڏجي.'

جوڳو رشتو آسانيءَ سان نہ ملندو آهي. اِن لاءِ گهڻي جاچ-جوچ ڪرڻي پوندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن برادريءَ جي رشتن ۾ سوڙهه سببان ڪنوارڻيءَ جو شاديون بہ ڪيون ويندون آهن. اِنهن ۾ جنهن گهر ۾ ڇوڪري ڏجي ٿي، اُتان ئي وري ڇوڪري ورتي بہ وڃي ٿي. اِها رسم گهڻو ڪري پسند نہ ڪئي ويئي آهي. اِن تي چوڻي آهي 'ڪنوارڻي، وِهه جي وٽي.'

سنڌي براهمڻن لاءِ چوڻي آهي. 'ٻانڀڻ ٻانهن لاءِ محتاج' ڪو وقت هئو جڏهن سنڌ جي براهمڻن ۾ ڏي-وٺ ۽ شادي وهانءَ جي لحاظ کان گهڻو ڪٽرپڻو هئو. براهمڻن ۾ جدا جدا ورگ هئا جيئن تہ ٻاڙهي، ٻاونجاهي، سيتپال، رتنپال، نصرپوري، راجسٽ وغيره. ڪن ورگن جا براهمڻ پاڻ کي ٻين کان اوچ ليکيندا هئا، ۽ هيٺين ورگن مان شادي-مرادي نہ ڪندا هئا. جيڪڏهن ڪنهن ڇوڪر هيٺئين طبقي مان وواهه ڪيو تہ اُهو پنهنجي ورگ مان ڪريل ليکبو هئو. پوءِ اُن گهر مان رشتو وٺڻ جي وات ٿُڪي. اِن ريت پاڻ کي اوچ طبقي جو براهمڻ سمجهڻ وارن لاءِ دائرو ويو سوڙهو ٿيندو. نتيجو اِهو نڪتو جو جيڪي ورگن جي پابنديءَ ۾ ڪٽر بَڻيا، اُنهن ۾ ڪيترا عمر ڀر ڪنوارا رهجي ويا. اِنهيءَ پنگتي حالت تي اِها چوڻي لهي آهي. وقت گذرندي اِهو ڪٽرپڻو ختم ٿي ويو آهي. هاڻي تہ گڻ-لڇڻ کي وڌيڪ اهميت ڏني وڃي ٿي، پوءِ ڀلي رشتو نيات-برادريءَ کان ٻاهر بہ ڇو نہ ملي.

٧- ڪنهن جي گهر ۾ نو دلو (يا ڀڳل دلو).
٨- ڪنهن ڪنهارڻ سان نه پڇي، ته گڏه جا ڪن مروڙي.
٩- ڌوٻيءَ جي گهر پيا چور، هو نه مُنو، مُنا اوڙ.
١٠- ڌوٻيءَ جي گهران ويئي ڇو.
١١- موچيءَ جا گهڙيا موچيءَ جي مُنهن ۾.
١٢- موچڪي رُنبي حلال ۾ به وهي ته حرام ۾ به وهي.
١٣- نه سٽ نه ڪپاه، ڪورين ۾ لٺيون ڌڪا.

(٥) علائقائي ڀيد ڀاوَ

الڳ الڳ علائقن جي رهاڪن جي جيڪڏهن پاڻ ۾ نٿي بڻجي، ته اُهي هڪ ٻئي خلاف پنهنجيءَ جذبات جو اظهار ڪرڻ کان نٿا رهن. اِن بابت ڪجهه چوٽيون ڏسو:-

١- سيوهاڻي چريا پتر اُچلن گهر ڏي (يا سيوهاڻي چڙهيا...)
٢- خيرپوري نيت ٻُري، هٿ ۾ قران ڪڇ ۾ ڇُري.
٣- مارواڙ نو بنيو شهر ڪراچي آيو، گاسليٽ کي ڦيري ڪرڪي لاکون روپئي ڪمايو.
٤- سنڌ ٻاپ ري ٻلي، ڊالي ايڪ تو نڪالي ڏون.
(مارواڙين جي چوٽي)
٥- پنجابي ايڪ ته ڀاوين ڏون، پنجابي ڏون ته جُهڳا ئي جهون؛ يا (پنجابي ڏون ته گهر ۾ تون).

(٦) ڪن شخص تي ٺٺولي ۽ مذاق

اِنسان سماج ۾ رهي ٿو ۽ ٻين سان وهنوار ۾ اچي ٿو. اِنساني رشتن ناتن ۾ محبت، نفرت، همدردي، بي - رحمي، دشمني، هنسي-مذاق، چرچو گهبو، طنز ۽ سِٽ وغيره جذبا جدا جدا وقتن تي حالتن مطابق پيدا ٿين ٿا. اِهي اِنسان جي سڀاءَ يا فطرت جو هڪ جزو آهن. اِنهن جو اظهار به چوٽين جي

مسلمان: ١- جٽ پڙهيو، الله اڙيو.
٢- جٽ ۽ ڦٽ ٻڌا ڀلا.
٣- ڪر ڀلائي جٽ سان، ڦيري هٽيئي پٽ سان.
٤- ڄڃهو نه وِسهو، وِسهو ته ڦسهو.

هندو: ١- واڻيو وڙهي ويسيءَ سان.
٢- واڻيو آهي اٽي جو ڏيئو، اندر ڪائينس ڪوڻا ته ٻاهر ڪائينس ڪانءُ.
٣- ديوان جو دم دمڙيءَ جي دال تي.
٤- عاملڪي مڏي ٻه ڏندڻ ٽين تڏي.
٥- جٽيءَ سٽ پسايو، واڻئي وڏيس وٽي،
جٽيءَ ليکي واڻيو ڦٽو، واڻئي ليکي جٽي،
ڦٽي سائي جٽي، ڦٽي سائي جٽي.
٦- واڻيو اڏي ڳڏ مٽان ڳڏ، جٽ اڏي... مٽان....

(٤)پيشه ور ذاتيون
الڳ الڳ ڌنڌن ۽ پيشن مطابق جيڪي ذاتيون آهن، اُنهن بابت گهٽيئي چوڻيون ملن ٿيون، جن ۾ اڪثر سندن اوڻاين طرف اِشارو ڪيل آهي:-
١- سونارو ماءُ جي نٿ مان به نه ٽري.
٢- شير نه ڏيکيا ڏيکه ٻلاڙا، چور نه ڏيکيا ڏيک سونارا.
٣- سوناري جا سؤ ڌڪ، لوهار جو هڪ ڌڪ.
٤- لکيا لوهارن کي ٽِپر تي ٽانڊا؛
لکيون لوهارن کي ڇِڏن ۾ ڇٽنگون.
٥- ميمڻ وڃي مڪي ته به سير ساهمي تڪي.
٦- ميمڻ وڃي مڪي ته به وٽ سندس ڪوڻا.

(٨) ريتيون رسمون

گهڻن ئي پهاڪن ۽ محاورن جو آڌار ريتيون رسمون آهن. هتي اُنهن تي روشني وجهجي ٿي:-

'هنن جا پاڻ ۾ ڏتر سنوان نه آهن.' اِنهيءَ جملي ۾ 'ڏتر سنوان نه هئڻ' هڪ محاورو آهي؛ جنهن جي معنيٰ آهي، منجهن وڪاند، گهپي، ڪلهه آهي. اِن اِصطلاح جو بنياد شاديءَ ۾ ڏترن هئڻ جي رسم آهي. ڪنوار شاديءَ بعد جڏهن پهريون پيرو ساهري گهر ۾ قدم رکندي آهي، تڏهن ڪانئس ساهرا مائٽ اِها ريت ڪرائيندا آهن. ٿاله ۾ لوڻ يا ڪڻڪ رکبي آهي. ڪنوار اُنهيءَ مان ٻُڪ ڀري پنهنجي گهوٽ کي ٻُڪ ۾ ڏيندي آهي. گهوٽ اُهو لوڻ يا ڪڻڪ وٺي وري پنهنجيءَ ونيءَ کي هٿن ۾ ڏيندو آهي. اِن طرح اناج يا لوڻ کي ٻڪن ۾ ڀري ڏي-وٺ ڪرڻ کي 'ڏتر مٽڻ' چئجي ٿو. گهوٽ سان ڏتر هئڻ کان پوءِ ڪنوار ٻين ساهرن مائٽن سان به واري وٽيءَ اِها رسم ادا ڪندا آهي. اُن وقت زالون چونديون آهن - 'جيترا ڏتر مٽيندي، اوترا پٽ ڄڻيندي.' لوڻ جي ڏي - وٺ ڏيکاري ٿي ته جيئن ڪاڌي ۾ لوڻ جو جوڳو استعمال ڪرڻ سان ڪاڌو لذيذ ۽ سوادي بڻجي ٿو، تيئن ڪنوار به نئين گهر ۾ پنهنجيءَ سليءَ هلت چلت ذريعي سڀني سان سڪ-محبت ۽ سؤنپ سان هلي، پاڻ کي 'گرهه - لڇمي' ثابت ڪندي.

لوڻ جي ڏي-وٺ ڪرڻ مان هڪ ٻئي سان سان نمڪ حلال ٿي رهڻ جي ڀاونا پڻ ظاهر ٿئي ٿي. عوامي عقيدو آهي ته جيڪڏهن ڪن پاڻ ۾ ٻڪن کي سڌو رکي، هٿن جي وچين حصي کي الڳ ڪري ڏتر نه ميا آهن، ته پوءِ اڳتي هلي منجهن وڪاند ۽ جهڳڙي ٿيڻ جو اِمڪان آهي.

'ڀڳڙيون ٿيڻ' محاوري جي اصطلاحي معنيٰ آهي 'خاتمو ٿيڻ، گهڻو نقصان ٿيڻ.' اِنهيءَ محاوري جو بنياد قضئي جي ٽئين يا چوٿين ڏينهن جي رسم سان آهي، جنهن کي چائٿو يا اوٿارو به چوندا آهن. هندن ۾ ريت آهي ته جڏهن ڪو گذاري ويندو آهي ته ڪانڌي ٽن چئن ڏينهن تائين گهر ۾

روپ ۾ ڏٺل آهي.

١- ٻندرو شيطان.

٢- بندرو ٻڌي سندرو ته الله به ساڻس نه پڄي.

٣- ٻئيه منڊ منڊي ۾، اسيءَ ۾ ڪاٺو
اهڙو ڳنجو ساماٺو، جو مڙني ڪٽي مات ڪئي.

٤- شيرو ٻلو شاهه جو، نه پيءُ جو نه ماءُ جو.

٥- آنڌي جي جوءِ جو واهي الله.

٦- ٻوڙو ڪلي به دفعا.

٧- ڪاٺي وٽي به ڪانه، ڪاٺيءَ بنا سري به ڪانه.

٨- لولي ڇُٽي ڪتڻ ڪان، نچڻ لڳس ٻار.

٩- ڪاٺيءَ جي وهاڻ ۾ سنڪٽ گهٽا.

١٠- ڪاٺا سوامي نمسڪارا ڇي وڙهڻ جا ڪي ٻيا پاڙ.

(٧) ناڻي جي اهميت

آڳاٽي زماني کان وٺي سماج جي سرشتي ۾ ناڻي کي گهڻي اهميت حاصل ڏنل آهي. هاڻوڪي سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ ۾ اُن جو مهتُ تهائين وڌي ويو آهي. سنسڪرت ساهتيه ۾ توڙي هاڻوڪين سڀني ٻولين ۾ پيسي جي مهما ۾ گهڻيئي چوڻيون ملن ٿيون. سنڌي چوڻين جا ڪجهه مثال ڏسو:-

١- اُٽ به ناڻو، ويهه به ناڻو، ناڻي بنا نر ويڳاڻو.

٢- جنهن جي ڳنديءَ ۾ داڻا، تنهن جا چريا به سياڻا.

٣- شاهوڪار جو ٽِٽُ به ڪستوري.

٤- لڇمي ڪُلڇڻ ٻڪٽي.

٥- مايا اچي ته آنڌو ڪري، وڃي ته چيلهه ڀڃي.

٦- مايا ميڙ مڪر سان، ماني کاءُ شڪر سان.

٧- زر بسيار ته عشق نهه ڦهه؛ زرينست ته عشق پوُن پوُن.

٨- ناڻو نر به چُٽو ڪري.

جيڪو پاڻي-پيارڻ جو ڪم ڪندو آهي. ساڳيءَ طرح ڏڻن-وارن يا خاص موقعن تي به جڏهن پنچائت لاءِ ڪاڌي-پيتي جو بندوبست ڪيو ويندو آهي، ته برادريءَ وارا قطار ۾ ويهي گڏ کائيندا پيئندا آهن. جيڪڏهن ڪنهن شخص پنچائت جي نيمن خلاف هلت ڪئي آهي ته پوءِ ڪيس سزا ڏيڻ لاءِ برادريءَ ۾ گڏ ويهي حقي پيئڻ ۽ ڪاڌي-پيتي جا حق کسي ونندا آهن. اِنهيءَ ڏانهن اِشارو ڪندڙ اِهي محاورا آهن.

’جهجه تي ويهڻ‘ يا ’جُهجه ڪرڻ‘ جي اِصطلاحي معنيٰ آهي ’هٿ ڦاڙ ٿيڻ، اڍنگا خرچ ڪرڻ.‘ جُهجه جي اکري معنيٰ آهي شاديءَ وقت ۽ اُن کان پوءِ ڪجهه ڏينهن گهوٽيتن کي کارائڻ پيئارڻ. آڳاٽي زماني ۾ جڏهن اجا ريلون ڪين پيون هيون. تڏهن گهوٽيتا شاديءَ بعد به ڪجهه ڏينهن ڪنواريتن جي ڳوٺ ۾ ٽِڪيا پيا هوندا هئا. ڪنواريتا، جهجه جي رهڻ ۽ ڪاڌي-پيتي جو سمورو بندوبست ڪندا هئا. روزانو برات کي ٽي ويلا دعوتون ڏبيون هيون. اهڙي موقعي تي هڪ طرف گهوٽيتا اڪثر وجهه پيا ڳولهيندا هئا ته ڪهڙيءَ طرح ڪنواريتن کي مهمان نوازيءَ ۾ ٽڪائي پريشان ڪريون، ته ٻئي طرف ڪنوار جي طرف وارا به آدرڀاءُ ۽ خاطرداري ڪرڻ ۾ وسان نه گهٽائيندا هئا. چاچين کي ٽيهه - ٽيهه جهجه به ملندا هئا. هرهڪ جي ڪاڌي تي آرتي ڪري اوتيل ننج ديسي گيهه جيڪڏهن پاتل تان وهي هيٺ نه ڪريو ته ڄڻبو ته ڪنواريتن ڪنجوسي ڪئي آهي. اِن ڪري ڪنوار جي طرف وارن جو پيسو ۽ ڪاڌو پيتو گهڻو نقصان ٿيندو هئو. اِنهيءَ تي ’جهجه ڪرڻ‘ جي اصطلاحي معنيٰ ٿي ويئي ’اڍنگو يا فضول خرچ ڪرڻ،‘ اڄ ڪالهه ويچارن ۾ ڦيرو اچي ويو آهي. مهانگائيءَ جي زماني ۾ هرهڪ ڳالهه ۾ صرفي کان ڪم ورتو وڃي ٿو. جهجه جي بدران هاڻي شادين ۾ گڏيل دعوت جو رواج پئجي ويو آهي، جتي گهوٽيتا مهمان ۽ ڪنوار جي طرف وارا سڀئي گڏجي دعوت ۾ وهن ٿا. [illegible] پريتي-پوڄن‘ يعني پريت، سڪ - پريم جي دعوت سڏجي ٿي.

مسلمانن جي مذهبي رواجن ۽ [illegible] جي تحيل به چٽا ئي [illegible] پڙهي

مٿي -اُگھاڙا رهندا آهن. هو ڏنڊو واپار بہ بند رکندا آهن. پڳڙين جي رسم وقت برادريءَ وارا ۽ واقفڪار اُنهيءَ گهر ۾ اعزا پرسيءَ لاءِ شام جو اچي گڏ ٿيندا آهن، جتي قصيو ٿيو آهي. اُن وقت ڪانڌين کي پڳڙيءَ ٻڌڻ جي رسم بہ ادا ڪئي ويندي آهي. اِن جو مطلب آهي تہ هو اُن ڪان پوءِ پهلي وچي ڏنڌي - واپار ۽ دنيوي ڪرت - ڪار کي منهن ڏين. مکيہ ڪانڌي پڳڙين جي رسم بعد پڻ تيرهن ڏينهن تائين ڏنڌي - واپار لاءِ نہ نڪرندو آهي. پڳڙين جي رسم جو واسطو گهر جي جوابداريءَ سنڀالڻ ۽ ورثي جو حقدار هئڻ سان بہ آهي.

ڪنهن شخص جيڪڏهن ڪو ڪم نہ ڪيو يا صحيح نموني اُن جي پوئواري نہ ڪيائين، تہ ٺوڪ ۾ ڪيس چوندا آهن 'سورهن ئي شراڌ پورا ڪيائين. اِنهيءَ جي اکري معنيٰ جو لاڳاپو هندن ۾ ڪرت جي ڪرياڪرم سان آهي، جنهن ۾ پترن لاءِ پنڊ پائڻ ۽ براهمڻن کي ڪارائڻ جي رسم بہ شامل هوندي آهي. اِن تي ٻيو بہ هڪ پهاڪو مشهور آهي - 'پيءُ ڏيکار يا شرڌا ڪر.' اِن جو مطلب آهي تہ جلدي هڪ هيڪاڻي ڪر. گورو ئي گنگا تي اَتس محاوري جي اِصطلاحي معنيٰ آهي 'سڀ ڪجھ ناس ٿي وڃڻ، خاتمو ٿيڻ، حال نہ هئڻ. اِنهيءَ جي اکري معنيٰ جو لاڳاپو مئل پراڻيءَ جون هاڏيون ميڙي وڃي گنگا ۾ پرواهہ ڪرڻ سان آهي.

حقو پاڻي بند ڪرڻ، ٽانڊو ٽوپي بند ڪرڻ، پٽڪ مان ڪڍي ڇڏڻ، ٽالهيئون لاهڻ اصطلاحن جو ~~مطلب آهي~~ ڪنهن کي پنچائت مان ڪڍي ڇڏڻ، سندس بهشڪار ڪرڻ. ڪو زمانو هئو جڏهن سماج ۾ پنچائتي سرشتي کي گهڻي اهميت هئي. اڄ ڪالهہ ڇاڪاڻ وڏن شهرن ۾ اِنهيءَ جو اثر گهڻو گهٽجي ويو آهي، تنهن هوندي پڻ ننڍن ڳوٺن جي سماجي سرشتي ۾ پنچائت جي اڃا تائين گهڻي مڃتا آهي. جڏهن پنچائت ڪني ٿيندي آهي تہ حقو تيار ڪري پنچن سامهون رکيو ويندو آهي. برادريءَ وارن ۽ شريڪن کي بہ حق آهي تہ اُنهيءَ حقي جو استعمال ڪن. اُتي پنچائتي ٽهليو بہ حاضر هوندو آهي، جيڪو پاڻي پيارڻ جو ڪم ڪندو آهي. ساڳيءَ طرح ڏٽن-وارن

جڙيل منديون پائيندا آهن ۽ جپ جاپ ڪرائيندا آهن. 'هنن جو پاڻ ۾ چوٿون چندرما آهي' يعني منجهن هميشه ڪٽپٽ، جهڳڙو هلندو ٿو رهي. جوتش موجب راس ڪان چوٿين گهر ۾ چندرما جو هئڻ سٺو نہ ليکبو آهي. انچناڪو هئڻ يا ڏوئا ٻاري هئڻ محاورن جو بہ مطلب آهي 'پاڻ ۾ ميل ميلاپ نہ هئڻ، اِنهن جو اکري مطلب ٻن ڄڻن جي جنم ڪنڊلي ملائڻ وقت اُلن ۽ ڇهن، يا ٻن ۽ ٻارهن راسين جي لهڻا ڏيڻيءَ سان آهي. جوتش ۾ اِنهن کي شڀ نہ ليکيو ويو آهي. ڇيٺي سڪ نہ ويٺي يا ڇيٺو سڪ نہ ويٺو چوٽين جو مطلب آهي تہ جيڪو ٻار ڇيٺ جي مهيني ۾ ڄمي ٿو، اُنهيءَ کي زندگيءَ ۾ گهٽيئي ڪشٽ - ڪشالا ڏسڻا پون ٿا.

'ستارو زور اٿس' يعني ڀاڳ زور اٿس ۽ ستارو گردش ۾ اَٿس جو مطلب آهي تڪليفون هئڻ يا ڏکيا ڏينهن ڏسڻ. اِنهن محاورن مان بہ ستارن-نکترن جي اثر ۾ عوام جو ويساهه ظاهر آهي. چولو مٽائڻ معني گذاري وڃڻ. اِنهيءَ جي بنياد ۾ پنر جنم جي ڀاونا سمايل آهي. آتما امر آهي. اُنهيءَ کي جيستائين مڪتي نہ ملي آهي، تيستائين اُها هڪ چولو ڇڏي ٻيو چولو ڌارڻ ڪندي رهي ٿي يعني جنم - مرڻ جي چڪر ۾ ڦرندي ٿي رهي. ڇايا پوڻ جو مطلب آهي جن.- ڀوت، ڏائڻ وغيره جو ڪنهن جي شرير ۾ واسو ڪرڻ.

(۱۰) فاحش ڀاڪا ۽ محاورا

هرهڪ ٻوليءَ ۾ فاحش ڀاڪا ۽ محاورا چڱي تعداد ۾ ملن ٿا. اِنهن جو استعمال عام ماڻهن جي گفتگوءَ ۾ گهڻو ملي ٿو. جيتوڻيڪ تحريري ادب ۾ اِنهن کي متروڪ سمجهي جڳهہ نٿي ڏني وڃي. فلمي ڊائلاگن ۾ ۽ ناٽڪن، ڪهاڻين، ناولن ۾ ڪن پاترن جي ڪردارنگاريءَ کي حقيقي يا فطرتي رنگ ڏيڻ ۾ اهڙي ٻولي گهڻي مدد ڪري ٿي. ڪن ڀاشا وگيانين سماجي ۽ لسانياتي لحاظ کان اهڙن ڀاڪن ۽ محاورن جو وستار سان جائزو پيش ڪيو آهي. هتي سنڌيءَ جا ڪجهہ مثال ڏجن ٿا:-

۱- ڪانون کي پيلا هجن ها تہ اُڏامندي ئي نظر اچن ها.

ڇڏڻ (ڪنهن کي جيئري ئي مُئن برابر ليکڻ)؛ محررمي هئڻ (هميشه اُداس، ملول هئڻ)؛ ملان جي ڪُني حلال هئڻ (وڏو ماڻهو جيڪي ڪري سو حلال آهي)؛ تڪبيرون چوڻ (جيئري ئي مئل ليکڻ)؛ ملان ٻانگ نہ ڏيندو تہ صبوح نہ ٿيندو ڇا؟؛ جهڙا روح تهڙا ختما؛ آهي تہ عيد نہ تہ روزو؛ ويا روزا ڇڏائڻ تہ نماز گلي پيئن.

(٩) لوڪ وشواس يا عوامي عقيدا

لوڪ وشواس جو مطلب آهي لوڪ جو ويساھ يا عقيدو. ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ اهڙو پهاڪو يا محاورو مشڪل ملندو، جنهن ۾ خلقڻهار جي وجود يا هستيءَ بابت ڪو شڪ ظاهر ڪيو ويو هجي. عام لوڪن جو پرمارٿ جي هستيءَ ۾ اٽل ويساھ آهي. اِنهيءَ تي ڪجھ چوڻيون ڏسو:-

ايشور جي در دير آهي، پر انڌير نہ آهي؛ سچيءَ دل تي صاحب راضي؛ مارڻ واري کان بچائڻ وارو ڏاڍو آهي؛ اِنسان کي ڀڳوان جي ڀاڻي تي راضي رهڻ گهرجي؛ بندي جي من ۾ هڪڙي، صاحب جي من ۾ ٻي.

ساڳيءَ طرح هرهڪ ٻوليءَ ۾ اهڙا پهاڪا جام ملن ٿا، جن ۾ قسمت جي ليکہ ۾ وشواس ظاهر ڪيل آهي:-

جيڪي هوندو ڀاڳ ۾ سو وهي پوندو ڀاڳ ۾؛ سڀ اَن - جل جي اَختيار آهي؛ تقدير اڳيان ڪهڙي تدبير؟؛ ڇا جي ڏنگا ڏير، منهنجو ڏينهن ڏنگو مَ ٿئي؛ لکيو منجھ للاٽ قلم ڪياڙيءَ نہ وهي.

جوتش يا علم نجومت، گرھ - نکتر، سوڻ-اپسوڻ بہ عام ماڻهن جي دل ۽ دماغ تي ڇانيا پيا آهن. اِن بابت ڪي چوڻيون ۽ محاورا هن ريت آهن:-

پير ۾ ڇنڇر آٿس جي اصطلاحي معنيٰ آهي تہ هو هميشه ڀٽڪندو ٿو رهي. جوتش موجب پير ۾ ڇنڇر يا شني گرہ هجي تہ اِنسان کي ٽِڪ ٽانءُ ڪرڻ نہ ڏيندو آهي. ڇنڇر جي ساڍي ست ورهي يا اڍائي ورهي دشا بہ عام ماڻهن ۾ گهڻي مشهور

پارٽ ۾

سنڌي لوڪ ادب تي ٿيل تحقيق

- هيرو ٺاڪر چيناڪر

٢- جيڪي ڪانچ پائيندا آهن، سي هٿن جي جاءِ به رکندا آهن.
٣- هنگڻ ٿورو ڦر ڦر گهڻي.
٤- ٽڪ به ڪدڙي جي ته ڳئي به ڪدڙي جي.
٥- ويئي سوُد کي بوُد به ڪٽائي آئي.
٦- ٿلهيءَ ڳئيءَ ٽڪ ناهي.
٧- ڪُڇن جون ڳنڍيون هٿن.
٨- ليکي تي للو ڏيڻ (ڀينيو - جاڳي ڏنائين جڳه جي، ليکي اُتي للو - 'ساميءَ جا سلوڪ' - ڀوڄراج ناگراڻي ڀاڱو ا، ص ١٩١).

هتي پهاڪن ۽ محاورن ۾ سنڌي سماج جي تصوير جا ڪجھ پهلو پيش ڪيا ويا آهن. منهنجي دوست پروفيسر مهالنگم جي ٿيسز آهي - 'تمل پهاڪن ۾ ڪٽنب جو چٽر'

Family life in Tamil Proberlbs

اِنهيءَ تي هن کي مدراس يونيورسٽيءَ پي- ايڇ. ڊي ڊگري عطا ڪئي آهي. اِنهيءَ مان صاف ظاهر آهي ته هرهڪ پهلوءَ جو جيڪڏهن باريڪيءَ سان اڀياس ڪجي ته اُن تي وڏو مقالو لکي سگهجي ٿو.

ٻئي طرف ڪن عالمن گارين ۽ فاحش پهاڪن ۽ محاورن جو سماجي ۽ لسانياتي نقطہ نگاھ کان وستار سان اڀياس ڪيو آهي. مون پڻ اهڙي قسم جا ٻه هزار کن سنڌي پهاڪا، محاورا ۽ لفظي ميڙ (Phrases) گڏ ڪيا آهن. اُنهن جو تنقيدي جائزو سماج جي هڪ مخصوص طبقي جي رهڻي-ڪهڻيءَ ۽ من-ورتيءَ تي روشني وجهي ٿو. انگريزي ٻوليءَ ۾ 'ڊڪشنري آف سلئنگس' (Slangs) يا 'ڊڪشنري آف انڊر ورلڊ' ۾ شايع ٿيل آهن.

هن مضمون جي محدود دائري ۾ سنڌي پهاڪن، محاورن ۽ چوڻين جا ڪجھ مثال ڏيئي اِن ڳالھ طرف ڌيان ڇڪايو ويو آهي ته اِنهن ڀاشائي پريوگن جو گهرائيءَ سان اڀياس ڪرڻ جي گهڻي ضرورت آهي. اُنهن ۾ اسان کي سماج ۽ سڀيتا - سنسڪرتيءَ جا اهڙا پهلو ملن ٿا، جن جو رواجي طرح تاريخ يا سماج شاستر جي ڪتابن ۾ ذڪر نه هوندو آهي.

ڀارت ۾ سنڌي لوڪ ادب تي ٿيل تحقيق

هيرو ٺڪر

لوڪ ساهتيہ، لوڪ سنسڪرتيءَ جو هڪُ مُکيہ حصو آهي. ’لوڪ‘ لفظ جون گھڻيون ئي معنائون آهن، پر ’لوڪ ساهتيہ‘ واري مخصوص مرڪب ۾ لوڪ جي معنيٰ ’عوام‘ يا ’عام رواجي ماڻھو‘ آهي. هونئن لوڪ جي معنيٰ سنسار، دنيا، ڌرتي، قبيلو وغيره بہ آهي، پر هِن سندرڀ ۾ لوڪ جي معنيٰ مونکي لڳي ٿو تہ اِها آهي تہ ’ماڻھن جو اهڙو سٿُ، جنهن ۾ شامل شخص پاڻ ۾ گھڻين هڪ جهڙاين سبب، پنهنجي اِنفرادي سڃاڻپ ميٽي، هڪ اِجتماعي سڃاڻپ حاصل ڪري ورتي هجي. جنهن جي اِظهار ڪي يا فيصلي ڪي، اِنفرادي اِظهار نہ، پر اِجتماعي اِظهار ڪري ڪنيو وڃي. سنڌيءَ ۾ / ’لوڪ ڇا چوندو؟‘، ’لوڪ کلائيندين‘، ’هڙ بہ خاشو لوڪ بہ تماشو‘ واريون چوڻيون ڪنهن سٿ جي اهڙي ئي روپ ڪي اِظهار ڏيندڙ آهن.

’سنڌي لوڪ‘ جو مطلب وري ماڻھن جي اهڙي سٿ سان آهي جيڪي سنڌي ڳالھائيندڙ هئا يا آهن.

’سنسڪرتيءَ‘ جو مطلب هڪ اهڙي مُرڪب سموراڻپ سان آهي، جنهن ۾ اهڙي ڄاڻ، گيان، عقيدا، اِظهار، هنر ۽ فن، رمزون، اخلاق، نيم، ريتيون رسمون ۽ ٻيون اهڙيون صلاحيتون ۽ پڻ عادتون شامل آهن، جيڪي ماڻھن جي ڪنهن مخصوص مجموعي لنبي عرصي کان اُن مجموعي جي حصي طور گڏيل زندگي گھاريندي، اپنايون هجن يا اُنهن کان واقف ٿيو هجي.

ساهتيہ لاءِ جيڪڏهن ٽُوڪي ۾ چئجي تہ اُهو اِنسان جي جذبن ۽ خيالن جو سندر ۽ فنائتي نموني اِظهار آهي. فنائتي اِظهار لاءِ ڳڻ ڳوت، ناه جوڙ، جڙت گھڙت کان ڪم ورتو پوي ٿو، پر لوڪ ساهتيہ اهڙي ڪنهن بہ ڪوشش کان آجو، اِنساني جذبن جو سرل، سهج ۽ سڀاويڪ اِظهار آهي، جنهنڪي پنهنجي سندرتا آهي ۽ جيڪو پنهنجو پاڻ ۾ هڪُ بي جوڙ فن آهي.

رهڻ ممڪن نہ ٿيو تہ ڀارت اندر اسانجي لوڪ ساهتيہ، لوڪ گيتن، لوڪ ڪهاڻين، لوڪ چوڻين، لوڪ سنگيت وغيره لاءِ جيئڻ مرڻ جو سنڪٽ پيدا ٿي ويو. اُن حالت ۾ اوليتن جي پهرين تقاضا اِها هئي تہ اهڙي منتشر حالت ۾ پنهنجي اڳوڻي لوڪ ورثي کي بچائجي، جيڪو اسان جون نانيون، ڏاڏيون، ڀيڻ، آيا، نوجوان ڀينرون ۽ ڀائر ۽ ننڍا ٻارڙا، لوڪ ڪهاڻين، قصن، لاڏن لولين ۽ ٻال لوڪ گيتن جي روپ ۾، پنهنجن سينن ۾ سانڍيو، سنڌ مان هتي کڻي آيا هئا.

اِها ڳالهہ اسان لاءِ نيڪ فال ثابت ٿي تہ ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ هوندي ئي اسان جا ڪي سڄاڻ اديب ۽ نوجوان، ديويندر ستيارٿي، زويرچند مينگهاڻي (گجراتي)، رام شرڻ داس (پنجابي) ۽ رام نريش ترپاٺيءَ جهڙن لوڪ گيتن جي سنگرهہ ڪرتائن ۽ اِن حلقي جي ماهرن جا ڪتاب پڙهي، لوڪ ساهتيہ جي اهميت کان واقف ٿي چڪا هئا. اُنهن کي بہ پنهنجي لوڪ ورثي، خاص طور لوڪ ساهتيہ جي حفاظت جو اونو هو.

اهڙي پس منظر ۾ اِن ميدان ۾ جنهن پهريون قدم رکيو، سو هو نارايڻ ڀارتي. اُهو وقت، جڏهن سمورا سنڌي، ڪو ڌنڌو روزگار هٿ ڪرڻ ۽ پاڻ کي وري وسائڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهيا هئا، اُن وقت هن جاکوڙي جوان بنا ڪو وقت وڃائڻ جي، ورهاڱي کان يڪدم پوءِ وارن سالن ۾ ئي، لڳ ڀڳ ۱۹۴۹-۵۱ واري وقت ۾ ئي، ڀارت جي جدا جدا پرانتن يا جتي سنڌي وچي شرنارٿي ڪئمپن ۾ آباد ٿيا هئا، اُتي جا ڏکيا ۽ تڪليفن ڀريا دورا ڪري، ناگپور جي جيري پٽڪا ڪالوني، ٻڙودي جي وارشا ڪالوني، اڪبر ڪئمپ، ڪلياڻ ڪئمپ، ساگر، ڪٽني، رائپور، مطلب تہ گهڻن ئي ڏورانهن هنڌن تي پهچي، چڙ وچڙ ڏين آڏين، نانين ڏاڏين ۽ نوجوان سنڌي ڀينرن سان گڏجاڻيون ڪري، کين ريجهي ريبي، اُنهن کان سنڌي لوڪ ساهتيہ ۽ لوڪ ورثي جو ناياب ذخيرو هٿ ڪيو ۽ اُن کي وقت سر قلمبند ڪري، ناس ٿيڻ کان بچائي ورتو. عام رواجي ماڻهن کان اِن طرح اهڙو مواد هٿ ڪرڻ جو ڪم ڪيترو ڏکيو آهي، اِهو اُهي ئي محسوس ڪري سگهندا، جن اِن طرح جا ڪم ڪيا

لوڪ ساهتيہ، لوڪ سنسڪرتيءَ جو مُکيہ ڀاڱو آهي تہ لوڪ سنسڪرتي وري لوڪ جيون جي يا ماڻهن جي گڏجي گذارڻ واري زندگيءَ جي اُپج آهي.

هندوستان جي ورهاڱي کان اڳُ سنڌي لوڪ، مسلمان توڙي هندو، زمين جي ساڳئي خطي ۾ گڏ رهيا پيا هئا. اُنهن جي پنهنجي هِڪ سنسڪرتي ۽ لوڪ سنسڪرتي بہ هئي. اُنهن کي پنهنجو اِتهاس، روايتون، پنهنجا راڳ، ناچ، سُر ۽ ساز هئا. سڀ کان وڏ هو پنهنجو لوڪ ساهتيہ، جنهن ۾ لوڪ گيتن، لوڪ ڪهاڻين، لوڪ ناٽڪن، لوڪ چوڻين، پرولين، ڳجهارتن وغيره جو جهجهو ۽ اڻميو سرمايو شامل هئو.

ورهاڱي جي هِڪ نتيجي طور سنڌي لوڪ بہ ورهائجي ويو. ورهاڱي کان اڳ سنڌي لوڪ جيون ۽ لوڪ سنسڪرتي هندن توڙي مسلمان ڀائرن جي مشترڪ اِڪائي هئي، جيڪا ورهاڱي ڪري ورهائجي ويئي. اُن جو هِڪُ وڏو حصو، جنهن ۾ گهڻو تڻو مسلمان ڀائر هئا، سي تہ پنهنجي جَڳ جهوني مقام تي، پنهنجي ڌرتيءَ تي/ پنهنجي ٻولي، تواريخ ۽ روايتن سان جُڙيا رهيا ۽ اُتي اسانجي لوڪ سنسڪرتي سياويڪ حالتن ۾ رهندي، محفوظ رهي ۽ سياويڪ طرح اُسرندي رهي. پر سنڌين جو ٻيو هِڪُ حصو، ڏک گهٽ هِڪُ ڀاڱي ٽي حصو، ڀاڙئون ڀڄي، سنڌ کان سوين ۽ هزارين ڪلوميٽر دور اچي، اجنبي ٻولين، اجنبي ريتين رسمن ۽ اجنبي ماحول جي وچ ۾ اچي آباد ٿيو. قسمت جي ستم ظريفي وري اِها، جو پنهنجي ڌرتيءَ تان بي دخل ٿيل ساڳي ٻولي ۽ سنسڪرتيءَ وارن اُنهن ماڻهن کي ڪنهن هڪ هنڌ آباد نہ ڪيو ويو ۽ نرواسي سنڌي، زندگي جي بنيادي ضرورتن لاءِ، لئي ۽ اجهي جي تلاش ۾ وشال ڀارت جي متعدد پرڳڻن ۾ ٽِڙي پکڙي، جِڙُ وِڇُڙ ٿي ويا. اهڙين حالتن ۾ وڏي ۾ وڏو ڏک لوڪ سنسڪرتيءَ کي ئي لڳڻو هوا چو تہ اُن جو جيئاپو ۽ وِڪاس لوڪن جي گڏجي رهڻ تي ئي منحصر ٿئي ٿو. سو جيئن ئي سنڌين جو هِڪ هنڌ گڏجي

لوڪ گيتن ۾ اِنساني رشتن ناتن جو ڪيل بيان ۽ اِنساني دِل جي اُمنگن ۽ ڀاونائن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪي پيش ڪيو آهي. هُن مڪيه طرح سماجڪ نقط نظر کان، باريڪيءَ سان اُنهن کي جاچيو آهي، پر اُنهن ۾ آيل تواريخي واقعن، جاگرافيائي ماڳن، مقامن، واسطيدار زماني ۽ ماڻهن جي اِقتصادي حالات تي پڻ روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

(ڀارت ۾) لوڪ ساهتيه جي کيتر ۾ نارائڻ ڀارتيءَ جو رول هِڪ باني يا آڳيوان (Pioneer) طور هميشه ياد ڪيو ويندو. هُن سالن جا سال محنت ڪري وڏي مقدار ۾ لوڪ ساهت ڪٺو ڪيو آهي. هُن جيترو وسيع پيماني تي مال ڪٺو ڪري ڏنو آهي، اوتري ئي گهرائيءَ سان اُن ۾ لهڻ ۽ اُن جي کوج بينِ ڪرڻ جي گنجائش بہ آهي ۽ جيئن تہ هن حلقي طرف اسان جي اديبن جي دلچسپي ڏينهون ڏينهن وڌندڙ آهي تہ اهڙي اُميد ڪري سگهجي ٿي تہ اِن ڏس ۾ اجا باريڪيءَ سان ڪم ٿيندو.

لوڪ ادب جي حلقي ۾ نارائڻ ڀارتيءَ ٻيو بہ هِڪ وڏو ڪم ڪيو آهي. هُن جي اِها تمنا هئي تہ سندس اِن پياري موضوع کي هِڪ مستقل ۽ دائما بنياد ملي. اِنڪري هن سخت ڪوشش وٺي بمبئي يونيورسٽيءَ جي ايم. اي. (سنڌي) ڪورس جي نصاب ۾ لوڪ ادب واري موضوع تي هِڪ مڪمل پيپر شامل ڪرايو آهي. سندس ئي ڪوششن سان بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ هڪ شاگرد لوڪ ساهتيه کي موضوع طور کڻي، ايم فل جي ڊگري حاصل ڪئي آهي ۽ ڪِن شاگردن Ph.D جي ڊگريءَ لاءِ پڻ لوڪ ساهتيه کي پنهنجي موضوع طور چونڊيو آهي. سندس ڪوشش اِها بہ آهي تہ يونيورسٽيءَ ۾ اِن وشيه تي چيئر بہ قائم ڪئي وڃي.

ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتيءَ لوڪ ساهتيه جي گهڻي ڀاڱي سڀني شاخن، لوڪ گيتن، ڪهاڻين، ڇوٽين، ڳجهارتن، پرولين، سنڌي لوڪ ڪلائن تي، وڏيڪ کي گهٽ ماترا ۾ ڪم ڪيو آهي، پر سندس خاص کيتر لوڪ گيتن جو رهيو آهي.

هئي طرف سنڌي لوڪ ڪهاڻين، ڪٿائن ۽ ٻال لوڪ ڪهاڻين

هوندا! سنڌي جاتيءَ جي هن سيبتي سُپات نه فقط اِهو ناياب ذخيرو، ناس ٿيڻ کان بچائي ورتو، پر هٿ ڪيل لوڪ ساهت جي آڌار تي روچڪ ۽ دلچسپ ڪهاڻيون ۽ ليک لکي، ’هندواسي‘ ۽ ٻين مخزنن ۾ ڇپرائي، اُنهن کي عام سنڌين ۾ نه پيارو ڪيو ۽ اِن طرح سنڌي عوام ۾ پنهنجي لوڪ ساهتيه ۽ لوڪ ورثي لاءِ ٻُوجهه ۽ اُنهن جي اهميت جي شناس پيدا ڪئي.

بعد ۾ نارائڻ ڀارتيءَ، ڇئجي ڪري ته پنهنجي سڄي زندگي اِن ڪاريه کي ارپڻ ڪري ڇڏي. سندس پهريون ڪتاب ’لوڪ گيت - هِڪ جائزو‘ ۱۹۶۰ع ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ هُن لوڪ گيت، اُنهن جي قسمن، اُنهيءَ اهميت ۽ سنڌ ۾ ۽ ڀارت ۾ لوڪ گيتن تي ٿيل ڪم سان واقفيت ڪرائي. اُنهن ۾ ئي سال، ڀارتيءَ لوڪ گيتن سان سمويل ۽ اُنهن تي آڌارت پنهنجن ڪالپنڪ/ ڀاوناتمڪ ڪهاڻين جو مجموعو ’هو جمالو‘ ڇپايو، جنهن ۾ ’مهاڳ‘ لوڪ ساهتيه واري ڪيتر جي هِڪ مهارٿي ديويندر ستيارٿي ۽ ’ٻه اکر‘، دادا جٺرامداس دولترام جا هئا. بعد ۾ اِن ئي ڪيتر ۾ هُن لوڪ ڪهاڻين جو هِڪ مجموعو ’هڪڙو هو سوداگر‘، ’سنگيت جي تان‘ ۽ ٻيا ڪتاب ’سنڌڙي ٿي ڳائي،‘ ’سنڌي لوڪ ڪلا‘، ’ميندي رتا هٿڙا‘ وغيره ڏنا. ’ٿري لوڪ گيت‘ ۾ وري سنڌ ۾، سنڌ وارن جي ڪوشش سان گڏ ٿيل لوڪ گيت ۽ مشهور سنڌي ودوانن ڀيرومل مهرچند ۽ ٻين طرفان ٿر بابت لکيل احوال پيش ڪيائين.

نارائڻ ڀارتيءَ جو اِن ڪيتر ۾ سڀ کان مکيه ڪتاب ’سنڌي لوڪ گيتن ۾ سماجڪ پس منظر‘ آهي. لوڪ ساهتيه تي سالن جا سال ڪم ڪرڻ بعد، آخر هُن ۱۹۷۴ ۾ اِن وشيه تي پي ايچ ڊيءَ جي ڊگري وٺڻ لاءِ، پروفيسر رام پنجوانيءَ جي رهنمائيءَ هيٺ ايپاس ۽ ٿيسز لاءِ تياري شروع ڪئي. ۱۹۷۸ ۾ کيس سندس اِن ٿيسز تي ڊگري عطا ڪئي ويئي، جيڪا بعد ۾ ۱۹۹۱ ۾ ڇپجي شايع ٿي.

ڀارتيءَ پنهنجي اِن ڪتاب ۾ لوڪ گيتن جي وياکيا، سنڌي لوڪ گيتن جي اوسر، اُنهن جي جدا جدا قسمن جو احوال،

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي اُنهن پنجن لوڪ ڪهاڻين کي اُجاري، اُنهن تي نئين نظر وڌي آهي. ڪتاب جو مهاڳ بہ وڏي محنت ۽ مهارت وارو ۽ عالماڻي ڍنگ جو آهي. جنهن ۾ ۽ اُن دور جي ڪيترين اڻ ڇٽين يا لڪل حقيقتن تي روشني وڌي ويئي آهي. هن ڪتاب جي اهميت کي تسليم ڪندي، بعد ۾ سنڌ ۾ پڻ اُهو ڇپايو ويو آهي.

بهرحال، ڊاڪٽر جيٽلي جو، لوڪ ساهتيہ جي ميدان ۾ سڀ کان وڏو يوگدان، سنڌي محاورن، پهاڪن ۽ لوڪ چوڻين تي ڪيل سندس ڪم آهي. ١٩٩٣ ۾ هُن 'سنڌي پهاڪا ۽ محاورا' نالي هڪُ وڏو، مخزن سائيز جي ٨٠٠ کان بہ وڌيڪ صفحن تي مشتمل ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. جنهن ۾ پهاڪن ۽ محاورن جي هڪ ماهر ۽ سنڌي ڀاشا جي خدمتگار، سرڳواسي سنتداس ڪشناڻي 'پنهل' طرفان گڏ ڪيل ۽ تشريح ڪيل اٽڪل ١٢٠٠٠ پهاڪا ڏنا ويا آهن. جيڪو سنڌيءَ جو هيل تائين، هِڪ ئي هنڌ ڪنو ڪري پيش ڪيل وڏي ۾ وڏو ذخيرو آهي. اِن ڪتاب جو سمپادڪ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي آهي. اِن ڪتاب جو مکيہ ۽ اهميت ڀريو حصو ڊاڪٽر جيٽلي جو لکيل، هِڪُ سو پنجن صفحن تي مشتمل تفصيلي مهاڳ آهي، جنهن ۾ هُن بيحد خبرداريءَ ۽ باريڪيءَ سان اِن وشيہ تي پنهنجي عالماڻي ڄاڻ جي پرت ڪئي آهي ۽ سنڌي محاورن ۽ پهاڪن جي سماجڪ، تواريخي ۽ ثقافتي پس منظر ۽ ڀاشائي خاصيتن کي بيان ڪندي، اُنهن کي کولي پڌرو ڪيو آهي. ڪتاب جي مهاڳ جي اهميت اِن مان ئي ظاهر آهي جو اِن ڪتاب جي ڀارت ۾ شايع ٿيڻ کان ٿورو ئي پوءِ، ڪتاب جيئن ئي سنڌ ۾ پهتو اِن مهاڳ کي هِڪَ جدا ڪتاب جي صورت ۾ يڪدم ڇپي پڌرو ڪيائون.

شري سنتداس ڪشناڻي ۽ ڊاڪٽر جيٽلي جو تاليف ڪيل اِهو ڪتاب سنڌي لوڪ ساهتيہ جي ميدان ۾ هِڪ حد نشان ٿي رهندو.

شري ليلارام رُچنداڻيءَ جو ١٩٧٩ع ۾ شايع ڪرايل ڪتاب

تي وري مکيه طرح کيرت ٻاٻاڻي، مرليڌر جيٽلي، ليلارام رچنداڻي، جڳديش لڇاڻي ۽ سترامداس سائل ڪم ڪيو آهي.

هونئن ته ڪيرت ٻاٻاڻي نئين سنڌي ڪهاڻيءَ جي مکيه ليکڪن ۾ شماريو ويندو آهي، پر هو صاحب لوڪ ادب جي اهميت ڏانهن به سجاڳ آهي. لوڪ ساهتيه جي کيتر ۾ هن لوڪ ڪهاڻين جا ٻه ڪتاب، 'اهول راڻي' (١٩٨٢) ۽ 'سنڌي لوڪ ڪهاڻيون' شايع ڪرايا آهن. لوڪ ادب جو اساسي درجو هن لاءِ ڪيتري نه اهميت رکي ٿو، اُن جو اندازو 'اهول راڻي' ڪتاب ۾ سندس لکيل مهاڳ مان لڳائي سگهجي ٿو. چوي ٿو:

'جديد ادب جي پيڙ لوڪ ساهت تي ٻڌل آهي. هاڻوڪي نظم جي اوسر لوڪ گيتن جي بنياد مان ۽ اڄ جي قصن ڪهاڻين جي اوسر لوڪ ڪٿائن، ڪهاڻين ۽ حڪايتن مان ٿي آهي.'

ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي ڪتاب 'اهول راڻي' ۾ هن طرفان ڪنيون ڪيل اٺ سنڌي لوڪ ڪهاڻيون شامل آهن، پر ڪتاب جو اهم حصو اُن جو مهاڳ آهي، جنهن ۾ هن لوڪ ڪهاڻين جي جدا جدا پهلوئن ڪان اوک ڊوک ڪئي آهي.

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي وري اُنهن اوائلي سنڌي لوڪ ڪهاڻين کي چنڊي ڦوڪي منظرعام تي آندو آهي، جيڪي اصل ۾ ڪئپٽن جارج اِسٽئڪ پنهنجي ١٨٤٩ع ۾ ڇپايل ڪتاب 'سنڌي گرامر' جي پڇاڙيءَ ۾ ڏنيون هيون. هن جي ڪتاب جو نالو آهي 'اوائلي شايع ٿيل سنڌي لوڪ ڪهاڻيون.'

انگريزن جي اِها خوبي آهي ته هو جتي به راڄ يا ڏنڌو واپار، ڪرت ڪار ڪندا آهن ته اُتان جي ڀاشا، ساهتيه ۽ سنسڪرتي جو اڀياس ضرور ڪندا آهن. سو سنڌ ۾ به جڏهن انگريزن جو راڄ شروع ٿيو ته اُنهن جي عملدارن؛ سر رچرڊ برٽن، ارنيسٽ ٽرمپ، ڪئپٽن جارج اِسٽئڪ وغيره، سنڌي ٻولي ۽ ڪلچر جو اڀياس ڪندي، سنڌي لوڪ ڪهاڻين بابت به ڄاڻ حاصل ڪئي هئي. ڪئپٽن اِسٽئڪ جڏهن اڳئين صديءَ ۾ سنڌي گرامر تي ڪتاب ڪڍيو ته اُن جي پٺيان هڪڙيون پنج سنڌي لوڪ ڪهاڻيون به ڏنيون هئائين.

ماحول ۾ وڪاس شيل بہ ھجن. اِھا سوچ اِن ڪري ھئي، ڇو جو لوڪ ساھتيہ جو وڪاس لوڪ جيون سان ٿيندو آھي ۽ ڀارت ۾ سنڌي لوڪ جيون ڇڙو ڇڙ ٿي ويئي ھئي.

اِن ڏس ۾ ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ ھِڪ وڏو ڪارنامو سر انجام ڏنو، جو ستر واري ڏھاڪي جي پوئين سالن ۾، ھن گجرات پرڳڻي جي ڪڇ ضلعي ۾، سنڌ سان سيانڌري واري ٻني ايراضيءَ کي ڳولھي لڌو. ٻني سنڌ سان لڳندڙ سرحد وٽ، چاليھن ڳوٺن تي مشتمل ھِڪُ وڏو چراگاھ آھي، جتي آڳاٽا سنڌي قبيلا ايامِن کان، پيڙھي در پيڙھي آباد آھن. اُنھن وٽ سنڌي ٻولي، ثقافت، لوڪ ادب ۽ سنڌي روايتون صدين کان ھلنديون اچن ۽ اڄ بہ قائم آھن.

ٻنيءَ ۾ سنڌين جا جت، سوڍا، سما، سومرا، اوڏ، ريباڙي، متوا، ٿيبا ۽ ٻيا ڪي قبيلا آباد آھن. جيڪي مال پالڻ، مال چارڻ، کيتي ٻاڙي ڪرڻ ۽ زندگي جي ٻين ضروريات لاءِ ڪمين ڪاسبين طور ڪَمَ ڪن ٿا. سندن ھِڪ ٻئي سان رابطي جي ٻولي توڙين گھرن ۾ ۽ ٻئي وھنوار لاءِ ماڌيم سنڌي ٻولي آھي ۽ اِن ئي ٻوليءَ ۾ ھِڪ ٻئي سان پنھنجا خوشيون ۽ غم بہ ونڊين ٿا.

ڊاڪٽر پرسو گدواڻي پونا يونيورسٽيءَ سان وابستہ لِساني ماھر ۽ سنڌيءَ جو ھِڪُ پراڻو اديب آھي. ھن ٻنيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مختلف لھجن جي لساني اڀياس جا امڪان ڏٺا ۽ پڻ اُتي سنڌي لوڪ ساھتيہ تي ڪم ڪرڻ جا وَجھ ڏٺائين. پھرين تہ ھن اُتي اِنفرادي سطح تي، ٻنيءَ جي ڪمي ڪاسبين جي پيشہ ور لغات جي اڀياس جو ڪم شروع ڪيو. بعد ۾ ٻنيءَ جي سنڌين، سندن ٻولي، ثقافت ۽ طريقہ حيات بابت ليک ڇپرائي، سنڌي اديبن ۽ عام سنڌين جو ڌيان، ڀارت ۾ موجود اِن ننڍڙي سنڌ طرف ڇڪايائين.

پرسي گدواڻيءَ جي اِن ڪوجنا کان متاثر ٿي، گجرات سنڌي اڪادمي ۽ ڪِن سنڌي اديبن بہ اِن پڙ ۾ پيرُ رکيو.

پرسي گدواڻيءَ ٻنيءَ ۾ ڳالھائجندڙ سنڌي ٻوليءَ جو فقط لسانياتي اڀياس ئي نہ ڪيو آھي، پر ھن اُتان جي لوڪ ساھتيہ تي بہ

’سنڌي لوڪ ڪٿائون‘ لوڪ ساهت جي لوڪ ڪٿائن واري حصي بابت هِڪُ انوکو ۽ دلچسپ ڪتاب آهي، جنهن ۾ لوڪ ڪٿائن جي جنم، زمان ۽ مڪان ۾ اُنهن جي لنبي سفر جي تواريخ ڏيندي، ڏيکاريو ويو آهي ته دنيا ڀر جون لوڪ ڪٿائون، ڪيئن نه، ڪنهن نه ڪنهن طرح هِڪ ٻئي سان جُڙيون پيون آهن. اُنهن ۾ خاص مثال سنڌي لوڪ ڪٿائن جا آهن ته اُهي ڪيئن نه ڀارت جي پؤراڻڪ، اِتهاسڪ ڪهاڻين، ڏند ڪٿائن ۽ يوناني، مصري، سميري ۽ پارسي روايتن سان تاڃي پيٽي جُڙيون پيون آهن. هي ڪتاب پڻ وڏي ڄاڻ ۽ محنت جو ساکي آهي.

شري جڳديش لڇاڻيءَ وري ٻال لوڪ ڪهاڻيون ڪٺيون ڪري، اُنهن کي سرل ۽ سُٻڪ ٻوليءَ ۾ لکي، ڇپائي پڌريون ڪيون آهن. اُهي ڪهاڻيون وندر ۽ سکيا واريون آهن ۽ اُنهن ۾ ٻال ڪهاڻين واري رنگيني، چنچلتا ۽ موج مستي ڀريل آهي. هن جي ٻال لوڪ ڪهاڻين جي سنگرهن ۾ جهرڪي لذو ٽڪو، ’ڪني آندي ڪنوار‘ وغيره شامل آهن. شري سترامداس ’سائل‘ جو پڻ ’سنڌي لوڪ ڪٿائون‘ نالي سان ڪتاب شايع ٿيو آهي.

شري جيوت گوگيا ’جوت‘ پڻ ٻارن جي لوڪ ڪهاڻين جا پستڪ ’نانيءَ جون آکاڻيون‘، ’ڏاڏيءَ جون آکاڻيون‘ نالي وارن ڪتابن ۾ ڇپائي شايع ڪرايا آهن.

جيستائين ٻال لوڪ گيتن جو واسطو آهي، ته اُهي وري شري هوندراج بلواڻيءَ ڪٺا ڪري ۽ ڇپائي پڌرا ڪيا آهن.

سنڌين جي ڀارت ۾ اچي آباد ٿيڻ ڪانپوءِ وارن اوائلي سالن ۾ اِئين ئي سمجهيو ويندو هو ته هتي اسان جو لوڪ ساهتيہ ايتري مقدار تائين ئي محدود رهندو، جيترو اسين سنڌ مان، پنهنجن سيني ۾ سانڍي ڪڍي نڪتا هئاسين. ڪجهه اُميد اِها به رهندي هئي ته اگر سنڌ ۾ ڇاپي هيٺ ايندڙ لوڪ ساهتيہ هتي پهتو ته اسان واري سرمايي ۾ ڪجهه اِضافو ٿيندو. اسان مان ڪنهن کي به اهڙو انديشو نه هو ته ڀارت اندر به ڪي اهڙيون ايراضيون ٿي سگهن ٿيون، جتي سنڌي لوڪ ورثي يا سنڌي لوڪ ساهتيہ جا ذخيرا موجود هجن ۽ پڻ هِڪ سڀاويڪ

چيني لالواڻيءَ جي ڪتابن ۾ ’هنيءَ جو سنڌي لوڪ ادب‘، ’سنڌي لوڪ ناٽڪ‘ شامل آهن. تازو هُن ’هنيءَ جا سنڌي لوڪ گيت‘ وشيه تي ٿيسز لکي، ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري به حاصل ڪئي آهي.

چيني جي ’هنيءَ جو لوڪ ادب‘ ۾ لوڪ ساهتيه جي ڪِن نون نرالن روپن، جهڙوڪ: لوڪ چوڻين، اڳڪٿين، پرولين، ڏِنن، ڏورن ۽ پڻ ڳجهارتن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو ويو آهي. لوڪ چوڻين، اڳڪٿين، ڏِنن ۽ ڏورن کي پهريون پهريون دفعو ڪتابي صورت ۾ آڻڻ جو شرف چيني کي ئي حاصل آهي. اِن ڪانسواءِ هُن ’هوتل پري ۽ جام اوڍي‘ ’سهجان پري،‘ جيسل توُرل‘ وارين لوڪ ڪهاڻين کي ڀارتي سنڌين اڳيان پڌرو ڪرڻ جو شرف پڻ چيني کي ئي حاصل آهي. چيني، ڳجهارتن تي پڻ قلم آزمائي ڪئي آهي. اڳڪٿين ۾ هيستائين اسان وٽ ماموئي فقيرن جا ست بيت ۽ ست اڳڪٿيون هونديون هيون، پر ’هنيءَ جو لوڪ ادب‘ ڪتاب ۾ ماموئيءَ جي اڳڪٿين جا سترهان بيت ڏِنيئي، اِن روايت جي توسيع ڪئي ويئي آهي ۽ پڻ اِنهن بيتن جي تواريخي پس منظر تي روشني وِڌي ويئي آهي. چيني، ’ڏِنن‘ ۽ ’ڏورُن‘ تي به ڪم ڪيو آهي ۽ اِئين چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته لوڪ ادب جي اِنهن ٻن صنفن تي وري سڀ کان وڏيڪ ڪم چيني لالواڻيءَ ئي ڪيو آهي. اِن ڪانسواءِ هُن ’سنڌي لوڪ ناٽڪ‘ نالي هڪ ڪتاب پڻ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي، جنهن ۾ هُن سنڌي لوڪ ناٽڪن جي قسمن: سانگ، نقل، ڪٺ پتلين، ڀڳت وغيره تي تفصيل سان روشني وِڌي آهي.

ڳجرات سنڌي اڪادميءَ جي زير سايع لوڪ ساهتيه جي کيتر ۾ هيو به گهڻو ئي ڪم ٿيو آهي. اڪادميءَ جي سهڪار سان اِن علائقي جا کيترائي سُگهڙ به ميدان ۾ لهي پيا آهن ۽ لوڪ ساهت کنو ڪرڻ ۽ اُن جي وضاحت ڪرڻ جي ڏس ۾ ڪوشان آهن. اِن ڏس ۾ حاجي سليمان وزيراڻيءَ جي ڪتاب ’هنيءَ جا ٻول جتن جا قول‘ ۽ پيرڏان سنگهه سوڍي جي ڪتاب ’سوڍن جا گيت‘ جو ذڪر ڪرڻ پڻ واجب ٿيندو.

’هنيءَ جا ٻول‘ ۾ ته گهڻوتڻو مؤلد ۽ بقايا ڪن جتن سورمن

قابل قدر ڪم ڪيو آهي. هن جي ڪتابن ۾ ’سنڌي ٻوليءَ جي زيارت،‘ ’سنڌي لوڪ ورثو،‘ ’ڳهارتون‘ ۽ ’ڳيچ‘ شامل آهن.

پرسي پنهنجي کوجنا ڪاريه کي ايستائين ئي محدود نه رکيو، پر پنهنجن ڪوششن کي جاري رکندي، بعد ۾ اِهو به ڳولهي ظاهر ڪيو ته دهليءَ جي ڏکڻ ۾ مهروليءَ واري پاسي ٻيهارو هزار ڪن اوڏ رهن ٿا، جيڪي اصل ۾ سنڌ جا آهن ۽ هن وقت اُتي پاڻي ڪاڻين مان ٻجرپور (هڪ قسم جي ريتي) ڪڍڻ جو ڪم ڪن ٿا. اُهي اوڏ اڃا تائين پنهنجون سنڌي روايتون قائم رکيو اچن. هنن جي شادين، غمين، ڏڻن وارن ۾ اڃا به پنهنجون ريتيون رسمون چالو آهن ۽ پڻ سنڌي لوڪ گيتن ۽ لوڪ ڪهاڻين جو ڪجهه سرمايو اُنهن وٽ اڃا به موجود آهي. پرسي گدواڻيءَ اُنهن اوڏن سان رابطو قائم ڪري اُنهن کان پڻ ڪجهه لوڪ ساهتيه ٻڌي قلم بند ڪيو.

هونئن ته لوڪ ساهتيه ۾ گدواڻيءَ ڳيچن، هو جمالو، ٻال گيتن، اوڏن، جتن، ريباڙين جي لوڪ گيتن تي به روشني وڌي آهي؛ پر ڪي اهڙيون شاخون، جن ڏي اڳين ڪم ڪندڙن جو ڌيان گهٽ ويو هو، تن ڏي به پرسي گدواڻي ڌيان ڏنو آهي.

جيئن نارايڻ ڀارتيءَ جي مهارت جو کيتر لوڪ گيت آهن، اِن طرح پرسي گدواڻيءَ وري ڳجهارتن تي تفصيل سان لکي، ۽ پنهنجي ڪتاب ’ڳجهارتون‘ ۾، اُنهن جو هڪ وسيع ڀنڊار ڏيئي، اِن کيتر ۾ پنهنجي مهارت جي ڌاڪ جمائي آهي.

پرسي گدواڻيءَ کان پريرڻا حاصل ڪري، گجرات جي هڪ ساهتڪار چيني لالواڻيءَ به لوڪ ساهتيه جي کيتر ۾ قدم رکيو. پهرين ته هن گجرات سنڌي اڪادميءَ جي چيئرمن هجڻ واري وقت، گجرات ساهتيه اڪادميءَ طرفان پرسي گدواڻيءَ جي رهبريءَ هيٺ، سنڌي لوڪ ادب جي سنگره سوڌ ۽ سهيڙپ جي اِسڪيم شروع ڪرائي، جنهن هيٺ اڄ تائين ڪافي ڪم ٿي چڪو آهي. بعد ۾ هن اِن کيتر ۾ خود به کوجنا ڪاريه شروع ڪيو.

طرفان پڻ هڪ سيمينار، آديپور ڪڇ ۾ منعقد ڪيو ويو هو. اِنهن سيمينارن دوران لوڪ ساهتيہ جي مختلف پهلن جي اُٿل پٿل ڪري، اِن وشيہ تي ڳوڙهائيءَ سان ويچار ڪيو ويو آهي ۽ پڻ ڪي مثبت نتيجا بہ ڪڍيا ويا آهن.

هني علائقي ۾ سنڌي لوڪ ساهتيہ جا اڃا بہ اڻ ميا ذخيرا ڪوجنيڪن لاءِ اڻ اِستعمال ڪيل پيا آهن. سنڌيءَ ۾ چوندا آهن تہ 'مال پيا آهن مٽين، پر پير جڏهن ڪو ڪٽي'. سو ئي اگر اڃا وڏيڪ قدم ڪڻبو تہ وڏيڪ فيضياب ٿي سگهبو.

هني ايراضي، سنڌ جي سرحد سان لڳندڙ ايراضي آهي ۽ جيئن هنيءَ ۾، تيئن ئي سنڌ جي سرحد سان لڳندڙ هئي هڪ ٻارتي پرڳٽي راجسٿان ۾ بہ سنڌي لوڪ ساهتيہ کي ڳولهي لهڻ لاءِ وڏا امڪان ۽ وَجھ آهن.

ڪڇ ۽ سنڌ جي پرمپرائن وانگر راجسٿان ۽ سنڌ جون پرمپرائون بہ صدين کان پاڻ ۾ ڳنڍيل رهيون آهن. 'مومل راڻو' جي ڳالھ، 'ڍول مارُئيءَ' جي ڳالھ ۽ ٿر جا ڪيترائي لوڪ گيت اِن جو پرتک مثال آهن.

راجسٿان جي جيسلمير، ٻارميڙ، بيڪانير ۽ جوڌپور ايراضين ۾ اسانکي ڪيتريون ئي اهڙيون لوڪ کهاڻيون ۽ لوڪ گيت ملندا، جيڪي سنڌي لوڪ ساهتيہ جو هڪ اٽوٽ حصو آهن. اِن ڏس ۾ مان جيڪر 'بوُبنا جرار' واري لوڪ کهاڻي جو ذڪر ڪريان. اِن کهاڻيءَ جون مختلف زباني روايتون ۽ پڻ انيڪ هٿ سان ڪتابت ڪيل نسخا راجسٿان جي جدا جدا شهرن ۾ مهيا آهن. اهڙو ئي هِڪُ نسخو هٿ ڪري ويرو بسنتاڻي 'سنڌ جي امر کهاڻي بوبنا جرار' نالي سان ڇپائي پڌري ڪئي آهي. اِها کهاڻي پڻ هندو مسلم مشترڪہ تهذيب کي اُجاگر ڪندڙ آهي. کهاڻيءَ ۾ بوُبنا ۽ مومنا جي مڱڻي وقت ناريل ۽ ٻي اهڙي سامگري موڪلڻ يا پچاڙيءَ ۾ هندو ڌرمي ڏند ڪٿائن وانگر شِو ۽ پارپتيءَ جو پرگهٽ ٿيڻ ۽ پاروتيءَ جي اِسرار تي شِو جيءَ جو بوبنا ۽ جرار کي وري زنده ڪرائڻ؛ اِهي ڳالهيون ڏيکارين ٿيون تہ اِهي لوڪ کهاڻيون هندو توڙي مسلم عوام ۾ ڪيتريون نہ پياريون هيون، جو هر مذهبي فرقي

۽ سمن حاڪمن جي ثنا جو ڪلام آهي. پر ’سوڍن جا گيت‘ ڪتاب مونکي خاص اهميت وارو لڳو، ڇو تہ اُن ۾ ڏنل گيتن جي ٻوليءَ ۾ نہ فقط سنڌي ٻوليءَ، خاص طور اُن جي ڍاٽڪي ۽ ٿري لهجن جون جڙون ملن ٿيون ۽ ٻوليءَ جي اوسر جون اهم ڪڙيون اُڀري، چِٽيون ٿي بيهن ٿيون، پر اسان جون ڌارمڪ پؤراڻڪ، اِتهاسڪ ۽ سماجڪ پرمپرائون ۽ سندرڀ پڻ اسان اڳيان چِٽا ٿي بيهن ٿا. هيستائين ڪن دوستن کي اِها شڪايت رهندي هئي تہ سنڌي لوڪ ساهت ۾ هندو پهلو مناسب ماترا ۾ اُجاگر نہ ٿيو آهي، پر سوڍن جي گيتن ۾ اسان کي ڪيترين هندو ڌرمي ۽ پوراڻڪ ڪٿائن جا سندرڀ ملن ٿا.

هنيءَ ۾ جتن ۽ سوڍن سان گڏ ٻيون بہ گهڻيئي جاتيون مقيم آهن. اُنهن ۾ ٿيٻا، جاڙيجا، سمات، سما، سمورا، لاڪا، ريٻاڙي، ميواتي ۽ ٻيون جاتيون شامل آهن. گجرات اڪادمي کي گهرجي تہ جيئن اُن سوڍن جي گيتن جو مجموعو ڪڍيو آهي، تيئن ڪِن محنتي ۽ سيبتن سُگهڙن کي ڪم ۾ لڳائي ٻين جاتين جا لوڪ گيت بہ قلم بند ڪرائي، اُنهن جا بہ جدا جدا مجموعا ڪڍن. جنهن سان هِڪ وڏو ذخيرو تباهہ ٿيڻ کان بچي ويندو. ممڪن آهي تہ ڪيترين جاتين جا لوڪ گيت هڪ جهڙائي رکندڙ بہ هجن، پر اُنهن ۾ ٻوليءَ جا جيڪي جدا جدا لهجا ۽ لفظن يا ادائگيءَ ۾ هلڪي ۽ باريڪ تبديلي بہ ملندي. اُها بہ گهٽ اهميت ڀري نہ آهي. اُن سان بہ ٻوليءَ جي ڪِن پهلوئن تي روشني پوندي. ممڪن هجي تہ اُهي گيت ڪئسيشن ۾ بہ ڀرائي ڇڏجن، جنهن سان اُنهن جا سُر بہ محفوظ ٿي ويندا.

گجرات سنڌي اڪادمي لوڪ ساهتيہ تي، خاص طور هنيءَ جي لوڪ ساهتيہ تي سيمينار ۽ ورڪشاپ وغيره ڪرڻ سان پڻ اِن ڪاريہ کي ترقي وٺائي آهي.

جيستائين سيمينارن جو واسطو آهي تہ لوڪ ساهتيہ تي سيمينار ڪرائڻ جي شروعات پهرين مڌيہ پرديش سنڌي اڪادمي طرفان، اُن وقت جي سيڪريٽري شري قيمت هرسينگهاڻيءَ ڪئي هئي. بعد ۾ تہ مرڪزي سرڪار جي سينٽرل هندي ڊئريڪٽوريٽ

۽ ڪرشن راهي طرفان لکيل ’نئين ڇيڇ‘ ۽ ’نئون هو ڄمالو‘ جو ذڪر ڪريان. اِهي ڪي تنها مثال نہ آهن. اهڙا ڪيترائي نوان لوڪ گيت ڀارتيءَ جي ’اُڏر پکي پرديسيڙا‘ ۽ راهيءَ جي ’ڪماچ‘ ۾ شامل آهن.

اڪثر اِئين ٿيندو آهي تہ جيڪا شيءِ پاڻ وٽ هڪڙي حاضر هوندي آهي، اُن جو قدر گهٽ ٿيندو آهي. سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ ’گهر جو پير چُلهہ جو مالڪ.‘ سو اسين بہ لوڪ ادب جي تلاش لاءِ ٻيءَ طرح تہ گهٽ ڪوششمند رهيا آهيون؛ پر ڪجهہ اهڙو لوڪ ساهتيہ بہ آهي، جيڪو اڄ بہ اسان جي گهرن ۾ موجود آهي ۽ اسانجي مائرن، ڀينرن ۽ وڏڙن جي زبان ۽ دلين ۾ ڀريو پيو آهي. اُهي اهن اسان جون انيڪ ڌرمي ۽ ڏڻن وارن جون آکاڻيون. اسان وٽ مهالڪشميءَ جي سڳڙي جي، شوراتريءَ جي، سومر ديوتا، وسپت ديوتا ۽ اڪثر هفتي جي ستن ئي ڏينهن جي ديوتائن جون آکاڻيون، ٽيجڙي ۽ گوگڙي وغيره ڏڻن جون گهڻيون ئي ڪهاڻيون چالو آهن. اُنهن ۾ وچ وچ ۾ ڪي ڪي گيت بہ اچن ٿا. اِنهن ڪهاڻين ۾ اسانجي ريتين رسمن ۽ ڪٿي ڪٿي اسانجي پُراڻي آچار وهنوار ۽ عادتن جو بہ ذڪر آهي. اسانکي ڪوشش وٺي آهي بہ قلمبند ڪري، اُنهن جي بہ عملي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ گهرجي.

آخر ۾، ’ڀارت ۾ سنڌي لوڪ ادب تي ٿيل تحقيق‘ بابت هِن مقالي ۾ اگر پروفيسر رام پنجواڻي، دادا جئرامداس دولترام، شري گوبند مالهي ۽ ڊاڪٽر ليڇمڻ خوبچنداڻيءَ طرفان، اِن ميدان ۾ سڏي يا اڻ سڏي نموني ورتل ڪوشش کي ياد نہ ڪرڻ بي اِنصافيءَ جي ڳالهہ ٿيندي. اِنهن چئني بزرگن نہ فقط ڀارت ۾ سنڌي لوڪ ساهتيہ تي سڀ کان پهرين ڪم ڪندڙ، نارائڻ ڀارتيءَ کي همٿائي، هُن کي اِن ڪيتر ۾ اڳتي ۽ اڳتي وِڌون کڻڻ لاءِ آماده ڪيو، پر هُنن پنهنجي روءِ سوءِ بہ اِن ڪيتر ۾ ڪم ڪيو آهي.

پروفيسر رام پنجواڻي، سنڌي ٻوليءَ جو ماهر، ڀڳتين ۽ چونڪين جو سِرمور ۽ لوڪ ساهت جي مرم جو ڄاڻو هو. هُو سنڌي ريتين رواجن ۽ اُٺي وينيءَ جو پڪو ڄاڻُو هو. هُن پنهنجي

اُنهن تي پنهنجو مذهبي رنگ چاڙهيو آهي.

بوبنا جرار جي قصي وانگر ئي مومل راڻي جي قصي جون به مختلف روايتون راجسٿان ۾ پرچلت آهن، جن مان هڪ لنبي روايت ڪجھ سال اڳ هنديءَ جي ’سريتا‘ مخزن ۾ به شايع ٿي هئي. اسانکي ڪوشش ڪري جدا جدا ڪهاڻين جون اهڙيون ٻيون به مختلف روايتون هٿ ڪرڻ گهرجن. ساڳيءَ طرح پدمڻي ۽ علاؤالدين، رُڪمڻي ڪرشڻ ۽ ٻين لوڪ ڪهاڻين جون به مختلف Versions راجسٿان ۾ رائج آهن (سَ ۽ ديش ري گُوجري وغيره). راجسٿان ۾ سنڌي لوڪ ساهتيه تي ڪم ڪرڻ جا اڃا بيشمار وجھ، سنڌي کوجنيڪن جو اِنتظار ڪري رهيا آهن.

• لوڪ گيتن جي هوئن ته هڪ وصف اِها به مڃي ويندي آهي ته اُن جو رچيندڙ يا ناهيندڙ انام يا نامعلوم ۽ اڻ ڄاتل هوندو آهي. ماڻهن جو مطلب فقط اُنهن کي ڳائڻ يا ٻُڌڻ ۽ اُن جو لطف ماڻڻ سان هوندو آهي. پر اِها به حقيقت آهي ته لوڪ گيت يا ڪهاڻي، ڪجھ به / پهرين ڪنهن نه ڪنهن هڪ ماڻهوءَ طرفان يا ماڻهن جي مجموعي طرفان رچيل ضرور هوندو آهي. پوءِ اِها ٻي ڳالھ آهي، ته بعد ۾ اُهو ڇڻ ته پنچايتي مال ٿي پوندو آهي ۽ جنهنکي جيئن وڻي، سو اهڙي نموني پيو اُن ۾ جوڙ - توڙ ڪندو آهي. پر اُهي اصل ۾ / ڪنهن هڪ يا وڌيڪ شخص جا رچيل ضرور هوندا آهن.

ڀارت ۾ سنڌين جو لوڪ جيون يا گڏيل زندگي گهٽ هئڻ سبب اسانجي ڪِن سُڄاڻ اديبن به لوڪ ساهتيه وارين خوبين کي ڌيان ۾ رکندي، پنهنجي طرفان لوڪ گيت گهڙڻ جي سچيت ڪوشش ڪئي آهي. اهڙن اديبن ۾ گووردن ڀارتي، ڪرشن راهي، پوپٽي هيراننداڻيءَ ۽ ڍولڻ راهيءَ جا نالا قابل ذڪر آهن. قسمت سان اِنهن نون لوڪ ڪوين کي وري ڀڳونتي ناواڻيءَ جهڙي سريلي ۽ لوڪپريه گايڪا به ملي ويئي، جنهن ڪري سندن لکيل گيت ماڻهن ۾ مقبول بڻجي، لوڪ ساهتيه جهڙو درجو حاصل ڪري سگهيا آهن. اِن ڏس ۾ مان جيڪر گووردن ڀارتيءَ جي ’ٽپالي گهوٽ جو خط ڏيڪار‘ يا پوپٽي هيراننداڻيءَ جي ’تنهنجي سنهڙي خميس سونهي ستارن سان‘


اِن چاڻ ۽ مهارت سان نہ فقط لوڪ ادب تي ٿيندڙ ڪاريہ جي رهبري ڪئي، پر خود بہ 'سنڌ جا ست ناٽڪ' ۽ ڪجھ متفرقہ ليک لکي هن کيتر ۾ يوگدان ڏنائين.

ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچندائي، ڀاشا وگيان (لِسانيات) جو ماهر ۽ سنڌي ٻوليءَ جو عالم آهي. هن صاحب پڻ ڊاڪٽر نائڻ پارتيءَ کي لوڪ ساهت تي ڪم ڪرڻ جي ڏس ۾ نيڪ صلاحون پئي ڏنيون آهن.

شري جئرامداس دولترام بہ سنڌي ٻوليءَ جو عالم ۽ سنڌ جي تواريخ ۽ پرمپرائن جو ماهر معلم هو. هن سنڌ ۽ سنڌين بابت ساهتيہ جو ڳوڙهو ابياس ڪيو هو. هن صاحب جي لوڪ ادب ڏانهن بيحد گهٽي دلچسپي هئي ۽ نہ فقط اِن ڪاريہ کي همٿايائين، پر 'ڪويل ۽ ڏيپچند' واري پراڻي ڪهاڻي، دوهن ۽ اُنهن جي سمجهاڻيءَ سميت، دودي چنيسر (ڀونگر ۽ ممت) واري ڪهاڻي، ماموئي فقيرن جي بيتن ۽ ٻئي لوڪ ساهتيہ بابت کيترائي ليک، پنهنجي مخصوص ۽ شاندار عبارت ۾ ۽ نيٺ سنڌيءَ ۾ لکي 'هندواسي' ٻين اخبارن ۾ شايع ڪرايائين.

شري گوبند مالهيءَ جو تہ شروعءَ کان وٺي عقيدو ئي اِهو رهيو آهي تہ ڀارت ۾ سنڌي ٻولي ۽ ڪلچر، Vocal Culture واري ڍنگ سان ئي اُسري ۽ قائم رهي سگهندي. اِن مقصد سان ئي هن 'ڪلاڪار منڊل' جي اِستاپنا ڪئي هئي ۽ نگر نگر، شهر شهر ۾ وڃي، لاڏن، لولين، اوراڻن ۽ هر طرح جي لوڪ گيتن سان، ڀارت جي ڪنڊڪڙڇ ۾ وسيل سنڌين ۾ نئين سر سنڌيت جو جذبو ڦوڪيائين. خوشقسمتيءَ سان ڪلاڪار منڊل کي ڀڳونتي ناواڻيءَ جهڙي مايہ ناز ۽ سريلي گايڪا جو ساٿ مليو؛ جنهنڪري سنڌيءَ جا کيترائي لوڪ گيت، جيڪي هونئن شايد بي جان بڻجي، متروڪ ٿي وڃن ها، سي وري سنڌي سڄڻن جي زبان تي آيا ۽ اُنهن ۾ نئين جان پيئي. اِن طرح گوبند مالهي ۽ ڀڳونتي ناواڻيءَ لوڪ گيتن کي، اُنهن جي جيئاپي واري کيتر -لوڪن تائين پهچائڻ ۽ اُنهن کي نئون جنم ڏيڻ ۾ اهميت ڀريو رول ادا ڪيو آهي.

پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا هند ۽ سنڌ جو مشهور و معروف عالم، اديب ۽ محقق آهي. ١٩٦٣ع ۾ لنڊن يونيورسٽيءَ مان ايم.اي.(لسانيات)، ۽ بعد ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪلچرل هسٽريءَ ۾ ڊاڪٽوريٽ حاصل ڪرڻ کانپوءِ علامه اقبال اوپن يونيورسٽي، اسلام آباد ۾ ست سال ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ تقريبا اڍائي سال وائيس چانسلر رهي چڪا آهن. هنن جي زورِ قلم کان اندازا ٣٠ ڪتاب ۽ ٦٠ کن تحقيقي مقالا لسانيات، ادبي تواريخ ۽ سماجيات وغيره موضوعات تي شايع ٿي چڪا آهن. هينئر هو حيدرآباد (سنڌ) ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي چيئرمن طور پنهنجون خدمات ڏيئي رهيا آهن.



پروفيسر ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي (رٽائرڊ هيڊ، سنڌي سيڪشن، يونيورسٽي آف دهلي) لسانيات ۽ سنڌي ادب ۾ بيحد مهارت رکندڙ آهن. ڀارت ۾ سنڌي ادب جي کوجنا ڪاريه ۾ سندن اهم مقام آهي. تحقيق جو شوق کين ورثي ۾ ئي سندن پتا صاحب، پنڊت ڪشنچند جيٽلي کان مليو. هنن جون تصنيفات ’سنڌي ساهتيه جو اِتهاس‘، ’لالچند امر ڏنومل‘، ’اوائلي شايع ٿيل لوڪ ڪهاڻيون‘، ’شاهه جو رسالو - هڪ اڀياس‘ ۽ ’سنڌي پهاڪا ۽ محاورا‘، هڪ هڪ ڪتاب وڏي اهميت جو حامل آهي. هن صاحب پنهنجي گهري ڄاڻ جو فيض، سنڌي ادب کي ڪيترن ئي کوجناتمڪ مضمونن ۽ الڳ الڳ سيمينارن ۾ پڙهيل پيپرن ذريعي پڻ ڏنو آهي.



هيرو ٺڪر سنڌي علم ادب جي دنيا ۾ انتهائي مقبوليت رکندڙ شخصيت آهي. ١٩٧٨ع ۾ شايع ڪيل، سندن ڪتاب ’قاضي قادن جو ڪلام‘ جي پوري هند ۽ سنڌ ۾ شاندار آجيان ڪئي ويئي. جنهن ۾ هن صاحب قاضي قادن جا ١١٢ بيت سوڌي ۽ سنواري پهريون ڀيرو ميدانِ ادب تي آندا. تحقيق جي ان تڪليف ده کيتر تي ٺڪر صاحب اڃا به وڏو ڪم ڪري رهيو آهي. هينئر جلد ئي اِن پهرئين تحقيق جو ٻيون ڀاڱو شايع ٿيڻ لاءِ سندن هٿ هيٺ آهي. اِن کان سواءِ هن ’ڀيرومل مهرچند‘ ڪتاب ڏيئي ان شخصيت بابت پڻ ڪافي کوجناتمڪ ڪم ڪيو آهي. تازو شايع ڪيل ’تحقيق ۽ تنقيد‘ ڪتاب ۾ سندن الڳ الڳ سيمينارن ۾ پڙهيل مقالا ڏنل آهن. هينئر هو دادو ديال جي سنڌي ڪلام ۽ ٻين ڪيترن ئي موضوعات تي تحقيق پڻ ڪري رهيا آهن.



ART SPOT